# بخاريءَ جا قطعا

ـــــــ استاد بخاري

ڪمپوزنگ : شبانہ ٽالپر

آن لائين سنڌ لائبريري
www.sindhlibrary.com

رات آئي قبر تي،
ڏينهن ڏي نظرون ڪٿان،
ڏينهن آيو حشر تي _
يا الاهي، اَلامان!

جهل جي اونداهه ڪي،
ڏينهن تي ڏسٽو پيو،
ظلم جي آڙاهه ڪي،
مينهن تي ملٽو پيو.

روشنيءَ جي واسطي،
راهه تي ٻهڪي پرو،
زندگيءَ جي واسطي،
دار تي ٽهڪي مرو.

جي ستمگر آسمان،
عزم پنهنجو عرش آهه،
جي شفيق ۽ مهربان،
ديد پنهنجي فرش آهه.

جي ظلم ڪندڙ آهه، اُهو آ شيطان،
جو ظلم سهي ڪين ڪچي سو حيوان
جو اَمن ڏئي، اَمن گهري، اَمن وٺي-
هن دور جو انسان اهو آ نسان.

❖

آ عرش – نشين، عرض اگهائي ڪوئي!
آ اهل – زمين، ظلم مٽائي ڪوئي!
ڀي رب جي مخلوق کي طاقت ناهي،
انسان کي انسان مچائي ڪوئي.

ϖ

هي هيڏا وڏا ڪوٽ، ڊهي ئي پوندا،
محلن جا مٿيان چوٽ، ڊهي ئي پوندا،
ڪنهن وقت ٻه ڌرتي جو ڪو ڌوڏو ڪاڏو،
گهورن تي چڙهيل گهوٽ، ڊهي ئي پوندا،

ϖ

هي جهل جو اُندهه، لهي ئي ويندو،
هي ظلم جو آڙاهه، ٺري ئي ويندو.
مظلوم جي آهن جو اثر ٿيٽو آهه،
جو جوش ۾ الله، اچي ئي ويندو،

ϖ

هي ظلم جا زنجير، ٽٽي ئي پوندا،
۽ باهه – پريل تير، گسي ئي پوندا،
پرچاءُ ڪندا مون سان ۽ توسان آخر،
هي بخت هي تقدير، رُسي ئي پوندا،

ϖ

جي تنهنجي ستم جي ٻه هي تمهيد آهي،
مون لاءِ ٻه ڇڻ "دار" وڏي عيد آهي،
اونداهه جي غفلت جو پکيڙيندين تون،
مون وٽ ٻه عمل، عزم جو خورشيد آهي،

ϖ

جي جهنگ ڪندو تنگ ته ساڙي اچبو،
هوندو جي بيابان ته لتاڙي اچبو،
او منزل – مقصود، هي وعدو آهي –
آيو جي اڳيان اُپ ته ٻه ڦاڙي اچبو،

ϖ

اچبو ته جگر شير جو ڏاري اچبو،
هر ديو ۽ راڪاس کي ماري اچبو،
او منزل – مقصود، هي واعدو آهي –
هر حال ۾ انجام کي پاري، اچبو،

ϖ

طارق تي اڳيان بحر اڪاري اچبو،
فرهاد تي ڪهسار کي ڏاري اچبو.
جي سچَ لتو، چَنڊ لِڪو، تي اوندهه،
ته ٻه عزم جي آڙاهه کي ٻاري اچبو.

ϖ

ها، ماڪ سان ڳڏ نير وهائي ڪوئي،
۽ واءُ سان ڳڏ ڌوڙ وسائي ڪوئي،
انسانيت آهي ڪٺُي انسانن خود،
ماتم ملي فطرت سان مچائي ڪوئي،

ϖ

هن دور ۾ ڪـهڙو رهيو حيوان جو ڊپ،
ڪنهن جن، ملڪ ديو ۽ شيطان جو ڊپ،
الله ڪان انسان نـہ تـو پيو لـرزي –
انسان کي ڪائي ويو انسان جو ڊپ.

ϖ

سڪرات ۾ ڪو ڪجهه تو گهري، آهي ڪو؟
انصاف جو بوتو تو پُري، آهي ڪو؟
هن هيڏي جهان، ٿن اربن ماڻهن ۾ –
انسان کي انسان تو ڦري، آهي ڪو؟

ϖ

غيرت جو گلو ڪو تو گهٽي، او پڇجو!
همت جو اجهو دم تو ٽُٽي، او پڇجو!
هي "ڪُوڪ" ٻڌو ٿا ڪين ٻوڙا آهيو،
انسان کي انسان تو لُٽي، او پڇجو!

ϖ

جو ظلم ڪندڙ آهه، اهو آ شيطان،
جو ظلم سهي، ڪين ڪُجي سو حيوان.
جو امن ڏئي، امن گهري، امن وٺي –
هن دور جو انسان اُهو آ انسان.

ϖ

رنجور کي رنجور بنائڻ ويتر،
مسرور کي مسرور بنائڻ ويتر،
هن دور جون رسمون ۽ رواج، الاهو!
مجبور کي مجبور بنائڻ ويتر.

ϖ

هن دور جي دلين ۾ محبت پوکيو!
ڪلف جا ڪيا لاهه ۽ الفت پوکيو.
نفرت کي ڏئي باههِ، صفائي ڪريو،
رغبت جو ڪري ريج، اخوت پوکيو.

ϖ

تجديد جي پاڪر ۾ شرافت گهرجي!
تهذيب جي جهوليءَ ۾ فضيلت گهرجي.
نئين دور جو اهڙو ته تمدن ٺاهيو،
موزون مشقت کان پو فرحت گهرجي.

ϖ

ليڊر جي غم – جنگ ۾ غلطان آهن،
سي خضر جي تصوير ۾ شيطان آهن.
هي جسم – جهان لاءِ شفا ناهن پر،
ناسور ڪنو ڪوڙهه ۽ سرطان آهن.

ϖ

سامان – تباهي تي ڪروڙين رقمون،
خرچن ٿيون خوشيءَ ساڻ ڏڙا ڏڙ قومون.
گولين ۽ بمن لاءِ خزانا ڪليل،
ڪو ڏوهه ڪيو آهه فقط "تو ۽ مون"

ϖ

عيدن جي پٺيان تاڪ ۾ ماتم آهن،
جنت جو ڪنيو پير جهنم آهي.
ايجاد جو چهرو ٿو سچو چمڪي پيو.
هڪ داغ سندس نرڙ تي "ايٽم" آهي.

ϖ

قارون ۽ شداد اجا ناھن چا؟
مجنون ۽ فرھاد اجا ناھن چا؟
ھي عام خيال آ تہ بشر سڌريو آ،
بيداد ۽ بغداد اجا ناھن چا؟

ϖ

مضبوط پھاڻ کي لڳن تيون پيڙهون،
ڪمزور ڪرڻ کوڙ ڪڪايون ڪنديون.
ان دور جون پاڙون بہ اُتوَ نڪريءَ تي،
جو دور سِکيو آھ اھي تعميرون.

ϖ

تقدير ڏيڻ سات نہ تي پئي چاھي،
تدبير بہ ظاھر تہ بچي ئي ناھي.
توڙي جو اڳيان باھہ پٽيان پاٽي آھہ،
پر واھہ جو ”اميد“ بہ ڪا شيءِ آھي!

ϖ

اميد جي شمعن کي جلايون ويٺا،
پروانا خيالن جا پچايون ويٺا.
توڙي جو ڪري تيل ڏيون تا رت کي،
محفل تہ بھر حال مچايون ويٺا،

ϖ

گھمجن تيون گھتيون کوڙ گناھن ھاٿيون،
ڪُندڻ مان ثوابن کي ليپي تا آٿيون.
جي سچ تا پچو سون جي ذرڙين خاطر،
تي ”ڏوڙ – ڏيان“ ڏوڙ اسين تا چاٿيون.

ϖ

صد فخر جو آهيان مان اوهان جو شاعر،
ماضي جو نہ، هن وقت – روان جو شاعر،
پر ڪند ڪٺان، ڀانهن هٺان ڪهڙي مان،
مجبور ۽ مجبور زبان جو شاعر.

ϖ

جنهن دور ۾ انصاف نہ ٿيندا آهن،
حقدار کي ڪو حق نہ ڏيندا آهن،
ٻُڌجي ٿو تہ ان دور سندا پيءُ ۽ ماءُ،
اولاد بہ باغي ئي ڄڻيندا آهن.

ϖ

بي حال کي خوشحال ٻُڌائين ڇو ٿو؟
انڌير کي انصاف سڏائين ڇو ٿو؟
تون زون جي رکندين تہ ڪو چوندو بہ ڪٽي،
پر رات، ڇِٽو ڏينهن چوائين ڇو ٿو؟

ϖ

افسوس جو ”هم حال“ اوهان سان ناهيان،
ڪا ڳالهہ نہ آ، مان بہ تہ انسان آهيان،
انسان جون تقاضائون تہ ساڳيون آهن.
چاهيو تا اوهين جيڪي، اُهي ٿو چاهيان،

ϖ

ها، جنگ کان هن دور کي نفرت آهي –
پُر جنگ تہ انسان جي فطرت آهي.
دل ۾ نہ ڪجانءِ، امن جا عاشق ”اُستاد“،
ظالم سان لڙڻ جي تہ ضرورت آهي.

ϖ

سچ پچ تہ سر ۽ ساهہ کان آهي پيارو –
هي ”امن و امان، امن و امان“ جو نعرو.
ظالم نہ ٿيو، ۽ ٿيو مظلوم متان!
جو تنگ ڪري، جنگ ڪريو او يارو“

ϖ

هڪ ڳل تي لڳي چوٽ ڏجي ٻيو ٺاهي –
دستور زمانا اهو پنهنجو ناهي.
چاهي ڪو اسان کي انهيءَ کي چاهيون،
ڊاهيون ٿا انهيءَ کي جو اسان کي ڊاهي.

ϖ

تسليم تہ ماحول صفا گرم آهي –
استاد جي تحرير ذرا نرم آهي،
الله کي انسان کي اُهي اکيون ڏي!
انسان ۽ انسان سان وڙهي، شرم آهي.

ϖ

ڪيڏانهن اچين ٿو پيو ڊرڙو ڊرڙو –
هو تنهنجا ڏيا ڏاند، هو تنهنجو ڇڪڙو،
راڪيٽ جا هسوار، خلائي انسان،
ڪيڏانهن وڃين پيو تڪڙو تڪڙو؟

ϖ

اريا بہ لُٽيرا ها، لُٽي، لُٽجي ويا،
ترخان، مدد خان ڦُري، ڦرجي ويا.
هي سنڌ بهرحال جئي پئي، پئي جيئندي،
ڪئين بار ڪٽڪ آيا، ڪٽي ڪٽجي ويا

ϖ

الله بنائي آ عجب هي ڏرتي –
مسڪين مسافر جي لئہ رب هي دنيا،
ڳٽچور کي ڏيندي آ ڳچي تي لت ۽ –
غدار جي لئہ آهہ غضب هي ڌرتي،

ϖ

سون بازار مان ڳِني وٺبو آ –
فيض رهبر ڪان پِني وٺبو آ،
جو بہ سمجھو تہ اوهان جو حق آ،
حق مڙسي سان ڇِني وٺبو آ،

ϖ

## تخيل

ڪنهن وقت خيالن ۾ چڙهي ويندو هان،
ڇا لوح و قلم، عرش ٽپي ويندو هان،
اُڏري ۽ ڊُڪي ڊوڙي جڏهن ٿڪبو هان،
پر پنهنجي ٽڪاڻي تي اچي ويندو هان،

ڪنهن وقت خيالن ۾ چڙهي ويندو هان،
اڪبُوت ۾ هر چيز ڏسي ويندو هان،
"چوٽي" تي نظر پوءِ بہ نہ پوندي آهي،
بي ساختہ، مجبور جُهڪي ويندو هان،

هوڏانهن ازل مون کي ڇڪيندو آهي،
هيڏانهن ابد مون کي سڏيندو آهي،
مرڪز جان خرد منهنجو سُسي پوندو آ،
۽ وقت وڏو گول ٿي ويندو آهي،

پولار هوا ساڻ جئين آ پريل!
ڌرتيءَ جي مٿان جئين فلڪ آ بيٺل،
شب روز مٿا سائين، ائين ئي آهي –
دل منهنجي مٿان تنهنجو تصور ڇانيل،

ϖϖ

## بادل

پرواز اهو بادل کھڙو چئبو،
اعزاز، فراز آهي انهيءَ کي سڏبو،
پنهنجي ته ڏيا تو مِ نه تي ڏسجي ڪا،
جيڏانهن هوا ڏُوڪي، وتين تو ڊِڪبو،

بادل تو بلندي تي اُڏامي توڙي،
هر وقت هوائن جي اڳيان پيو ڊوڙي،
تسليم ته پستي جا پهاڙ آهيون پاڻ،
رُخ پوءِ به هوائن جا چڙيون ٿا موڙي.

جيڏو به مٿي تنهنجو هي پرواز آهي،
جيڪو به مليو توکي هي عزاز آهي.
پڪ چاڻ اي بادل، ته پيو ڪجھ ناهي،
هلڪيري طبيعت جو هي سڀ راز آهي،

هڪڙو ته خودي پنهنجي چڙي تو پوڙي،
بي ڳالھ ته پتڪڻ جي سزا تو لوڙي،
جو پين جي ڪلهن تي تو چڙهي چوٽ وٺي،
بادل جي طرح پير نه پنهنجا ڪوڙي،

ϖϖ

## اجان گھٽو گھرجي

پوڙهو ۽ ڪو گونگو ته ڪو بي نور آهي،
سرطان، ذيابيطيس، ناسور آهي،
”سو جهنگ پري آ، جت ڪائيون آهن“
منزل کان بشر دور – گھٽو دور آهي،

ايجاد ۽ تدبير تي مغرور آهي،
سامان ۽ تعمير تي مسرور آهي،
طوفان ۽ يونچال ٿا پوڙن، مارن –
انسان اجا ڪيترو مجبور آهي،

انسان نہ مقدر کي مٽايو آهي،
انسان ڪٽي موت هٽايو آهي،
انسان کي اڃا ڪک بہ سنگهي ماري ٿو،
انسان جو اڃا فخر اجايو آهي،

ٽپڪي ڏئي ڪو چنڊ مٿان پهچي ٿو،
زهري ڏي ڪري زور ڪوئي لڙڪي ٿو،
آفاق جي حدن جو پيل آ پڄرو –
جنهن ۾ ٿي پکي، نوح بشر ڦڙڪي ٿو،

پرواز ۽ رفتار تي نازان انسان،
سمنڊن تي، هوائن ۾ خرامان انسان،
زندان ۽ زنجير مان آواز مان آيو –
وابستہ اڃان آهہ انسان سان انسان،

ϖϖ

## حضرت انسان

ڪير آهي ٿو ماحول سڄو بدلائي،
ڪير آهي ٿو هر ذرو ذرو بدلائي،
آ حضرت – انسان هي، آهي ڪوئي!
هن کي بہ نئين شان سان انسان!

ڪنهن کي آهہ همالي جي ڪئي سر چوٽي،
ڪير آهہ خلا مان ٿو اچي پيو موٽي،
هي حضرت – انسان آ، هن ئي آهن،
دنيا جي تباهي لئہ وڏي ڪڌ ڪوٽي،

ڪير آهہ ٿو نانگن کي نچڻ سيکاري،
ڪير آهہ ٿو لوهن کي ڊُڪڻ سيکاري،
آ حضرت – انسان هي، اهي ڪوئي،
هن کي بہ تہ "انسان" ٿيڻ سيکاري،

ڪير آهہ ٿو پاڻي جي عوض مئي ڏوڪي،
ڪير آهہ ٿو اخلاق جون راهون روڪي،
آ حضرت – انسان هي، آهي ڪوئي،
هن کي بہ چوي سچ ۽ منهن تي ٺوڪي،

ϖϖ

## انسان جي عظمت

انسان کي الله ڏني آهه فضيلت،
تسخير– قمر ۾ ڪا موليٰ جي مشيئت،
تحقيق جي آئيني ۾ گهوري جي ڏٺوسين،
ٿي وهم ويو وهم حقيقت ٿي حقيقت،

انسان جي عظمت کي مڃون ٿا سو مڃون ٿا،
ڌرتي کان هلي چنڊ وڃون ٿا سو وڃون ٿا،
تحقيق جي مضوط هٿوڙي سان ٺڪوري،
وهمن جا ٺلها ٺاٺ پڃون ٿا سو پڃون ٿا،

انسان جي عظمت تو وڌائي يزدان،
انسان جي عظمت تي ملائڪ حيران؛
انسان جي عظمت تہ مسلم آهي –
انسان جي عظمت تي جلن ٿا شيطان،

انسان کي هجي چنڊ جي تسخير مبارڪ،
۽ اشرف – مخلوق جي توقير مبارڪ،
هي چنڊ نہ آ نُور، نئون ڪنڊ ڪو آهي،
تاريخ کي تحقيق جي تنوير مبارڪ،

انسان ڪٿيو چنڊ، مبارڪ باشد،
ڌرتي کي ڇهون ڪنڊ، مبارڪ باشد،
غارن جي زماني کان چڙهيل وهمن جو،
ماڻهن تان لٿو منڊ، مبارڪ باشد،

معلوم ٿيو ڪوجهڙو، ڪارو آهين،
ڪو نور نہ قنديل نہ تارو آهين،
اي چنڊ، مُهاندا ڪي زمين جا تو ۾ –
والله اڳي کان بہ تون پيارو آهين،

اڄ ۾ تہ هو ساڻ خيالي ناتو،
چئجي ڪٿي ”اوهام پرستي“ ناتو،
او چنڊ ڇني ڪير اسان جي ياري،
هاڻي تہ لڳو آهِ حَقيقي ناتو،

ڌرتي جا ڪئين چنڊ اچن ها توتي،
حورن ۽ پريون خوب لهن ها توتي،
فردوس بنايون ها زمين تنهنجي کي،
جي ”آب و هوا“ چنڊ هجن ها توتي،

اي ڪاش هجين ها تون رهڻ جي قابل،
۽ پاڻ هجون ها جي اچڻ جي قابل،
او چنڊ، ڪچهريون ڪي ڪجن ها توتي،
۽ شعر پڙهون ها ڪي پڙهڻ جي قابل،

هي ڪنهن جو خلائن ۾ کُتو آهِ عَلم،
هي ڪنهن جا ادب ساڻ چميا چندَ قدم،
هي اشرف – مخلوق ۽ احسنِ – تقويم،
انسان آ، انسان جي عظمت جو قسم،

ϖϖ

اگر عزم اٽ ٿر اتن ٿا تہ پو،
همالا همالا جُهڪي ٿا پون،
مگر وهم ساگر وٽن ٿا تہ پو،
جوالا جوالا ، پسي ٿا پون،

ϖ

سمونڊن کي هوندا ڪنارا بہ آهن،
پهاڙن ۾ ووڙيو تہ چارا بہ آهن،
جي جرڪي جئڻ جو پڪو فيصلو آ،
تہ هن جوءِ ۾ جيءَ جيارا بہ آهن،

ϖ

ڪنول گل مان ڪوڪو، نہ ٽيندو نہ ٽيندو،
”بخاري“ ڪان دوڪو، نہ ٽيندو نہ ٽيندو،
ملهائي نہ جو ٽڄ جيجل جي لوڪو،
اهڙو ڪو بہ ٽوڪو، نہ ٽيندو نہ ٽيندو،

ϖ

محبت سان پرپور محنت ڪنداسين،
۽ محنت جي هر ريت عزت ڪنداسين،
۽ عزت اسان جي انهيءَ ۾ ئي آهي،
تہ پيارن پنهوارن جي خدمت ڪنداسين،

ϖ

جي ڦاٽن ٽا ڪپڙا تہ سبجن بہ ٿا،
رُسن ٿا جي پيارا تہ پرچن بہ ٿا،
نہ ٿم نا اُميدي، پڌو ملم،
چڪي ٿا پون، چاڪ پرجن بہ ٿا،

ϖ

وجهو ٻوڙ هيڏي اچو سب وڏي!
رني ڪوٽ مان تاج تختي لڏي.
پڙهو ڏيان سان ان جا سونا اکر،
ليڪل لفظ آهن تہ سنڌي – ٻُڌي.“

ϖ

”اڄا رات آهي“ ننڍاڪن جو گفتو،
”اٿو ڏينهن ٿي ويو“ سڄاڳن جو گفتو،
”ملي ئي ٿتو ڪجهہ“ ڪراڙن جو گفتو،
”وٺي رهبو سيڪجهہ“ جوانن جو گفتو،

ϖ

عمر رات سپنو سدورو لڌم،
انهيءَ سپني همت وڌيءَ ۾ وڌم،
ڏسان ٿي ٻُڪل پئي ٿي گهو گهو ڏئيم،
ڳچيءَ مان ڪڍي ڳٽ، سندرو ٻڌم،

ϖ

ڏسڻ ۾ ته ڳوڙهي جو چڻ ڳاهه آهن،
حقيقت ۾ ڳجڳاهه ڪنداهه آهن،
متان تون سڪو واهه سمجهين وڏيرا!
وهي پيا ته مظلوم درياهه آهن،

ϖ

ڦُٽن گيت سُرها گلابي گلابي،
انهن اگرين ۾ هي پيلاڻ ڇو،
نگاهن مان اپريو پوي ڪاميابي،
انهن جي اکين ۾ هي آلاڻ ڇو،

ϖ

مجيم، سچ جو سچ ۽ پچ آهين،
بکئي لئه ڳيو ناهين، او شاعري!
وڏي ذات تي ڏيهه کي زور ڏين پر،
ننگي لئه لٽو ناهين، او شاعري!

ϖ

مزورن ڪسانن جي محنت به ڀوڳيو،
سَلي ۾ اٽن ساهه، محبت به ڀوڳيو،
پلو ڪيت ڳهرجي، پريو پيٽ ڳهرجي،
غريبن جي سَستي سياست به ڀوڳيو،

ϖ

لکڻ جو قسم لوح توڙي قلم جا،
نگهبان اوهين خاص استاد آهيو،
قطعو منهنجي حق جي وڪالت ڪري ٿو،
اوهين خود بہ مضبوط فرياد آهيو،

ϖ

هنن جون چماٽون اجا ياد آهن،
اکيون کول او قوم، استاد آهن،
هنن جي حقن جو حساب ئي نہ آهي،
سچي قوم سَرهي جي هي شاد آهن،

ϖ

چوان ٿو نہ ساٿي جي سرلا هجو،
تہ پونگن ۽ بنگلن جا پٽڪا پٽو،
جي گيرب ڪيا ٿورا گهپرا هجو،
مفادن جي ٽڪراءَ جا ڪڙڪا پٽو،

ϖ

جَتن سان جتن ۽ مَتن سان متا،
جيئڻ ڪاڻ جنگاهہ ۾ جوٽجي ويا،
گرڻ ۾ گتا ڪي ڪتا ڪي رَتا،
ڪي آتا، ڪي ڪاتا، ڪي بازي کٽي ويا،

ϖ

او هاري او ناري! او ڪڙمي مزورو،
اسان واريون ڪلڪون امانت اوهان جي،
توهان جون تڪيون ڪوڏرون ۽ ڪهاڙيون،
توهان جو قسم آهي طاقت اسان جي،

ϖ

اُتيو هاڻ گهوڙو ۽ پانو اُتي پيو،
ٻنيءَ ساڻ گڏ ڪارخانو اُتي پيو،
ڏني اوپ لولي، جهَلي پونءِ جهولي،
مگر چيلهه موڙي زمانو اُتي پيو،

ϖ

جي پهچي ته انسان زهري تي پهچي،
اَٽائون ٻه اُن لئه اَٽائون ڪتي آ؟
نه تو اڄ تائين ڪينسر کي ڪُچلي،
سَٽائو ٻه ايڏو سٽائون ڪتي آ؟

ϖ

قلم سان ڪجي بيلچي سان ڪجي،
گهڙي سان ڪجي يا گلي سان ڪجي،
بهرحال پورهيو ته پورهيو ئي آهي،
سُئي سان ڪجي يا رُنبي سان ڪجي،

ϖ

وڏو چار دنيا وڇائي ڇڏيو آ،
ٻڪئي پيٽ رهندو وڇائي ڇڏيو آ،
پيئڻ لاءِ پاڻي، چُڳڻ لاءِ چوڳو،
قفس جي ڪُڇُن ۾ رکائي ڇڏيو آ،

ϖ

سمونڊن جي قبضي ۾ صحرا اَٿوَ،
پهاڙن جي گهيري ۾ دريا اَٿوَ،
اُڏامون تا ڪيڏو ٻه آفاق آڏو،
وڏو ڇڻ ته پڃرو هي دنيا اَٿوَ،

ϖ

ڪتي ڪنهن جي ٻيڙي ٻُڏي وئي ته چاهي؟
جي لوڙهي تان جهرڪي اُڏري وئي ته چاهي؟
سڄو ڳوٺ ڌُهلن دمامن تي جهومي،
جي گهر مان ڪا گونگي گڏي وئي ته چاهي؟

ϖ

جتي برف ڏاڍي ۾ ڏاڍي ڄمي ٿي،
اُتان ئي ته درياهه وهندا ڏسون ٿا،
جتي چيچڪا ڪائي ڌرتي وڃي ٿي،
اُتيئي ته گجگاهه ڦٽندا ڏسون ٿا،

ϖ

جي ڇَهه ٻُهه ته ڌاريا به چوڌار ڏسندين،
جي پِٽڪو ته پنهنجا به بيزار ڏسندين،
ٻين کي ته ڇڏ پر وڏي وٽ پڪڙ ۾،
تون خود پاڻ کي پاڻ کان ڌار ڏسندين،

ϖ

مِٽيون مائٽيون آزمائي ڏٺيوسين،
سَڳيون ڀائپيون آزمائي ڏٺيوسين،
مصيبت ۾ ڪو يار همدرد ڪونهي،
پڪيون دوستيون آزمائي ڏٺيوسين،

ϖ

ڏٺوَ چا، ڪو پاڇو، اُڏاڻي پکيءَ جو،
مليو چا، بيابان ۾ ڦرهو ڪجيءَ جو،
او گهاتو! گهڙيو مان به ساگر ۾ آهيان،
ها، مون کي به هٿ ۾ ڇلڙ آ مڇيءَ جو،

ϖ

مَلهي ۾ مَري هي ڏٺو ڏيک مون،
تہ ڪوشش ۾ قسمت جي چڪري لڳي،
تدبر هو اوتر ۾ لهرون تڪيون،
مقدر ٽي ساگر ۾ ٽڪري لڳي،

ϖ

وڏي وَٿُ آهي سچيتو شعور،
هجي هوش سان جوش، جزبو ضرور،
فقط عقل تي فخر شاطر عيار،
رڳو هاڻ تي زور اوڳو مزور،

ϖ

وِڏا وات ۾ چو اٿئي مُنگَ زمانا،
ستايو غريبن کي ڪنهن آ، سچي ڪر،
چڏي ڏي اجايا سجايا بهانا،
حقيقت ڪٿي اڄ تہ ڪيرئون اچي ڪر،

ϖ

حقيقت بياني، گلا ٿي پوي ٿي،
حقيقت پسندي، ثنا ٿي پوي ٿي،
ڪجي ڪئين استاد ڪيڏانهن وڃجي،
حقيقت لڪائڻ، خطا ٿي پوي ٿي،

ϖ

مٿي ۾ اَٿئون زندگيءَ جي هوا،
اسين تيز رفتار آهيون سو آهيون،
اڙي موت! ساهت جي رستي مٿان،
اسين توتي هسوار آهيون سو آهيون،

ϖ

هي مهراڻ مجون، هي ڇوليون ڇتيون،
هي ڇڪتاڻ جيوت جو آهي نشان،
جو ٽڪراءُ تنهن ۾ بہ سرچاءُ آ،
عداوت بہ الفت جو آهي نشان،

ϖ

تمنا ۾ تحريڪ موجود آ،
ترقي جي تاريخ موجود آ،
جتي آرزو آ، اتي جستجو آ،
زماني جي تصديق موجود آ،

ϖ

حڪومت تہ عهدن ۾ مجبور آهي،
پر آزاد رعيت ڪي ڇا ٿي ويو آ،
ڪندي مصلحت فيصلا آهي گُم سُم،
حقيقت جي غيرت ڪي ڇا ٿي ويو آ،

ϖ

ڪلامن ۾ منصور شاعر اسان جا،
بيانن ۾ مشهور رهبر اسان جا،
دلين ۾ دغائون، سرن ۾ آنائون،
پڙهي دور ويو آهي اندر اسان جا،

ϖ

ڀلي مون کان سڀ موڪلائي ڇڏيو،
رکو "ياد" باقي ڀُلائي ڇڏيو،
بخاريءَ جون سوچون سنڀالي رکو،
مِٽي سا مِٽيءَ سان مِلائي ڇڏيو،

ϖ

سچي آڌ صديءَ کي سوا پَهرَ ۾
نِبيريون وچون ٿا پُڏائي ڇڏيو
بخاري جي خوشبو بچي شهر ۾
چمن دفن ٿي ويو هُلائي ڇڏيو

ϖ

تو ساگر تي کهڙو سهارو ڏنو
تَسي تر کي کارو ڪنارو ڏنو
جگر ٿهڪندڙ آ نظر ٻهڪندڙ آ
نئون زندگيءَ کي نظارو ڏنو

ϖ

الائي ته ڇا ڇا وڃائي وڃائي
سچي زندگي ئي وڃائي ڇڏيسين
طبيعت رتوڇاڻ مَچَ ۾ نچائي
ڇون ٿا محبت مچائي ڇڏيسين

ϖ

جُهور عقيدو اُڏڙي پيو آ
عقل – جوانو اُکهڙي پيو آ
حُجري جون ٿا تُوٽيون ڪوڙيو
هوڏانهن عرش به اکڙي پيو آ

ϖ

يَميت يَميت دَور ڏکي پيو
گهوگهٽ گهوگهٽ گول وڇي پيو
صحرا ساگر رنَيَ پوي پئي
”رَمبا رَمبا“ رقص هلي پيو

ϖ

دَور نئين جي ديد ۾ دل ۾،
فڪر تہ چاہ فولاد وڃي پيو،
ساگر، صحرا، محفل، مِل ۾،
جهد – بنا جو ناد وڃي پيو،

ϖ

خلقت سُڏڪي گُهرندي آهي،
صحت، دولت، شُهرت، عظمت،
قدرت مُرڪي چوندي آهي،
محنت، محنت، محنت محنت،

ϖ

هي غم دل جو مرهم سمجهو،
ماتم سچ جو سرگم سمجهو،
جهونڪو جهونڪو فاتح – هَٿ،
واڪو – واڪو پرچم سمجهو،

ϖ

ڏينهن جو ڪم آ، رات جو غم آ، سنڌو تنهنجو،
منهنجو هڪڙو هڪڙو دم آ، سنڌو تنهنجو،
گيت لکان پيو، جنگ لڙان پيو، ڏيهہ ڏسي پيو،
ڪَنَ تي قلم آ هٿ ۾ علم آ، سنڌو تنهنجو،

ϖ

صحرا، ساگر بنجي وڃن هي ممڪن آ.
بحرن مان بَرَ بنجي وڃن هي ممڪن آ،
ناممڪن ڪجھ ڪو نہ رهيو آ، او ڏاڍا!
ڏونگر پوپر بنجي وڃن هي ممڪن آ،

ϖ

جهونڪا، طوفان بنبا؟ هو بنجن ٿا پيا،
برپٽ بُستان بنبا؟ هو ڏس بنجن ٿا پيا،
ناممڪن ڪجهه ڪو نہ رهيو آ، او بابا،
سپنا، سايان بنبا؟ هو ڏس بنجن ٿا پيا،

ϖ

وقت هجي روهيلو رڻ پٽ،
ڏينهن ضرور تہ ٿوهر هوندا،
ذهن جتي اونداهيون غارون،
فڪر اتي ڪاريهر هوندا،

ϖ

ڏينهن تتو، تَر ٿاندا، ٿامون،
آوا تي ويا ٿاٽا، ٿانءَ،
پيا تہ چڙيو خود سورج ڪرڻا،
دوڙي ڳولن ڇاڇا، ڇانءَ،

ϖ

جيوَن جو بنگاهہ زمانو،
اوڙي پاڙي ۾ آڙاهہ،
پڌري پَٽ تي پاٽيپٽ ۾،
ڪيتر وٺندو ڪير پناهہ،

ϖ

سورج پنهنجا ڪرڻا پاٽهي،
پنهنجي مُنهن ۾ پالا ڪوڙيا،
هيڏا سارا سمنڊ سگهارا،
هڙ پنهنجي هيٺاهينءَ پوڙيا،

ϖ

سورج جو ناهيرو ڪوڙي،
رُج جو ڪير تي سچ ولوڙي،
تاسَ تڪيءَ جي آس تہ ڏس هو،
ريت تتيءَ تي اُس تي ڊوڙي!

ϖ

مايوسين جي ڳُن مان نڪري،
جُنگ – جهاز – اميدون ايندون،
ماتا من جي جهُڙ مان اُڀري،
عزم عظيم جون عيدون ايندون،

ϖ

پڳ لاهي پوچو پڌرائڻ،
سِرُ قاري سُرمو پارائڻ،
هئہ دنيا تنهنجي همدردي،
رت رئاري رُئاري پرچائڻ،

ϖ

ڀهڳڻ، چائي چار تين تا،
بعضي بزرگ، ٻار تين تا،
روهہ منهجان تا روهي بنجن،
پونءَ، پري! جو بار تين تا،

ϖ

دل پنهنجي سنڀاليو، ميلي ۾ دلبر بہ اَتوَ،
هوشيار رهيو، جو رستي ۾ رهبر بہ اَتوَ،
هت دانهن پوڄهي ڪنهنجي بہ ٿي ڪو صحرا آ،
هت ماس ملي تو ماڻهوءَ جو، بازار ۾ اَتوَ،

ϖ

بعضي بعضي اُپ ڪري ٿو، ڪڪرن واريون حرڪتون،
هيڏو ڏاگھو ٻيلو نندڙن ٿارن واريون حرڪتون،
آءُ بہ ڪٿ استاد، ڪٿي شاگرد ٿيان ٿو دوستو!
پنهنجن يارن کان ٿين ٿيون ٻارن واريون حرڪتون،

ϖ

رات ۾ ڏينهن جو آهي ٻڌو تو چيلھ – پٿو،
تڙڪي، چانءَ جو چٽڪمرو آ پنڌ ڏگھو،
صدمون صدمون ڪندو، گذرئين جهنگ منجهان!
رهڙيو پيو آ راڳي تنهنجو روح سڄو،

ϖ

ساگر، صحرا صحن تي ڏونگر ها ليڪا،
تنهنجا گھرونڊا، افريشيا ۽ آمريڪا،
سپنا، ساپيان، ٿاهين، ڊاهين ويٺو تون،
خير ۽ شير جا تنهنجي هٿ ۾ رانديڪا،

ϖ

مزدور جا ڏينهن ڦِن ٿا مِل جي ڦيٿن وانگر،
سيٺين جا سرمايا سوگھا لوهن ٿنڀن وانگر،
ظالم انڌا، ٻوڙا، گونگا تابوتن جان آهن،
مظلومن جا واڪ وڄن ٿا پٽ جي دهلن وانگر،

ϖ

سانپر لاڪر دل پئي ڪئي آ محبت جي مزدوري،
ڪافي عشق ڪمايم، دل جي پوبہ نہ اُوري پُوري،
هڪڙي عمر هزارين آسون اهڙيون دل ۾ ڏاريون،
هڪ هڪ آس هزارين عمريون، ماٽي پو بہ اڌُوري،

ϖ

هي ضروري ناهي هر هر زلزلو پيدا ڪجي،
قوم ۾ ليڪن مسلسل ولولو پيدا ڪجي،
مشڪلاتون اينديون رهنديون پر پٽو مشڪلڪشا،
هر قسم تي هوش سان گڏ حوصلو پيدا ڪجي،

ϖ

شاعر سوچيو: واڪا تيندا،
وڻ – وڻ وڄندا، پڪ پڪ اُڏندا،
جنگي گيت تي ڪنهن کي سُڌ هئي،
ناچو بنجي نينگر نچندا،

ϖ

تنهنجي اک ۾ پتلي ناهي، پٿري آهي،
سنڌ سڙي پئي تنهنجي اک روئي بہ نٿي،
تنهنجي بت ۾ رت جي بدلي ريتي آهي،
خلق لڇي پئي تنهنجي دل ڇرڪي بہ نٿي،

ϖ

اخبارن ۾ جو تون روز نبيرين ٿو،
سنڌو ڌرتي آڏيري ڪا ٻڪري ناهي،
ڏڏَّر آڏ تيندا، پيٽو، ديس نہ آڏ تيندو!
ديس وندايون، هي ڪا هٽ جي وکري ناهي،

ϖ

ويهين سن ۾ باقي آهن يارهن سال،
ايڪهين جو ڪرڻ آهي استقبال،
ڪاتبُ – وقت لکي ٿو بيٺو تقديرون،
ڪاهل لاءِ زوال تہ الائي لائق لاءِ ڪمال،

ϖ

او طوفانو، ڪارونجهر گهر منهنجو آ،
سَرَ – تيليءَ تي چيهي جو آکيرو ناهي،
دِهه – دِهه دڳ – دڳ قبضو آ تر تنهنجو آ،
ڳيري واري ٽاريءَ تي واهيرو ناهي،

ϖ

انگ اُگهاڙي جي اڳيان اولو ٿيءُ!
پوتِ تي، پهراڻ تي، پَٽڪو ٿيءُ!
ظالمن جي ڪنڌ ۾ ڦندو تي پئُه،
پائرن جي چيلهه جو سندرو ٿيءُ!

ϖ

پيار ۾ سونهن جا گل سرها ٿيو،
خار سان سيلها تکا ڪندا ٿيو،
دوستيءَ ڪي دل جا گلدستا ڏيو،
دشمني ڏاڙهي ته پو ڏنبا ٿيو،

ϖ

دشنن لئه نانگ واري ڦوڪ آ،
دوستن لئه مور واري ڪُوڪ آ،
شرَ هُلايو؛ شاعري گم تي وئي،
خير گرجيو؛ هر جڳهه تي هوڪ آ،

ϖ

درد ۾ زندهه دلي پيدا ڪجي،
ڪشمڪش ۾ دلڪشي پيدا ڪجي،
پنهنجي دنيا، پنهنجي، آزادي، خوشي،
ترسجي چو، خود وڌي پيدا ڪجي،

ϖ

ڪنهن کي سُڌِ هئي ڦٽڪا وسندا،
خانَ لڳا بُت ڪِلندا وتندا،
لفظ سِڌا بَم گولا ناهن،
طعنا پٿرن کي چا لڳندا؟

ϖ

فرد توڙي قوم لئہ هي ڌرتي آ قاعدو،
موت کي منهن جو ڏئي سگهندو اهو جيئندو پيو،
ويئي ويئي وات جي رد ڪد مان ڪهڙو فائدو،
جو ڪري اُٿندو، اُتي هلندو، اهو وڌندو پيو،

ϖ

وقت جي ويئي لکي مون واردات،
لک اصول استاد، پٽڪيو مشڪلات،
”عزم جي سامهون جُهڪيو آفت پوي،
ڏينهن کي روڪيندي ناهي ڪا بہ رات،

ϖ

عزم ۽ امڪان جا اَرڏا – اَڏا،
سي بہ لاهي وينا پڌتر ۾ لُڏا،
چو نہ آئيندا اسان جا پتڪندا،
حال جا ڪردار ٿيا اَنڌا – جَڏا،

ϖ

هن صديءَ جي ديڳ ۾ سنڌو ندي،
سامراجي آڳ کان اُبري پئي،
هوشياري ڪلڪتا، ڪابل سِبي،
انقلابي ايشيا اُبري پئي،

ϖ

پاڻيپٽ ۾ طاقتن جي هوڏ آ،
همتن ۾ حڪمتن جي هوڏ آ،
هوڏ جو، هڪ هڪ ڏجي کهڙو مثال،
چڻ ته هي جڳ جيوتن جي هوڏ آ،

ϖ

ڪوششون – ڪنجون ڪٿي گم ٿي ويون،
قسمتن جي ڳنڍ ۾ ڳوليون ٿا چو،
اڄ – اجالو ۽ سياڻو سوجهرو،
ڪالهه جي ڪچڪول ۾ ڦولهيون ٿا چو،

ϖ

شوق جون شڪتيون غمن ۾ غرق ٿيون،
چڻ ته قومون، انجمن ۾ غرق ٿيون،
سنگدل ويهين صدي تنهنجي هٿان!
جهومنديون بستيون، بمن ۾ غرق ٿيون،

ϖ

دين جي پَرَ يا ڌرم جي نام تي،
ڪنهن کي شرمائڻ مان ڪجهه ورتو نه آ،
بابر، ابراهيم ٻئي اسلام تي،
جو لُٽڻ آيو اهو ٽرڙو نه آ،

ϖ

هڪ صدي اڳ ٿي چُڪو هت فيصلو،
جنگ، مياڻيءَ جي قدامت هت شڪست،
ڪلهه ٻه هو ۽ اڄ ٻه ساڳيو سلسلو،
فتح حڪمت جي، جهالت جي شڪست،

ϖ

مُنهن تَڪيو ماڻهن جو، ويس ڏي ڏسو،
دل جي ڏنـڏن ڪـي نہ چيڙيو دوسـتو،
ٺهڪڙا جن وٽ ڪيڙن تن سـان مـلو،
دردمنـد ڪـي نہ چـــڙيو دوسـتو،

ϖ

قـدر آهُـنِ جــو ڪـٽـي ٿيندو تہ آ،
هانءُ هــوائن جو لُـڏي ويندو تہ آ،
باغ جو گل گل ۽ پَن پَـن پوڪَ جو،
داد، دانـهنِ ڪـي ڏُڏي ڏينـدو تہ آ،

ϖ

شــور ڪـهڙو لَهر جـو سـاگر سـوا،
زور چـا جــو واءُ جـو اوٿـــر سـوا،
شـعر منهنجو گرجي، گڏجي قوم سـان،
اسـلحو بيـڪـار آ لـشـڪـر سـوا،

ϖ

بـحـر ٿي او دوسـت، چَـــر ٿيندو نہ ڪر،
تون آن ڪارونجهر، ڪـڪـر ٿيندو نـہ ڪـر،
پـير پختا ڪـر پـپر جـي پــاڙ جـان،
واءَ وانگــر دربــدر ٿـيندو نـہ ڪـر،

ϖ

چـا وجـايـو، چـا مـليو، ليـکو نہ ڪـر،
ڪجہ ڪٽيو، ڪجهہ هارتو، پٽڪو نہ ڪـر،
چـا اچـڻ ڪـان اڳ، وڃـڻ ڪان پو بہ چـا،
جـڻ ٻُڙي مان وئي ٻُڙي، الـڪو نہ ڪـر!

ϖ

چهرو هر هڪ ديد ڪان گم، گفتو هر هڪ گوش ڪان،
اعتبار ئي گم ٿئي ٿو، ايترو پردو نہ ڪر!
آدمي جو سپنو آ، يا تنهنجو آهي فيصلو،
حشر ڪر، هڳيڏو وڏو هي مسئلو ڏنڌلو نہ ڪر!

ϖ

خواهشون جيڪي ڪڏهن پوريون نہ ٿيون،
چڻ تہ خوشبويون جي ڪنهن ناهن سُنگهيون،
حسرتون اٿورچ دل جون مون ڏٺيون،
رُج ۾ روجهون اجاريون پئي ڊُڪيون،

ϖ

عشق اڻ جهل، عشق کي آرام ڇا؟
ولولي تي ولولو، آ دام ڇا؟
مون تہ ماڻڻ جو ڪيو آ فيصلو؟
صُبح ماٺيم سُون، ماٺيان شام ڇا؟

ϖ

يا تہ ڪوشش جو عمل ڪامل نہ هو،
يا تہ پورهيو، پيار سان شامل نہ هو،
نيڪ نيت، هوش، همت شرط هو،
مرد سامهون ڪو بہ ڪم مشڪل نہ هو،

ϖ

چو ڪتي رڪجون رفيقو، ارتقا رڪجي نہ ٿي،
زندگي جو آرزو ۾ جستجو ٿڪجي نہ ٿي،
ساٿيون، سَندرا ٻڌي، هلندا هلو وڌندا هلو،
پاڻ چو بيهي رهون، دنيا جڏهن بيهي نہ ٿي،

ϖ

لـوچ   ويـڙهي   سـوچ   ۾   رکبـي   نہ  آ،
لاٽ    پـوچـي    پـــــاند   ۾ ٻَڌبـي  نہ  آ،
شخص کـو ڪـڪ ٿئي تہ ڪـڪ تي تو سگهي،
قـــــوم  ساري  ڪجهہ  ٻ ٿئي ٽڪبي   نہ  آ،

ϖ

جـا گهڙي آئي وڏي،  ڇڏجي ٻہ ڇو؟
صبح جو ڪم شام تي رکجي ٻہ ڇو؟
سوچ، ڇيهي ڪي متان ڇُهندو هجين؟
زهـرَ جي ذرڙي  مـگر  چکجي ٻہ ڇو؟

ϖ

هـــو وتن ٿـا عـيش جا شيشا ڪنيون،
هــي اڃن ٿـا گهرج جا تيشا  ڪنيون،
دور – دنيا  جهومندا  وڏنــڌا هلـن،
دل   ۾   دهشتـناڪ انديشا ڪنيون،

ϖ

خام آ، جنـهن جو ٻہ آهي هِي خيال،
سـنڌ  ٿيندي ختم اڳ چاليهہ سال،
سـنڌ رهندي، سنڌي رهـندا شـاد باد،
بـند ڪـر افـواهہ  ڌاريـن جا دلال،

ϖ

نيـم  ديوانو   بخاري  شاعـريءَ   جي  شــوق  ۾،
سـنڌ  اڌ  تـي تي ڇُري پئي نوڪـريءَ جي شوق  ۾،
خلق جيئن جيئن تي ڪـسي، تڙپي تڙپي تيئن تو نچي،
لــوڪ جـو دشــمن مدبر، ليـدريءَ جي شوق   ۾،

ϖ

ڪئسٽن ڪان ٿـي وِي تائين شاعـري،
تـيز باغـي شـاعـر، آهـي ڪـٿـي؟
هـر قـدم تـي ڪوئـي بيـٺي رهـبري،
انـقلابـي – رهــبـري آهـي ڪـــٿـي؟

ϖ

جـوءِ سُرهـي بـوسـتـان جي شاعـري،
روشـني آ ڪـهـڪـشـان جـي شـاعـري،
جوش، هوش ۽ حڪمتون جا تي ڏسون،
دوسـتو، سـمجهو اسان جي شاعري،

ϖ

رات ڪي سڪرات جـو آهي عذاب،
جــو اڳيان ايـريو اڃـي پـيو آفتاب،
خـواب آ، هـر رعـب تخت ۽ تـاج جو،
هڪ حـقيقت آهـي اڻ ٽر انـقلاب،

ϖ

ماڻهون اُلـري مسـئلي تـي مسئلو،
ڪربلا گذري تـہ ڪـڙڪـي زلزلو،
اهڙي مـحشر ۾ دلاور دوستو،
هـوش ڪي گهرجي خدا جو حوصلو،

ϖ

دوستيءَ جـو دم هـٽڻ ڏاڍو ڏکيو،
ڪـنڌ تـي پربت ڪـٽڻ ڏاڍو ڏکيو،
ڪلڪيوليٽر ڪي چڏيو، انسان کي،
يـار جو " هڪ ڳڻ ڳٽڻ" ڏاڍو ڏکيو،

ϖ

عـزم اڏري آسـمان کان اڳيرو،
عرش اعليٰ ڪهڪشان کان اڳيرو،
امـن جـو نغمو ڏنم گونجي ويـو،
سـنڌ چا ساري جهان کان اڳيرو،

ϖ

منهنجو حصو مُڱ، قصو مختصر،
قوم منهنجي ڪوهُه، ساگر بي ڪپر،
شعر ارپيم قوم کي تڱي ويا امر،
قـوم مـنهنجي معتبر کان معتبر،

ϖ

خامشي ۾ سرڪشي ڏسڻي اٿئي-
بي ڊپي بانڪي ٽَڪرَ توڙي ڏي ڏس،
خوامخواهه جي مسخري ڏسڻي اٿئي-
سمنڊ ۽ طوفان جي جهيڙي ڏي ڏس،

ϖ

”قـوم زنـده تـي رهـي پـر جي زبان زنـده رهـي“،
مامتا مَـرڪـي، مَلهـي، پـر جي امـان زنـده رهـي،
توسان، ها توسـان او سـنڌي قـوم آ منهنجو وجود،
تنهنجو شان زندهه رهي پو منهنجي ”مان“ زنده رهي،

ϖ

ڪاٿي آ قـوم سـنڌي، قومي زبان ڪـٿي آ،
ٽِي وِي اسان جي اڏمن جـو ترجمان ڪـٿي آ،
تـاريخ جـو جبر تـو طعنو هٽي پڇي پـيو،
آزاد قـوم، تـنهنجو اوچـو نـشـان ڪـٿي آ،

ϖ

پريات بي نہ ٿئي ۽ ستارا هليا وڃن،
طوفان تيز ٿئي ۽ ڪنارا هليا وڃن،
هيڙوڪلور ڪنهن بہ نہ هوندو ڏٺو ڪٿي،
جو سات پيو هلي ۽ سهارا هليا وڃن،

ϖ

مصري جي تڙ ملي يا وِهُہ جي ڳڙي ملي،
ماکي مٺي ملي يا رَسُولَ ڪڙي ملي،
سنهن ساڪ زندگيءَ جي دلريش دلڪشيءَ جي،
ڳاري ڳهيءَ ڇڏيسين جيڪا گهڙي ملي،

ϖ

انبن جي پال ۾ جيئن گدرو بہ رکبو آهي،
تيئن انتظار ۾ تون ڪجهہ اعتبار رک،
هي چيز ڪم جي آهي مشڪل ۾ ڪم پئي ايندي،
ڪانئر – فرار ۾ تون سورهيہ – ڪرار رک،

ϖ

ڪلو سنيالي، سنيالي، متان رُئي نہ پئو،
رُئو تہ پاند سان اُگهندا وڃو پُسي نہ پئو،
اڃوڪو ڏينهن، مس مس مليو آ مهلت ۾،
سَدو هزار، مسئلا سوين، منجهي نہ پئو،

ϖ

جنون، جوش اوهان جو تيار آهي متان،
سڏي ڏڦيڙ مچرجي، اُٿي، ڊڪي نہ پئو،
اهو بہ عيب غضب جو آ، غير جي هٿ ڪان،
چِڙي ملي تہ اُتيئي جهڪي، هُشي نہ پئو،

ϖ

دهشت ڪي لڳي باهہ، تپهريءَ ڏاري،

عـزت جي اگهي آهہ، تـپهري ڏاري،
تدبـير ۽ تقـدير جـي هـمـت کـي آ،
وَڻ وَڻ ڪئي واهواهہ، تـپهريءَ ڏاري،

ϖ

اُڙاهہ ويـو اونـداهہ کـي ساڙي اهـڙو،
جو پند تہ ڇا پاپ جـو پـيرو نہ مليو،
درياهہ ويو گجگاهہ کي لوڙهـي اهڙو،
جـو ڏار تہ ڇا ڏار جو چوڏو نہ مليو،

ϖ

امـيرن پـير کـي زودار يـار جـي ڳولا،
وچين ڪلاس کي غـمتار پيار جي ڳولا،
مِلون، بزارن پنيون ڳوٺ جون ڳليون شاهد،
غـريب لـوڪ، رڳـو روزگار جـي ڳولا،

ϖ

امـيرن پـير کـي آ مـانَ شـانَ جـو اونو،
وچين ڪلاس کي ڪلچر زبان جو اونو،
مريض ملڪ جي قرضي عوام کي آهي،
اَٽي عـلاج، لٽي ۽ مـڪـان جو اونـو،

ϖ

دل جان جگر آهـي، وطـن جي ڌرتي،
نيڻن جي نظر آهـي، وطـن جي ڌرتي،
هـر دُک جي دوا آهي طبيبو، بابا –
اڪـسير اثـر آهـي، وطـن جي ڌرتي،

ϖ

نوان مشال، نيون روشنيون، نوان شعلا،
نوان خيال، نيون ڪوششون، نوان جذبا،
چيو لطيف، بخاريءَ کي، آزمايو هي،
نوان جوان، نوان قافلا، نوان رستا،

ϖ

محفل جي لفظ، لاٽ ۾ جرڪيو، اُجهيو وڃان،
سچ ٿي پچين ته ڪو نه ڪو الڪو نه ٿو ڇڏي،
ڪاٽي عزيز زندگي، توکي وٺي هلان،
ڪنهن جاءَ تي به موت جو کُٽڪو نه ٿو ڇڏي،

ϖ

سقراط، رسل، باخ گهڻو سمجهايو،
بي انت زمانا، توکي سمجهي نه سگهيس،
يا روح نچايئه يا لچايئه، اِهو ڇا هو،
بيچين بهانا، توکي سمجهي نه سگهيس،

ϖ

قبيح دور ٿئي ٿو قديم جي ضد کان،
ڏيو جديد جي هٿ ۾ حسين ٿي ويندو،
فلڪ جو فخر اجايو ته هُو اُتاهون آ،
جئي اُڏامَ اسان جي، زمين ٿي ويندو،

ϖ

پَڪ، پَرک جي دنيا ۾ انومان اچي نڪتو،
ماڻهن جي مدد لاءِ هنومان اچي نڪتو،
الياس، خضر کي چيو، گُهر، شرِ ڪنان خير،
جبريل جي پوشاڪ ۾ شيطان اچي نڪتو،

ϖ

تخليق جي هر شڪل پڪي شاهد آ،
خلاق جي انڪار جي وقعت ڪهڙي آ،
بي جسم آ، بي مثل آ، بي هيئت آ،
الله جي اقـــرار جي صورت ڪهڙي؟

ϖ

تعريف ۽ تحقيق جو رد ڪد به پُڄم،
تشڪيڪ ۽ توحيد جي پڌر به ته هئي،
پئي عشق– عقيدي جي سهاري تي وڌيم،
پر سُرت – سمڪ راهه ۾ رهبر به ته هئي،

ϖ

خوشبو چيو: مچي پيو هي روشنيءَ جو ميلو،
سنڌو چيو: جيالن جي زندگيءَ جو ميلو،
تاريخ جو ڪنن ۾ گهوگهو وڳو، پڌو مون،
گهوگهو چيو بزاريءَ ڪڙمي ڪميءَ جو ميلو،

ϖ

ڏسو عوام جو گلشن، بهار جي خوشبو،
نئين شعور جون هيرون، وقار جي خوشبو،
ڪڙي پلي ته ڪڙي بوستان پٽائيءَ جو،
مڙي پلي ته مڙي آرپار جي خوشبو،

ϖ

تڪو هوندو ته چڻ ڏاٽو تڪو هوندو،
مڏو هوندو تڏهن بي مترڪو هوندو،
لکيو جيڪو بخاري چوسٽو هوندو،
فضا ۾ ڦڙڪندو، ڳاڙهو جهنڊو هوندو،

ϖ

جي ڪوڪون ٿا، وڏو هنگامو ڪوٺيو ٿا،
جي سڏڪون ٿا ته ٿا اوتر – ڳڙو سمجهو،
اسين مظلوم اُلرون ٿا ته لــــرزو ٿا،
اِجهو مچرون ٿا، هاڻي زلــزلو سمجهو،

ϖ

ايازي عيب سمجهيسين، نه تيموري، نــ تاتاري،
پري پيري، اميريءَ کان نه درگاهي نــ درباري،
اسان جو يار مزدور آهي، منظور – نـظر هاري،
تعارف مختصر آهيون اسين پورهيئي جا پوڄاري،

ϖ

جي سُرڪي ڏين ته ساگر ڏي ڏسان چو؟
جي راضي تين مقدر ڏي ڏسان چو؟
گڏي – گوڏي جي ويهاري چڏين تون،
سڏي هوڏي، سڪندر ڏي ڏسان چـو؟

ϖ

ڏسـان دل ڏي ته ديوانو لڳان ٿو،
اجا اڳتي ته ويـــرانو لڳان ٿو،
جو ڳايو پنڌ ۾ اُس، چانءَ گڏجي،
اهو ڏوڪ – سڪ جو درگانو لڳان ٿو،

ϖ

مان پنهنجو عشق ماڻهن کي تو سمجهان،
اجهل جذبن کي لفظن ۾ وجهان ٿو،
ائين ساگر کي بازر ۾ تو پهچايان،
ڪٽي لهرون کي لوٽن ۾ وجهان تو،

ϖ

مان پنهنجي دل جي ٻرَڪن ڪي لڪائڻ لاءِ ٿڪان ٿو،
اوهين سمجهو ٿا جهومان ٿو، قسم اڏمن جو ٽڙپان ٿو،
جئين ٿو عشق جو اوتر اڪيڙي پير منهنجا پئي،
تئين محبوب تنهنجي سونهن کي مضبوط ڇهتان ٿو،

ϖ

اَڇوڪن اَڻ ڏٺن سپنن جو ڇهرو،
مان آئيندي جي درپن ۾ ڏسان ٿو،
ڪڏهن من تاس ڪيتن جي لهي پئي،
ڪٿي ساگر کي ڪڪرن ۾ وجهان ٿو،

ϖ

شهيد – سِندڌ جو سَندڌ سَهيڙيو،
سوين بخرا ڪري وِک وک وَندايو،
”فن هِن ديس جي دِهه دِهه ۾ ٿئي هو،
وصيت ويو ڪري، پوري ڪرايو“

ϖ

وڃايون ڪيترو جهومي، نچي پر،
ڇپن جو ڇاهُه، ڇنگن ۾ نه ايندو،
ٻُڌايون ڪوڙ تشبيهون ڏئي ايندو،
مزي جو لطف، لفظن ۾ نه ايندو،

ϖ

چمن جو واس جهونڪي مان نه ايندو،
مگر جهونڪو به بُو ڏيندو ته آهي،
مزو سايبان جو سپني مان نه ايندو،
اهو مجبو ته ڪجهه ايندو نه آهي،

ϖ

ڏڏڙ جو جهول ٻنجان ها، مرڻ ڪانپو،
سچي سنڌڙي تي چٽڪاريوم ها ساٿي،
ڳهڙو پاٽيءَ جو پسجان ها، مرڻ ڪانپو،
ڪٽي سنڌو مٿان هاريوم ها ساٿي،

ϖ

حقيقت، علم، حڪمت پيار لئہ اقرار ٿاهيون ٿا،
حماقت، وهم، ظلم ۽ زور جو انڪار ٿاهيون ٿا،
ڳهڻ يارن جي ليکي ۾ مڙئي اشعار ٿاهيون ٿا،
ادب جو سُنهن اسين انصاف جو سنسار ٿاهيون ٿا،

ϖ

يلـي امـرت لـيڻ جـي آرزو ڪـر،
جهجي سنڌوءَ جي جَرَ جي جستجو ڪر،
ازل ڪان عرش تنهنجي بحث ۾ پر -
ڳهٽي تَرَ جي ۽ ڳهرَ جي گفتگو ڪر،

ϖ

مـري غالـب تـو مان چـو مـران،
فـراز ۽ فيض وانگر پيو جيـان،
يـتـائيءَ ڪـي چيم: بابا پُــڌو -
بـچي "سنڌي" تہ مان بہ تو بـچان،

ϖ

تشخص ۽ تقدس سو بہ هن تَرَ جو؟
تڪلف برطرف، چڪچور ٿئي تو پيو،
سچل سرمست وانگر ست زبانو هـي،
يـتائي جو وطن مشهور ٿـئي تـو پـيو،

ϖ

ڏنو آ ڏونگرن تــر بر کي گهوگهو،
ڪنارا سنگهرون، ساگر کي گهوگهو،
اهــو آفــاق جــو گهـيرو ڏئـي ٿـو،
زمين کي، چنڊ کي، انبر کي گهوگهو،

ϖ

ٻُڌي تو ڪير ڪوئل تنهنجي ڪوڪو کي،
تماشا بـاغ ۾، ٻـيلي ۾ ڏو ڏو آ،
سنگهي تو ڪير سرهيا تنهنجي خوشبو کـي،
انهيءَ بـازا ۾ دونهين جـي بـدبوءِ آ،

ϖ

اهــو آفاق جــو گهيرو ڇــلَو آ،
او هستي، ڇــيچ تـنهنجي ۾ پـلـو آ،
ڪري پوندو ڪڏهن ڪٽ نيستيءَ ۾
گسي تـو پـيو اڳيئي گهر گهلو آ،

ϖ

ڏسيو وڻ – وڻ کـي اوتر ۾ وچان ٿـو،
ڇَڏيو منجهه، نـديءَ چر ۾ وچان ٿو،
پـتو نـاهـي تـہ ڇـا ٿيندو خطي جـو:
مـئو اسـتاد ٻُڏتر ۾ وچـان ٿـو،

ϖ

اهـي جـي ان طرف افـــــلاڪ آهن،
حميرئو، ڪـاڪ ۾ چڻ ڪـاڪ آهن،
وڏي مـاٽــن تـا منــزل مينڊرا ســي،
جي هڪ چالاڪ پـيو بـيباڪ آهن،

ϖ

جيئن برسات ۾ ڪيليون ائين پونچل ۾ ماڻهو،
نِيڏڪي خلق، تي جي جيئي ها تہ چا ٿئي ها،
اجايو انتظار استاد، خالق کي ۽ خلقت کي،
قيامت سا هِتي ئي تي بہ گذري ها تہ چا ٿئي ها.

ϖ

تہ چا، گمنام تي ويندا سين يَرَ آهستي آهستي،
خيال – خام تي ويندا سين يَرَ آهستي آهستي،
پروان کي پناهون ڏيندي ڏيندي ڏينهن هڪ ايندو،
اسين خود سام تي ويندا سين يَرَ آهستي آهستي.

ϖ

پهاڙن جون وڏيون چوٽيون جهڪائين تون،
خلائن ۾ اوپالن کي ڊڪائين، تون،
عظيم انسان مان توکي مجيندس پو،
جڏهن سنسار جا آنسو سُڪائين تون.

ϖ

ٿَـڏي خارن پَڏيو، خوشبو ونگيندا سين،
گلن ٽڪهي چيو، مهڪون وندينداسين،
جيئڻ جو حق، رُسي قدسي کسيندا جي،
خدا جو سنهن، نہ ڏينداسين، نہ ڏينداسين.

ϖ

ڪشش جو ڪرشمو هرڪو مڃي ٿو،
سَگهو ”سگمنڊ“ آ جبلت جو جادو،
مگر دنيا کي موهيندو وجي ٿو،
او دانا ”ڪالما“ دولت جو جادو.

ϖ

او ڏاها، تنهنجي ڏاهپ جو پڙاڏو،
هوا ۾ هير ۾، اوتر ۾ آهي،
اٿيو رائين کان راويءَ کان گذريو،
سڄي سنسار ۾، گهر گهر ۾ آهي،

ϖ

کٽي کنڊيون، گلابي موسمون پهتيون،
کري سينگار سهڻيون منزلون پهتيون،
مڃينديون مات، جهڪنديون مشڪلون پهتيون،
جتي تنهنجون ۽ منهنجون جرئتون پهتيون،

ϖ

عقيدا تو، بنا بنياد ٺهرايو،
اچي پيو فرش تي مون عرش ٺهرايو،
قنوطي، تون گهٽو هر وقت روڪيو پئي،
مگر مون دور پئي هر روز ڦيرايو،

ϖ

خدا کان ناخدا تائين خيال آ،
ازل کان انتها تائين خيال آ،
لقاپور جو لقا تائين خيال آ،
بخاريءَ جو لقا تائين خيال آ،

ϖ

وڏيو دنيا جي دل دڪدڪو آهي،
وڏن لوڏن ۾ دهشت، دبدبو آهي،
قيامت ناهي، مظلوم، نہ گهبرايو،
رڳو ظالم جي گهر لئہ زلزلو آهي،

ϖ

حياتـيءِ نانـگ تـي لـت آ،
يا سَرَ تـاندِي جي سنگت آ،
مـزا، ماتـم اتـي ماڻـيو،
ملـيو موقعـو غنيمت آ،

ϖ

هنـر وارو هجيءِ دنيا سڄـي دولت ئي دولت آ،
هـوا، سورج، مٽيءِ پاڻي وڏي قدرت جي نعمت آ،
فـقط سـهڻا گـلابي گـل، سـتارا، چنڊ ئي ناهن،
جبل، جر، جهنگ سڀ سهڻا، رڳو صورت ئي صورت آ،

ϖ

جـليو جيئرو وتـين تو جوت ورچيندو،
مـرڻ کان پـو مڇي ڏيـکار پو مڃجي،
نہ تون عيسيٰ نہ تون موسيٰ نہ تون مائو،
بخـاريءَ تـي بڇي ڏيـکار پو مڃـجي،

ϖ

نِسورو زهـر پِـي ڏيــکار پـو مڃجي
اَهو پـي پو جيءِ ڏيـکار پـو مڃجي
پڇين تو پيو، بڇين تو پيو تہ ڇا تي پيو
اِنهي مـڇ ۾ نـچي ڏيــکار پو مڃجي،

ϖ

گـسي – پـسي پنجيئـي تـي پراڻا ويا،
ڇهين حِس سان ڇُهي ڏيکار پو مڃجي،
تہ آخر زندگي جو دنگ ڇا هـونـدو،
زماني کـان پڇـي ڏيــکار پو مڃجي،

ϖ

زمانــو، بـاهہ ٻارائـي، ڇمـي وڃجـي تہ ڀو مڃجي،
اشــارو يـــارو ڏيارائي، جـي وڃجـي تہ ڀو مڃجي،
ڪلئنسڪوف جي ڪڙڪڙ ۾ ڪوئل نيڻ مان شاعر،
ڳڙائون – مينهن تي ڪڙڪي، ڳجي وڄجي تہ ڀو مڃجي،

ϖ

اسين سُرهاڻ جا گيسو صبا بنجي سنواريون ٿا،
ڪندا شبنم جي قطرن کي نگاهن سان سلام آهيون،
نہ ڪنڊن کي ٿا ڪيڪاريون نہ ٿوهر سان رکون ياريون،
مـگر رابيل جـا نـوڪـر، گلابن جـا غـلام آهيون،

ϖ

اچو، ايندي صديءَ جي آجيان ڪريون!
نشانبر "امن – عالم" جـو نـشان ڪريون!
هــٽايون ايـٽمـي آڙاهہ ڌرتـيءَ تـان!
جهنم گم ڪريون، جنت عيان ڪريون!

ϖ

زماني جي گهڙي ۽ مان يڪسان،
گهڙي گـذري، زمـانو لازوال آهـي،
جٿو مينار، ٿيندو ڌوڙ هڪ ڏک سان،
مـگر پـيغام منهنجو لازوال آهي،

ϖ

ٻہ پيرا، ٻن – هٿيا، تون ڇا تہ طاقت آن،
ڪـئي نافت، ڪتي ناز ۽ نزاڪت آن،
جـهنم، جنتون تنهنجي طبيعت ۾،
تون پنهنجي هر قدم تي هڪ قيامت آن،

ϖ

انـڌارو پرهه ڏاري ڦٽڪندو ڏسبو،
سويـرو صبح ايندو جهومندو ڏسبو،
پـٽيندو پٽڪو لاهـي تـارو ھُـٽ،
هتي پيو پوٺو پوٺو ٺهڪندو ڏسبو،

ϖ

هي ايڪهين صديءَ جي انتظار آهـي،
فلڪ بي چين، ڌرتـي بـيقرار آهـي،
شڪاگو ڪان هوانگو جهونڪي جهونڪي ۾،
ڪنايـو، "امـن – عـالم" جي پـڪار آهي،

ϖ

اڳيان سنسار، ايڪهين اچي ٿي پئي،
ڏسون ٿا ڪـامپيوٽر تي هلي ٿي اچي،
دکن تي نرڳ، سرڳ آهن سجايا ويا،
عجب آهي، پچي ٿي ته به نچي ٿي اچي،

ϖ

رذيل انسان خود شيطان ٿي وينـدو،
عـظيم انسان چڻ يزدان ٿي وينـدو،
پنياڪ خير، شر جو معرڪو هوندو،
زمـانو حـشر جـو ميـدان ٿي ويندو،

ϖ

ڳُجـهايو جنگ نـاحق جي، پيمبر ٿيو،
ڪـٿو گيـتا جا ۽ قــرآن جـا گفتا،
پـتائيءِ ۽ بخـاريءَ کي گهرائي چئو،
ٻُـڌايو امـن عاليـشان جـا گـفتا،

ϖ

ٻـڌو "ون ورلـڊ" جو "بشري – ترانو"
ايـرنـدي ۽ الـهندي جو خـزانـو،
وڃون ڪـرنديون تہ ايٽم بم تي هاٿي،
نہ جلندو ڪـو جهان ۾ آشـيانو.

ϖ

زمـانن کي نـپوڙي تـو ڪيان نغمو،
ڪتابن کي نچوڙي تـو لـکان نغمو،
مٺـو محبوب جي پرپور بـوسن کان –
اهـو امن و امان – امن و امـان نـغمو.

ϖ

جـهنم کان شعاعي جنگ بدتـر آ،
نـظارو امـن جـو جنت کان بدتـر آ،
اَڏا جنگين جا ذهنن مان پـيا پـٽجن،
کُـلي ويو امـن جـو هـر دل ۾ دفتر آ.

ϖ

ندين ڪـوڪيو، آڏُنِ پٽڪيو، اُجارن جي ضرورت آ،
پڪاريو ڪـٽـڪ پانڌن ۾، ٻُڪارن جي ضـرورت آ،
مـگر آڏو پـتر نـاهـن پُـرن، ٽُـڪـٽا ٽَـڪـرَ آهـن،
لڪن تـيشن، لڪن فـرهاد – پـارن جـي ضـرورت آ.

ϖ

چنيسر جو رڳيون ڇهرو، اڳارن جي ضـرورت آ،
ٻُڌايون نـوڙَ جي پڳ، راڄ وارن جي ضـرورت آ،
تکا تازي ٿنونءَ وانگر ڊڪي ڊُڙڪي ڊڊا ٿي پيا،
اشارن مان نہ ڪجهہ ورٿو آ، ٿارن جي ضرورت آ.

ϖ

جتي سهڻيون تري ڇاڻن، نوان ميهر ملهي ڇاڻن،
اسان جو عزم کي اهڙن ادارن جي ضرورت آ،
چڙهي ويا چنڊ ڏي ڪافر، لڙي ويا حور ڏي مومن،
هتي هڙني کي هوندي حسن وارن جي ضرورت آ،

ϖ

صدين ۾ تيو ٻہ هڪڙو ديدور پيدا تہ ڇا تي پيو؟
اسان جي ڏيهہ کي ڏاهن هزارن جي ضرورت آ،
نوان سقراط، افلاطون پيو استاد پيدا ڪر!
زماني کي نڪورن شاهڪارن جي ضرورت آ،

ϖ

جو ايو ڳاٽو، اهو ناهي جهڪيو،
دار تي رهندو اُتو، ناهي جهڪيو،
پنج کنڊ ۽ ست مها ساگر گواهہ،
يونءَ تنهنجو پُٽ پتو، ناهي جهڪيو،

ϖ

جيءُ جيجي، تج تنهنجي تي ملهي،
تنهنجو هر سچو ٻچو، ناهي جهڪيو،
سنگهہ سامبس، شينهن دودو، هوشو شير،
اَنگ اَڌو اڌ ٿيا، متو ناهي جهڪيو،

ϖ

مرد، محمود ۽ متن وڙهندي وڏيا،
تخم درياهہ خان جو ناهي جهڪيو،
جهوڪ جو جهونجهار بانڪو بي ڊپو،
عام ساٿي تي اٿيو، ناهي جهڪيو،

ϖ

روپـلو ڪولهي سَـلي سـاٿي نہ ٿيو،
آڳريون شعلو اُلو، ناهي جهڪيو،
پـيـڻ بختاور، بـلاول، نون – عين –
ڏڙ ڏڪيو، سينو رڙو، ناهي جهڪيو،

ϖ

ترت ڏيندو اَيري سيري جو حساب،
وقت سانديو واڪي واڪي جو حساب،
رازَ نيرو هـتـلرو، قـورو پـــڌو،
ورتـو ويـنـدو ذري – ذري جـو حـسـاب،

ϖ

مـائـرون، پـٽيون، ونـيون جـيڏيون رنيون،
سو سنيارج سُڏڪي سُڏڪي جو حساب،
چَنـئري چَنئري ڏي نهار ڪر عُـمر،
پوتي پوتي، پـتڪي پتڪي جو حساب،

ϖ

اڪ پَـٽي جـهولا، ڪـليــــون لـوساڻجـو،
ڪور ڪي پيو جهونڪي جهونڪي جو حساب،
هـان وٺـو، پلـپـل دعـا، دم دم عـمـل،
جـي وٺون ٿـا لـمحي لـمحي جـو حـسـاب،

ϖ

قط، قلم، هٿ، هـوش هـجـو هوشيار!
قوم وٺندي ٽيڪي ٽيڪي جو حساب،
شـاعري، اسـتـاد تـڪـبي تـوربـي،
جلد ڏيندو جملي جملي جـو حـسـاب،

ϖ

هڪ مسئلو فقيہ، پُڇون، ڪجھ ٻُڌئجو،
ڦٽڪو لڳي تہ ڪئين لڇون، ڪجھ ٻُڌائجو؟
تحت الثريٰ جھڪون جي، اُتون آسمان ڏري!
ڪيڏو ڪرونڊڙو تي رهون، ڪجھ ٻُڌائجو،

ϖ

اُڀ تان ڏڪيو تہ ڀُونءِ تي آدم اچي ٽڪيو،
ڌرتي ڏڪي تہ ڪيڏي وڃون؟ ڪجھ ٻُڌائجو،
او مِيرَ پيرَ ڪير– ڪندون ڪائجو يڪيون،
ڪاٿي ضمير دفن ڪيون، ڪجھ ٻُڌئجو!

ϖ

جو رات ڪي بہ ڏينهن سڏيون، ڪفر ۾ پئون،
چاڪاڻ ماڪ، مينهن مڃون؟ ڪجھ ٻُڌائجو،
آڙاھ تي جڏهن بہ جُوالا جھجهڙ ڪجو،
طوفان تي اسان بہ اچون، ڪجھ ٻُڌائجو!

ϖ

دهر جي ديد ۾ اڳ ۾ ئي گهٽي عبرت آ،
شعر جي وات ۾ پيغام بہ حيرت جهڙو،
تي خدا پاڻ مون تي پاڻ ڏي جبريل مڪو،
هو انهي خواب جو الهام بہ حيرت جهڙو،

ϖ

هي بہ لکبو تـر جو هڪڙو سانحو،
مينهن بدران ماڪ سان سرچي تو پيو،
ناڪئا! رکجو نظر هر شخص تي،
ڪي تہ ٻيڙيون خود خضر ٻوڙي تو پيو،

ϖ

تون ڪٽي تيلي هنئي، ٻوڙو پريو،
ٻوڙي مان ٻيلو ٻريو ٻڙڪي تو پيو،

باهہ ٻارن ٽيون بخاريءَ ذلتون،
ديس آهي ديڳڙو ٻڙڪي ٿو پيو.

ϖ

اوتر نہ ٿي اتاري موسم، متان ڪرن ٽُٽُ
ٿي هيرن گونچ چيري، چرڪا نہ ڪو ٻڌي!
وهہ جو وٽو هٿن ۾، قاتل اجل اکين ۾،
سُقراط جا سچيتا گفتا تہ ڪو ٻُڌي!

ϖ

سسئي ڊڪي سجن ۾، سهٽي ٻُڏي ڪُنن ۾،
سهٽن جا هِيڏي هوڏي سهڪا تہ ڪو ٻُڌي،
عاشق جو لاش تڙپي، پِتڪو نہ ٿا ڪريو جي،
وهواهہ تہ ڪجھ ڪريو جو وهوا تہ ڪو ٻُڌي،

ϖ

ڪنهن دردمند دل جا دهڪا تہ ڪو ٻُڌو،
پٽڪا نہ ٿو ڪنائي، واڪا تہ ڪو ٻُڌي،
لازم نہ آهي ڪنهن جي هر ڪوڪ ڪو ڪنائي،
ڪِٿ ڪٿ، ڪڏهن ير ڪاڪا تہ ڪو ٻُڌي،

ϖ

ڇهين جِس چرڪ چيڙي ٿي تہ تڙپان ٿو،
ڪٿي مون ڪنديڙي ٿو تہ تڙپان ٿو –
ازل ڪاهي، ابد ڳاهي ڇڪو آهيان،
خيال اڳتي ٻہ ڪيڙي ٿو تہ تڙپان ٿو،

ϖ

جي اوتر مينهن ۾ آيو اَجهو سمجهي،
اُٿي توٽيون آڪيڙي ٿو تہ تڙپان ٿو،
گهٽيءَ مان ڪو ٻہ ڳيرو گهوٽ گذري ٿو،

چتو ڪو واچ ٽيڙي تـو تـہ تــڙپان تـو،

ϖ

مـرڻ جي منـد ئي ناهيس پـر جوڏو،
جيئڻ جي جهيڙي تو تہ تـــــڙپان تو،
شڪاري جـــــوءِ ۾ شهباز پالي پيو،
بخـاريءَ مـور ميڙي تـو تـہ تـــرپان تـو،

ϖ

ڪيـتري ڏاڍَ تـو تـوڏ تاتـي،
ڏنـي ڏئي ڏيهہ جـي چـلـي چاتـي،
قـوم ڪـوڪـي، لڄن پُڄن پـــاتـي،
"شــــرم تم ڪو مگر نهيـن آتي،

ϖ

زنـدگي ٽـڪـٽـڪي وئـي بنجـي،
شاعري، زهـر جـي وَٽـي چاتـي،
چيچ ڦٽڪا وجهن نچـي ڪاتي،
"شــــرم تم ڪو مگر نهيـن آتي،

ϖ

واهرو، ويـري ٿـئي، پـوءِ چا ڪجي؟
روشني ميري ٿئي، پـوءِ چـا ڪجي؟
جو ڪري چـوري، پـوءِ چا ڪجي؟
سـو اچي پيري ٿـئي، پوءِ چـا ڪجي؟

ϖ

زندگي اهـڙي آهي، پـوءِ چـا ڪجي؟
هائو وهہ جهڙي آهي پوءِ چا ڪجي؟
مُنهن نہ رهڙي آهي جو مڪجي ملم،
دوست دلرهڙي آهي، پوءِ چا ڪجي؟

ϖ

چاهہ چاقون ٿي پوي، پوءِ ڇا ڪجي؟
هانءُ ڦاڪون ٿي پوي، پوءِ ڇا ڪجي؟
ٽرتتو تاسو گهري ساگر مگر،
مينهن ماڪون ٿي پوي، پوءِ ڇا ڪجي؟

ϖ

ڪي پڇي پڇي ڏَو تي ڦوڪون ڏين،
ڪي سُرڪي ڪاڻ ٻہ ڪوڪو ڪن،
سمجهڻ جي ڪيم، سمجهي تہ سگهيم،
هن ميخاني جي هيءَ اُلجهن....!

ϖ

نئين ٻار جون ريهون ۽ لاڏا،
مرحوم جي خاموشي، پٽڪا –
سمجهڻ جي ڪيم سمجهي نہ سگهيم،
خود مطلب دنيا جي منشا،

ϖ

جِت ماڪ رُئي هر ورق مٿان،
اوٿ مکڙيون مشڪن شوق منجهان،
سمجهڻ جي ڪيم سمجهي نہ سگهيم،
باغن ۾ بهاري آ يا خزان؟

ϖ

آيس تہ هيس مان نامحرم،
ويٺس تہ اوٺاريو ويس يڪدم،
سمجهڻ جي ڪيم سمجهي نہ سگهيم،
هَن محفل جا هي ڪم ۽ غم،

ϖ

هوا جون پونءَ سان پٽڪو بہ سمجھان ٿو،
نئون خوشبوءِ جو لهجو بہ سمجھان ٿو،
ضروري ناهي هي دنيا ڪري ڏڏڪو،
مان هن جي دل جو هر ڌُڪو بہ سمجھان،

ϖ

اهو آ انقلاب، سچو چاهي، سو سمجھان ٿو،
ٽٽي ڳاٽن جو پيو ٿو ڳٽ بہ سمجھان ٿو،
گجي ٿر گاج، ساگر ٿي زمانو –
انهي گونگي جو مان گهوگهٽ بہ سمجھان،

ϖ

ڪچو چاهي، سچو چاهي، سو سمجھان ٿو،
مزو چاهي، ڏچو چاهي، سو سمجھان ٿو،
ڪروڙين سنڌ – جوڌن سان سگهو آهي،
بخاريءَ ۾ بچيو چاهي، سو سمجھان ٿو،

ϖ

نتو سمجھان مان ڪجھ، سيڪجھ بہ سمجھان ٿو!
او اُنهي ڳالھ تنهنجو ڳجھ بہ مان سمجھان ٿو!
ازل کان اڳ ابد کان پوءِ اوندا!
زمانا تنهنجو منهن چاءِ پچ بہ سمجھان ٿو!

ϖ

يار جي نہ ايندي تہ قهر ٿي ويندو،
چوتہ برسات نہ پوندي تہ ڏڪر ٿي ويندو،
وقت، حالات جي تبديل ڪي ڏس، بحث نہ ڪر،
پَشمڙو گوءِنچ بہ آ پند – پٽر ٿي ويندو،

ϖ

سـج ويجهو ٿو اچي اڳ، دڳن تي ٻرندي،
پوڙ ٻازر ۾ مزورن جو پگهر ٿـي ويندو،
صُور ڦوڪيان ٿو اُٿو مئٽ، قيامت ٿيندي،
عيش مظلوم لئہ، ظالم لئہ حشر ٿي ويندو،

ϖ

تنهجو شيطان ٿو ڪوثر تي پڏي ٻَند خدا!
تنهجو فـردوس، ٻـيابان ۾ ٻَـرُ ٿـي ويندو،
سَنَدَ آ ساهہ، بنا ساهہ نہ جي سگهبو آ،
منهنجا محبوب! سوا تنهنجي گذر ٿي ويندو،

ϖ

هـو سليـمان جـو ٻـولان ۾ خيبر شاهـد،
ديوَ – بيداد جـي ديوار ۾ در ٿـي ويندو،
ڪو بہ انسان لئہ ڪم ناهي رهيو ناممڪن،
ماڳ آزاد نہ آ منـهنجو مـگر ٿـي وينـدو،

ϖ

ايلاز ڪـي اعـجاز بـنايـا تہ بـچان!
جـي قـاز منهنجا باز بنايا تہ بـچان!
مـيدان ۾ بيـٺو آ اڳيان بُـوقـلمون!
مـمتاز ۾ دمـساز بـنايـا تہ بـچان!

ϖ

خوش خير کي خوشحال بنايا تہ بـچان!
اقـوال کي اعـمال بـنايا تہ بـچان!
سرمست جـي بيتن مـان اُتـاريان اوتـر!
يـٽ گهوٽ کـي پُونچال بنايا تہ بـچان!

ϖ

وينجهار مهاوير بـنـايا تہ بـــچان!
هـر شعر مان شمشير بنايا تہ بـچان!
تـــاريخ مـڪو شرط آ تحريڪ هٿان!
تـــدبير سان تـقدير بـنايا تہ بچان!

ϖ

تحـــرير کي تـرار بنايون، بـچي پئون،
ڪُوڪار مان ڪٽارِ بنايون، بچي پئون!
هــن ديس لئہ هزار اُٺــن جانباز پـيا،
هڪ هڪ منهجان هزار بنايون، بچي پئون!

ϖ

بـندوق ۽ ڪتاب مٿان دسترس هجـي،
هوشـيار پنـهنجا ٻار بـنايو، بــچي پئون!
سهڪار امن، پـيار ۽ انصاف سان هجي،
ڏهڪار تو ۾ ڏار بـنايو، بـــچي پـئون!

ϖ

غـدار دوسـت ٿِـين، ڏڪار ٽُڪـي ڇڏيون،
جُهونجهار پنهنجا يار بنايون بـــچي پئون!
جيڏا نہ گيت بيت قطعا، نظم ٽا گهڙيون،
ايڏا اُٿـي هـٿـيار بـنـايو، بـــچي پئون!

ϖ

پرمــار لاءِ هــار هـٿن ۾ ڪنيون وتون،
حقدار لاءِ هــار بـنايو، بـــچي پـئون!
ماري وجهن ٿيون تَرَ ڪي مسلسل منافقيون،
جــي فيـصلا سچار بـنايون، بـچي پـئون!

ϖ

”جا ڪجي“ ڪي ڇڏ بخاريءَ اُت، اُتون!
ڪر تڪي تڪڙي تياري، اُت، اُتون!
سمنڊ ٿيون، سيلاب ٿيون، برسات ٿيون.
ظلم آهي پـونءَ ڀاري، اُت، اُتون!

ϖ

زمانا ساز وڄايو، مڪان جهومي پـيو،
زمين رقص ڪيو، آسمان جهومي پـيو،
ڏٺـو لـقاءُ فرشتن، بهشـت جي وچ ۾،
جوان زال سان هڪڙو جوان جهومي پيو،

ϖ

پيٽ ڀـارڻ جـو ڀـاريو، اُجهيو ئـي نہ ٿي،
پياري رِي روح منهنجو رُجهيو ئـي نہ ٿي،
زنـدگيءَ کان پڇيم، پيٽ ۽ پـياري ري،
ٻيو ڪـو ڪـم ڪار توکي سُجهيو ئي نہ ٿي،

ϖ

تنهنجو جلوو منهنجي جذبي سان جڏهن جڙجي ويو،
تنهنجو ڪجهہ قابو ٿيو ۽ منهنجو سڀ ڪـڙجي ويو،
ديد، ديدن کي قبـوليو، دل سان دل لائـون لڳيون،
مون تہ سمجهيو هو جو پڙهـبو آهي سـو پڙهجي ويو،

ϖ

سُـونهن سـچڻ جي جهولي سمجهيم،
هـي تـہ پـٽر جـيِ اکـري نـڪتي،
محبت چـانوَ چَــپڙَ جـي پانـيم،
هـي تـہ ٻـيـر جــي مُهري نـڪتي،

ϖ

جنت بہ اَها آ، جـت ڀِـلندو هونـدين!
جنتي جنتي جن ساڻ تون ملندو هوندين!

دوزخ جو ٺري هانءُ ته پوندو هوندين،
هن ڏانهن نهاري جي تون ڪلندو هوندين!

ϖ

هُن شوخ نگاهن سان ڦُري دل ورتي!
مون شوق – نظر ساڻ سندس حسن ڪسيو،
هڪ گنج ڦُرائي وري ٻيو گنج لُٽيم،
نه ڪو نعفو ئي پيم تم، نه ڪو نقصان رسيو،

ϖ

اُهي ڪو، ڪنهن جي ڪنهن سان ڀلا دل لڳي جهلي؟
اهو ڪو، پوش پوش ڪري روشني جهلي؟
ها، موت تو هزار تباهيون ڪندو وتي،
پر هُو سگهي ڪتي تو نئين زندگي جهلي؟

ϖ

تون مون کي وٽين تو، اهو آهي ڪافي،
مان توکي وٽان هي ڪو ضروري ناهي،
تون سونهن پيارين تو پيان تو ساقي،
پر پيار پيان، هي ڪو ضروري ناهي،

ϖ

تون سهُٽي نه آهين سو ڏسان تو ويٺو،
هن ديس جي فردوس جي هڪ حور آهين،
مان ڪيڏو گنهگار، مان ڏاڍو ڪوجهو-
هي ڪيڏي سزا آهي جو تون ڏور آهين،

ϖ

محبوب ۽ مشتاق تي پالين، ساندين،
ڪيڏي نہ حسين آهي او دنيا! آلا! !
حورن جو وطن آهين وٽين تي ڏاڏي،
جنت جي زمين آهين او دنيا! آلا! !

ϖ

آڳ جي درياھ ۾ ٻوڙي ڪُڏان،
هُن ڪناري تي اگر سُهٽي هجي،
زندگي ڪوجهي ڪان ڏاڏو تو ڏچان –
موت جي ئي پر خبر سهُٽي هجي،

ϖ

يڪ وجهي ساٽس سمهي ماٽيان مزا،
مان مران جهٽ جي قبر سُهٽي هجي،
ڪر قيامت ڪير تو روڪئي خدا،
شرط هڪڙو آ، مگر سُهٽي هجي،

ϖ

مان پنهنجي جند پنهنجي دلربا توکي چوان،
پر اهي ٻئي بيوفا ڪئين بيوفا توکي چوان،
ڪفر ٿيندو خود خدا يا خدا توکي چوان،
مان وڏي ويچاري ۾ آهيان تہ ڇا توکي چوان،

ϖ

حسن کي مججي يا مججي عشق کي،
قس ري مڪتب مان ڪو مجنون نہ ٿيو،
حسن – يوسف کي کپائي ڪن چڏيو،
ڪو زليخان وانگيان مفتون نہ ٿيو،

ϖ

عشق منهنجي جا اُتيو اوتر پون،
سونهن تنهنجي جا لڳيو ساگر پون،
ڪيئن نه پانهن جي ڪناري جا وڪڙ،
چاهه جي ڇيلهن ۾ ٿا هر هر پون،

ϖ

نظر سان مُرڪ ميڙيندو وتان ٿو،
چپن ساهه چاهه چونڊيندو وتان ٿو،
ڇُهڻ بن ساز ڇيڙڻ معجزو آ،
سِڪڻ سان سُونهن ڇيڙيندو وتان ٿو،

ϖ

مون کي تڙپايئه، طبعت، مهرباني!
ماڻهپو بخشيئه، محبت، مهرباني!
ويس بچي جو رَاهه جو پتر نه تيس،
دردمندي دل جي دولت، مهرباني!

ϖ

هل هاڻ نه مکجيس مَلم کا موسم!
ٽُڙَ ٽُڙَ کان چمن چِيرجي پيو آهي،
هن تانگهه جي تقدير بنائي شايد!
هڪ عشق، جو تحريڪ ٿي پيو آهي،

ϖ

استاد بخاريءَ جي ڏسي دل زخمي!
هر لفظ جگر - جهير ٿي ايندو آهي،
هڪ دوست جي غمگين تڏي تي جيئن کو،
پيو دوست به دلگير ٿي ايندو آهي،

ϖ

ساميءَ تي سنڌ جون حُورون هلي اچن!
روئن تہ، منهنجي خاڪ تي تارا ڇِمي پون،
مُرڪن تہ، ڪُنڊ ڪُنڊ تي موتيا ڪِري پون،
موتن تہ، ڪي ملائڪ پويان لڳي پون،

ϖ

تون ڪوئي مُرڪ سان ڳڻ سُرڪ پيارين ٿي،
زمانو، باهہ جا شعلا اُلاري ٿو،
تون سُرهي سيج، پاسي ۾ ويهارين ٿي،
تہ جِيونَ جرجلو بنجي اٿاري ٿو،

ϖ

گلابي زندگي توسان ملان ٿو،
الائي ڪيترا ڪَندا لتاڙي،
تڏهن چهرو مکڻ تنهنجو چُمان ٿو،
جڏهن مان تو اچان توتا ڇپاڙي،

ϖ

زمانو دُور دردن ۾ تو اُڇلائي،
تون ڊوهي مون کي قربن جو اجهو ڏين ٿي،
تتيءَ ريتيءَ تي مون کي وقت تڇڪائي،
تون ڊوڙي پنهنجي زلفن جو اجهو ڏين ٿي،

ϖ

تون زلفن ۾ لُڪين ٿو، زور جا زنجير لوڏي ڏس،
ڇُهين ٿو تر ڳِلن جا، ترم–گهر جا ڪير لوڏي ڏس،
پير ۾ پينگهہ جيڏن ساڻ لوڏي روز جُهومين ٿو –
جوان آهين تہ قيدي – قوم جي تقدير لوڏي ڏس،

ϖ

مون ننڍي هوندي ٻُڌي تنهنجي وڏي ساراهه عشق!
پر جواني ۾ وڏي ساڃ لڳئي شل باهه، عشق!
منهنجي زاري آ بخاري، ڪير ٿيندو آهيان مان،
ميهر ۽ مجنون جهڙن جا ڪڍيا تو لاهه عشق!

ϖ

ڪيترن جا ڏٺ سريون تي ويا صفا ٻُهه، ٿُه، اَٿاهه،
وقت جي پڙ تي عاشقن جا ٻڌا تو ڳاهه، عشق!
حسن آ محبوب سو مغرور رهندو ئي پيو،
توکي جيڪا ڪاهڻ آهي وجي سا ڪاهه عشق!

ϖ

تعلق هو توسان هڪ ڌرُ سهي،
انهيءَ ڌرَ تان قربان هڪ سِرُ سهي،
ڇميم تنهنجو ديوارون، در هڪ صدي،
او مهامان – گهر، مان مسافر سَهي،

ϖ

امرتا نه تون، مان نه ساحر سهي،
لِڪي پئي لڇياسين نه ظاهر سهي،
تون منهنجي سڄي عمر جي شاعري،
مان تنهنجو سڄي عمر شاعر سهي،

ϖ

هڪ ديس جو هڪ دور هيو پنبي ۽ ويران،
ويران به اهڙو جو بيابان لڳي پيو،
"هڪ شخص" انهيءَ سڄ ۾ فردوس درخشان،
هر پير گلستان – گلستان لڳي پيو،

ϖ

هڪ شخص ”يتيم“ آهي، يتيم آهي اهڙو،
دنيا جي يتيمن جو نگهبان لڳي ٿو،
هڪ شخص عظيم آهي، عظيم آهي اهڙو،
منان ڪان پوءِ سڀ ڪان مهامان لڳي ٿو،

ϖ

هڪ شخص ”امين“ آ، نہ رڳو مان ٿو مڃان پر!
دشمن بہ مڃن بيٺا امانت ان جي،
هڪ شخص ذهين آ، نہ رڳو مان ٿو چوان پر،
تاريخ تي ثبوت آهي ذهانت ان جي،

ϖ

هڪ شخص جو انسان آ، ايڏو تہ عجيب آ،
اطوار ۽ اظهار ۾ يزدان لڳي ٿو،
هڪ شخص پڙهيو ڪونہ آ، ايڏو تہ اديب آ،
جو اُن چيو، الله جون قرآن لڳي ٿو،

ϖ

هڪ شخص چڙهي شهر، وڃي غار ۾ ويهي،
افلاڪ تي، آفاق تي، سنسار تي سوچي،
هڪ شخص پري شام جي بازاري ۾ ٻيهي،
پرمار تي، زوردار تي، نادار تي سوچي،

ϖ

هڪ شخص گهرو پيار ڪان هڪ وار نہ واندو،
سنسار جي سينگار لئہ آزار سهي پيو،
هڪ شخص ڪڏهن نرڙ مٿان گهنڊ نہ آندو،
انصاف جي آواز تي تلوار ڪٽي پيو،

ϖ

هڪ اسم، اکر چارکو ٽيڪو ٻہ ٽہ ناهي،
پر چئن ڪتابن جو آ عرفان انهيءَ ۾،
هڪ جسم، چون جنهن جو ڪو پاڇو ٻہ نہ ناهي،
ادراڪ ۽ وجدان آ جبران انهيءَ ۾.

ϖ

محبوب خدا چئو ٿا، جي نہ مڃي ڪو،
مون ڪي تہ اهو فخر آ، محبوب – بشر آ،
حڪمت نہ نبي زنده مڃي، آءُ ادب ڏي،
قرآن جو هر لفظ ثبوت آ تہ امر آ.

ϖ

هر ريت ڪرٽي نعت، ستارا نعتون،
برسات نديون، نهر جا ڌارا نعتون،
استاد جا اشعار تہ چا او شاعر،
قرآن جا ٽيهيئي سپارا نعتون.

ϖ

لال لطيف جي ڳالهہ هلي پئي يارن ۾ اغيارن ۾،
بيٺڪ بيٺڪ، محفل محفل، اوطاقن، اوتارن ۾،
سنڌ ڪويءَ جي سچي سارم، چمڪي چنڊ، ستارن ۾،
گلشن گلشن ، صحرا صحرا، درياهن، ڪهسارن ۾.

ϖ

شاعريءَ جي آسمان جا آفتاب،
تنهنجا روشن شعر ذهني انقلاب،
ذات تـوڙي ذات تـوري لات ۾،
شاهہ شاهنشاهہ آهين لاجواب.

ϖ

"ڪُن" گهٽوئي تي چڪاسين او لطيف،
ويڻ ڪائي، "وات" ٿيا آهيون اسين،
ڪالهه تائين تي ڪٺاسين تي ڀڪر،
اڄ ڦهر تي ڪات ٿيا آهيون اسين،

ϖ

"صبر جن جو سينگ" پنهنجي جاءِ تي،
حق لئه آواز ڪرڻو تو پوي،
سنڌ جي سِر ڪاڻ، ڪارايل جا سُرَ
هنج ڪي شهباز ڪرڻو تو پوي،

ϖ

اجرڪ – اجرڪ، پَٽڪو – پَٽڪو،
هر هڪ هوشو، هر هڪ دودو،
سنڌي جذبو، سنڌي جلوو –
تنهنجو روضو سنڌ جو ڪعبو،

ϖ

اتراڌي، لاڙيچو آهين،
ٿاريلو، ڪاڇيلو آهين،
ڇڏ احساس اڪيلائيءَ جو –
لال – لطيف جو ميلو آهين،

ϖ

چون ٿا تہ تون شعر جو شاهہ آهين،
گهڻن جي نظر ۾ شهنشاهہ آهين،
شهنشاهہ ۽ شاهہ ڪا چيز ناهن –
سيد، سنڌ جو ساهہ، ويساهہ آهين،

ϖ

پٽائيءَ جي ميلي تي پيرن عوض،
اندر جي اکين ساڻ هلبو ضرور،
مِٽي سنڌ جي مان جنهن کي ڏنو –
مٿو تنهن مِٽيءَ سان ملبو ضرور،

ϖ

پٽائيءَ تون هن پونءَ جو پاڻُ آهين،
اَپونئن لئه دولهه دريا خانُ آهين،
بُکين کي مِٺو آهين تون نانَ ڪان،
پِين جي ڪُکن ۾ ڪتو ڪانُ آهين،

ϖ

مون آهي ڪئين بار ڏٺو، يار پٽائي،
محفل ۾ مليومانس هيو هارُ پٽائي،
مقتل ۾ ڏٺومانس هيو تلوار پٽائي،
اغيارَ! خبردار، آ بيدار پٽائي،

ϖ

ڪلهه رات، وطن لاءِ دعائون پئي گهريائين،
اڄ رات، سڄي سنڌ تي چئونڪي پئي ڏنائين،
تنهن ڏينهن رڳو ڪانهن جون ڪلڪون پئي گهڙيائين،
اڄ صبح ڏٺومانس ڪهاڙيون پئي تپيائين،

ϖ

پٽ گهوٽ جي هستيءَ تي لکڻ تو چاهيان،
ساڙهيءَ ۾ وڏو سمنڊ وجهڻ مشڪل آ،
ماڻهن جي محبت کي ڪٽڻ تو چاهيان،
مهراڻ جي چولين کي ڳڻڻ مشڪل آ،

ϖ

قسمتون لکندڙ اوهين، لوح ۽ قلم جا پاسبان،
ديس جي ڌرتيءَ جا خادم، عظمتن جا آسمان،
روشني جا ڪاروان! ڪهڪشان تنهنجي ڌڏڙ،
منهنجي تَن جا تَر جا جذبا ڪن ٿا تنهنجي آجيان،

ϖ

وڻ ٻٽيا عنوان، دڳ مضمون ٿيا،
امن ويو وک وک تي لکندو قافلو،
هڪ نئين خوشبو ۽ هڪ نئين روشني،
بستي بستي ويو ونڊيندو قافلو،

ϖ

<u>سچل ڪانگريس – امن قافلو:</u>

هيڪار ڪي ديوار سان ظلم، نہ ورهايو!
هڪ جسم ڪي تلوار سان حاڪم نہ ورهايو،
سج، چنڊ جي چمڪار ڪي ڪنهن ملڪ ونڊيو آ؟
فنڪار، قلمڪار ۽ عالم نہ ورهايو،

ϖ

ڪيلاش ۽ ٻولان جي خوشبو تہ سنگهو،
هي گيتا ۽ قرآن جي خوشبو تہ سنگهو،
ڀڳوان يا يزدان ڪِلي خود تو چوي –
انسان تي، انسان جي خوشبو تہ سنگهو،

ϖ

هِن پار ۽ هُن پار جي هيڪار سنگهو،
هِن يار ۽ هُن پار جي هيڪار سنگهو،
پختون، بلوچي هجي يا سنڌي، پنجابي –
سچار ڪلاڪار جي هيڪار سنگهو،

ϖ

هي ادبين، عالمن، دانشورن جو قافلو،
ڪِرڻو ڪِرڻو سج، ڌرتيءَ جي سِجن جو قافلو،
ڏينهن، راتيون چا وڪون ماپينديون تنهنجو ارتقا،
ڪالهه جو، اڄ جو، سياڻي جي سَنن جو قافلو،

ϖ

26 نومبر کان 2 ڊسمبر 1989ع تائين سڄا طرفان سچل ڪانگريس ۽ امن قافلي جي سلسلي جا شعر

رات پنيءَ جو لار چڙن جي،
منڇر چَر تي پُرندي آهي،
گونج رسيلي تنهنجي چپن جي،
منهنجي چپن تي چُرندي آهي،

ϖ

منهنجي سامهون سخت ڪمند جون،
چيتيون نيت چليندي چو اَن؟
ڳوري مُهريءَ ساڻ پَکهرجي،
ساريون پاڻ چڙيندي چو اَن؟

ϖ

آئيني کي ڳاڙها ڳلڙا،
سينگاري آچيندي آهين!
چو وينگس تون جوين – جذبا،
پاڇن ۾ وچيندي آهين،

ϖ

مُرڪي مُرڪي اڄ تو سهڻا،
منهنجي دل جي پُٽ ٽپري،
پيرَ ڪُپن پر ڪيئن نظرن جا،
تنهنجو سِينو اُيڪپري!

ϖ

ڳوٺ سڄي ۾ ڳالهہ هُلي وئي،
سُونهن نئين ساماڻي آهي،
جيڏان ڪيڏان وڏي پر –
اڪ هُن جي ڪانياڻي آهي،

ϖ

تنهنجي هائي ڪانگڙ ڪانو،
تنهنجو سِينو سنگ – پتا،
تنهنجون ڳالهيون ڪچڙا آيون،
مکڻ چاڻا گول – ڳتا،

ϖ

هٿ ۾ ڏاٽو، ڪچ ۾ ڪارو،
وڪ وڪ لڪ جو لامارو،
لاباري تي ويندي – ويندي،
لاهيندي وئي لابارو،

ϖ

منهنجي ڳل تي ڳوڙها لاڙيون،
تَڙ ڏي ڊوڙيون تاسيون پڪريون،
تنهنجون نظرون منهنجون نظرون،
خير خُدايا، ڪِنوٽيون ٽڪريون!

ϖ

چُڪ منهنجي شوق مڃي نہ مڃي،
وچ شهر ۾ چوئنڪ گهمي نہ سگهيس،
مون ڪي ڪهڙو پتو تہ يَڪو تو وڃين،
ڪڏ – ڳوڏي مُرڪ چُمي نہ سگهيس،

ϖ

تون سِرڪي ساز ڇُهي نہ سگهئين،
مان پاڙهئي پاڻ ڇِڙي بہ ويس،
ڇَپَ تنهنجا گيت چون نہ چون،
مان چنگ وانگي ڇُهتي بہ ويس،

ϖ

تو ٿي ماڪيءَ جون جاچيون مَڪيون،
جي وچي ٻُورَ سان ٿي ٻَڪيون،
تنهنجي ڇهري تي بوندون پگهر جون،
منهنجون ڇهٽيون انهن سان اڪيون،

ϖ

سُونهن – هرٽي، تون ڪيڏو وٽين ٿي،
نينهن آ شينهن ڏاڍو ڏران ٿو،
وقت يا وير يا واءُ ناهيان،
جي سڏين ٿي تہ سُهٽي وران ٿو،

ϖ

جوڀن جڏهين هٿندو آهي،
هاري بازي ڪٿندو آهي،
سورج جيئن جيئن لڙندو ويندو –
تيئن تيئن ڏاڍو وٽندو آهي،

ϖ

جوڀن جيڪو ميڙيو چونديو،
پيريءَ منجھ لُٽائي ٿو پيو،
ساوڻ پهريان گجندو گڙندو –
ويندي وقت وسائي ٿو پيو،

ϖ

توکان سُونهن پـنيري تـي وئي،
ڳـاڙهـي ٻير وجي جيـئن اُڪري،
مـــون کان عـشق چڏائي ويــو آ،
ڏاريـــل باز وجي جيــئن اُڏري،

ϖ

ساز چنل کي چيـڙيــن چو تـي،
نارَ ڪنهيل کي ڳيــڙين چو تـي،
مـنهنجي وِک وِک اَس ڪنڊيڙي،
پنهن جي منهن سان ميڙي چو تي،

ϖ

اِئيــن هٿ تـي نوٽن جا جوراب چاڙهي،
حسينن جي چاتيءَ کي ڇُوهندو نـہ ڪـر،
نظر تـي ڪِڪي ڪيپ جا خواب چـاڙهي،
تون خوشبو جي ڇهري کي چمندو نہ ڪر،

ϖ

جـي گرم، تکو تير تـي ايندو آهـي،
جـي نرم، مِـنو ڪير تـي ايـندو آهي،
تون فون تي ڳالهائيندي آهين مونسان،
آواز بہ تـصوير تـــي ايندو آهـي،

ϖ

سُونهن، تـنهنجي سرور جـو نالـو،
نـــاز، نـــخرو، غرور جو نـــالو،
واعظن چَپَ چَـڪـي وڏا پنهنجا،
مون ڪنيون آهي حور جـو نـالو،

ϖ

جُڳ جُڳ سنگت سپنا،
ختم نہ ٿيندا ڪن ۾،
تو سان ملندس پيو مان،
ساهت جي صحنن ۾

ϖ

پير ڪنيا اڪ اولا اُگرا،
پر ٿي دل پئي ٽوٽا ٽڪري،
سڀ سٽجي پر سُونهن نہ سَٽجي،
هٿ نہ اچن ٿا سُهڻا سُترا،

ϖ

سمس رو جو شهر اچ ڪلهہ آهي جڻ شمسي نظام،
سَوَ سيارن جان وتن ڦرندا سندس ديوار کي،
خوش نہ ٿي تون ايڏو آئينا تہ توڏي تو ڏسي،
سونهن پنهنجي آ وٺي وئي سُونهن – سرجڻهار کي،

ϖ

پيار ويندڙ مسافر کي ايڏو نہ ڏي!
ڪوڙ صدما ڏنئہ، هي تہ صدمو نہ ڏي!
چڏ تہ شوخيءَ جي ڪَندن مان گذري وڃان،
مُرڪي مُرڪي چنبيليءَ جو لوڙهو نہ ڏي!

ϖ

مُرڪڻ سان گڏ گفتا تنهنجا،
مون تي چونديا موتيا، مُگر،
ڪِنوڻ ڪئي پئي تو کي وهوا،
مينهن ڏِنا پئي مون کي مُزرا،

ϖ

دل چون تـا وڏو خـزانـو آ،
هڪڙو پئسو قرار ئي ڪونهي،
اَڻ ڪٽيو اَڻ مَيـو زمـــانو آ،
ساهہ تي اعتبار ئي ڪونهي!

ϖ

بي درد زمـانو پـانـيـان تـــو،
سمجهايل ڪنهن بي پــير جو آ،
نہ هو ورسـايـل تـقــدر جو آ،
نہ ڪو تاتيل ڪنهن تدبير جو آ.

ϖ

هيءَ رات تہ ڪُهتي، ڪوڙهــي آ،
هــيءَ لاٽ بہ ســاڳي پوڙهــي آ،
هــيءَ هـيڏي پونءَ ڪشاديءَ تي،
هــن واٽ تہ ڪـيڏي سـوڙهي آ!

ϖ

ڪنهن وقت پتو ناهہ تہ ڪنهن ڪاڻ تو تڙپان،
”بي انت ڪماڻ“ آهي هنيون ياڻ، تـو تـڙپان،
”ڇا لاءِ“ جـو پڙلاءُ تـو پــولار ۾ گونـجي،
ان فڪـر جـي ڦهلاءَ ۾ اڄـاڻ تـو تـڙپان،

ϖ

هـي دانهن گدا، شـاهہ، ڏئـي ڏيان ٻُڌو،
ڪو ڪنهنجي قيامت ۾ حفاظت نہ ڪندو،
مـيدان ۾ مـــيزان اجهو چـاڻ ڪُتـو،
نـئون دور تہ رهزن سان رعايت نہ ڪندو!

ϖ

قرب کي بيشڪ قرب ملـي،
رعب جو غلبـو رعـب پـجي،
لوهہ کي زبرو لـوهہ ڪٽيندو –
چـاهي مـجي يا ڪو نہ مجـي،

ϖ

جو ڏسان ٿـو خواب سـو سهڻو بہ آ پيارو بہ آ،
سرسلو تعبير جـو ڪـوجهو بہ آ ڪارو بہ آ،
مان گهران سختيءَ سان ٿو پولي مٺي ماکي بڇي،
تنهـڪري لهجـو بٺـيو کهرو بہ آ ڪارو بہ آ،

ϖ

تنهنجي اک ۾ نـظر ڪـتي آهي؟
جسـم آهـي جـگر ڪـتي آهي؟
هونئن تہ سڀ ڪجهہ آ دور تو وٽ پر،
شرم تـوکي مـگر ڪـتي آهي؟

ϖ

جـهڙو عـابـد اهـڙي عـبادت،
جـهڙو حاڪـم اهـڙي حڪومت،
انگ تـہ گهر گهر وڃـن ٿـا پيا،
ننگ بچن تہ سمجهـو نعمت،

ϖ

ماڻهن ڏنا هتـن سان، مـاڻهن جا ووٽ آهن،
ماڻهن ونديون مٺايون، مـاڻهن جا نـوٽ آهن،
شـاعر کي قتل غـارت تـي اعتراض چو آ –
جي گهائجي، ڪـسن ٿا ماڻهن جا "گهوٽ" آهن،

ϖ

هن ماڳ جي حفاظت، ماڻهن جي هٿ ۾ آهي،
ڪم ڪار جا قيادت، ماڻهن جي هٿ ۾ آهي،
ماڻهو اڃا هِتان جا ماڻهو نہ ٿي سگهيا نہ تہ –
قادر تہ سونپي قدرت، ماڻهن جي هٿ ۾ آهي،

ϖ

عيسيٰ چيو: ڪمال آ، ڪمزور جي مدد،
موسيٰ چيو: ڪمال آ، شهزور کي ڏڪ،
مان تو چوان سنڀال رڍن جي اوتون ڪريون،
کوڙيون بگهڙ کي نرڙ ۾ بندوق جا ٻہ ڏڪ،

ϖ

حڪومت جا نڪتا، حڪومت تي ڇاٽي،
مصيبت جا ڏڏڪا تہ رعيت تي ڇاٽي،
مزو ايندو ڪمزور کي مصلحت ۾،
تشدد جو ييڪو تہ دهشت تي ڇاٽي،

ϖ

شريف شهر جو نالو ذليل ٿي پيو آ،
رفيق راهہ بدلجي رذيل ٿي پيو آ،
علاج خوف زدو آ جو درد غندو آ،
حڪيم پاڻ ڪڏوڪو عليل ٿي پيو آ،

ϖ

دهشت گرديءَ آهي وڌايو ڌرتيءَ تي،
”پرچو – پرچو“، ”مچرو – مچرو“ جو ٽڪراءُ.
ڪنهن بہ نہ ڪاٽي آهي ڪرايو ڌرتيءَ تي،
جيو – جئڻ ڏيو، ڏاڍو ڳابو جو پرچاءُ،

ϖ

محبت، ڏاران، محنت ڪهڙي،
محنت، ڏاران، عظمت ڪهڙي،
همت، حڪمت، غيرت ڏاري –
نہ تہ ڪونڌر جي قيمت ڪهڙي،

ϖ

هن کي جهٽڪيم ڪجهہ غيرت ڪر،
گرندي پونڪيو، غيرت ڪهڙي،
اٺ اٺ غفلت جي هن گند مان –
شاعر ٺوڪئي ٻي لٺ ڪهڙي،

ϖ

لڳاتار پرمار، دُمدار ڪڪرن مان دهشت وسي پئي،
اُتي ڪو تہ طوفان ڪڪرن جا پرزا اڏائي ڇڏي،
تشدد جي بي ترس انڌن هٿن مان اذيت وسي پئي،
اُتي ڪو تہ انصاف، ڏاڍن جا ڏوڏا وڍائي آهي،

ϖ

گگهہ اوندهہ چانوٽيون شعلن جي سينن ۾ هنيون،
کک ٿي خوشبوءِ تنهنجي سنڌ سنڌ ۾ گهر ڪن،
ڪينسر جو تو اجا تائين نہ ڳوليو آ علاج،
مان مري ويس، او عظيم انسان تنهنجي ڍر ڪري،

ϖ

محبت کي او محبوب! مگٿهار نہ سمجهو،
هي ذات وڏي بات آ، ڏاتار بہ آهي،
استاد رڳو سونهن پرستار نہ سمجهو،
پيدا جو ڪري سونهن اهو پيار بہ آهي،

ϖ

منهنجو تون پيار پڳهاري سگهندين؟
نانهن ۾ نينهن کي ڳاري سگهندين؟
هو جو مون ساڻ هميشه آهي –
اُهو الله نه ماري سگهندين؟

ϖ

گلاب مان توهر قتو، ڏِٺو آ مون،
شباب کي ڪينسر لڳو، ڏِٺو آ مون،
نگاهه ۾ ڪوڪا، نراڙ ۾ شعلا،
خيال ۾ خنجر کُتو، ڏِٺو آ مون،

ϖ

مصيبت ۾ روئڻ جي عيوض تو مُرڪان،
محبت جي قيمت ادا ڪرڻي آهي،
مان پيو تو لڳاتار سڪرات پوڳيان،
ها، جيوت جي قيمت ادا ڪرڻي آهي،

ϖ

هڪ زندگي ملي آ، پر سا به سُور هاڻي،
مولا جي مهربانيءَ ۾ بي ملاوت آهي،
محشر ۾ تنهنجي رحمت جو آهي هي نظارو،
هيڏانهن آ جهنم، هيڏانهن جنت آهي،

ϖ

ماتام ۾ گيتن کي نچڻ ڪو نه آيو،
سُڏڪن ۾ هئي سنڌ، کلڻ ڪو نه آيو،
جنهن ديس جي غدار سان آ تاهُه ڪيو،
استاد کي ان ساڻ ٺهڻ ڪو نه آيو،

ϖ

جذبات ۾ محتاط رهڻ ڪو نہ آيو،
درياهہ ڪي سونهين تي وهڻ ڪو نہ آيو،
محبوب جي محفل مان اُٿڻ مشڪل هو،
مظلوم ڪئي ڪوٽ، ويهڻ ڪو نہ آيو،

ϖ

محبوب سڏيو پهچ، اچي پهتو هان،
تُنورَ هئي واٽ، پچي پهتو هان،
چڪچور ڏسي حال نہ ڪر غم دلبر،
تو وٽ تہ بهرحال، بچيءَ پهتو آهي،

ϖ

جو تڙپي اُٿيو سو غريب آهيان،
جو جاڳي پيو سو نصيب آهيان،
بهرحال يارو عجيب آهيان –
اوهان جو ئي شاعر اديب آهيان،

ϖ

مون ڪي جيئري پوريو تي ويو،
تنهڪري تي پيوت آهيان مان،
سنڌ جي پن ڪروڙ جوڏن جي –
زندگيءَ جو ثبوت آهيان مان،

ϖ

ڪا ذات بخاري نہ بقادار آهي،
پر ڏات جيالي تہ جيالي آهي،
هيڪار گواهہ آهي تہ گلزار آهي،
گلزار ثبوت آهي تہ مالهي آهي،

ϖ

ستار رب آهين، راحم، رئوف آهين،
مون ڪي بڌاءِ تو ڪي قهار ڪنهن بنايو؟
انسان جي طبيعت ۾ خود ئي فتنو هو پر –
شيطان ڪي اسان لئہ آزار ڪنهن بنايو؟

ϖ

جيون – بَن ۾ ڪوئل تو آ، ايڏو ڪُوڪيو،
پُئن جي ڪَن ۾ پڙندي تنهنجي ڪوڪو رهندي،
مالهي تنهنجو جيون – جذبو زندهہ رهندو،
باغ بہ رهندو، رنگ بہ رهندا، خوشبو رهندي،

ϖ

مان سچ، سچ، ذر ۾ ديجي ڪڏهن نہ سگهندو،
جُهڙ ۾ گهڙي بہ سورج تہ بہ روشني تہ رهندي،
استاد، دوست دل جو ڇڇندي بہ ناهي ڇڇندو،
جي دوست ڏور ويندو تہ بہ دوستي رهندي،

ϖ

ايڏو تو منهنجي زندگيءَ ۾ زندگيءَ ڀَري،
جو درد جي گدام ۾ پئي آ خوشي ڀري،
تيلي جو تون هٽين ٿو، جهجهڙ ٿي پوان ٿو مان،
مان بُندبہ بُندبہ ۾ بہ پئي آ روشني ڀري،

ϖ

هڪ ڏات ڪي هڪ ذات مٿان ناز آهي،
هڪ طرز ڪي نئين طرز جو اعزاز آهي،
استاد بخاريءَ جو تعارف هي آ –
هِن دور جي احساس جو آواز آهي،

ϖ

ناساز کي دمساز بنايو آ مون،
ايجاد جو انداز بنايو آ مون،
پاتار کان پولار پڙاڏو گونجي –
آواز مان آواز بنايو آ مون،

ϖ

تنهنجو دل جو شيشو بنائي نہ سگهيو،
پڳو ڏار وڻ جو لڳائي نہ سگهيو،
اهو استاد مشهور آهي ڪڏهن –
ويو وقت واپس ورائي نہ سگهيو،

ϖ

بي شعور آ، زمين آهي، فهيم آ انسان،
مون کي علمن جو قسم آهي عليم آ انسان،
هو خسيس آهي، خوار آهي برابر ليڪن –
پو بہ انسان ۾ اميد آهي عظيم آ انسان،

ϖ

هڪ تيز تتي ڪلڪ ۾ تحرير تي تڙپي،
چڻ باهہ گهڙي مياڻ ۾ شمشير تي تڙپي،
انڌير جا زنجير يا دريا جا ڪنارا،
تحريڪ جي اوتر تي تکي سير تي تڙپي،

ϖ

نادن ۾ نغارن ۾ پُڪارون تنهنجون،
گيدين ۾ غدارن ۾ پُڪارون تنهنجون،
او سنڌ، او سچل، شاهہ مقامن مان ٻُڌون،
قومن جي اِدارن ۾ پڪارون تنهنجون،

ϖ

تاريخ نہ بخشيندي خطائون تنهنجون،
او قوم جُرِيون سخت سزائون تنهنجون،
مجهول آن، ماضيءَ جي مريض آهين تون!
مقبول دُعائون نہ دوائون تنهنجون،

ϖ

آڪاش جي گجگوڙ ۾ هڪلون تنهنجون،
هالار جي گُنگ – پوڙ ۾ هڪلون تنهنجون،
استاد جي احساس ٻُڌيون ساميءَ مان،
ڪنڌڪوٽ ۾، ڪاٺوڙ ۾ هڪلون تنهنجون،

ϖ

رخسار جي شعلن کان بچي نڪتاسين،
زلفن جي سياهيءَ ۾ پڪڙجي پياسين،
ٻُورن جي تسلط کان ڇُٽياسين مس مس،
ڪارن جي غلاميءَ ۾ جڪڙجي وياسين،

ϖ

انسان بہ ان ريت رتو چاڻ تي نڪتا،
ڄڻ جهنگ منجهان جيت تو چاڻ تي نڪتا،
تهذيب ڪٿي ٻُوٽ ڪي تقيون سو رت،
گفتار تہ چا گيت، رتو چان تي نڪتا،

ϖ

هن زندگيءَ کي موت جي سر تي سوار رک!
هٿ ۾ ترار حق وٺڻ لئہ تيار رک!
انصاف کي پڪار، ڏي انڌير کي ڌڌڪ،
پو ديس جي مدد ۾ اميدون هزار رک!

ϖ

اڄ رات جي اونداهه کان پريات وٺون ٿا،
گهمسان ۾ گجگوڙ کان برسات وٺون ٿا،
هر دور جي هر ديوار کان هن ديس جا دودا،
مجبور ڪري ڪا نه ڪا سوغات وٺون ٿا.

ϖ

مهراڻ جي آچار ۾ گرڪي نه ڏٺي ٿو؟
برسات ۾ ۽ ميل جي ڌرتي نه ڏٺي ٿو؟
استاد به انسان آ، انسان آ خاطي،
سنسار جي جنسار ۾ غلطي نه ڏٺي ٿو؟

ϖ

پيڙهن ڪي، شڪايت آ، گهميل واءُ گهلان ٿو،
بنگلن ۾ گلا آ ته تکي لڪ لڳان ٿو،
پنهنجن ۾ پچر آهي رهاڻ ٿو خاموش،
غيرن ۾ آ گوڳاءُ ته ٿيو ڳاج ڳجان ٿو.

ϖ

تاريخ رتوچاڻ تي ميندي تي مَڪي،
نئون دور نئون گهوٽ تي ڳانو ٿو ٻَڌي،
پڄ – ٿاهه سان قدرت جو وڏو چاهه آهي،
جي جنگ هجي بند ته پونچال اچي،

ϖ

آڙاهه، توسان تڪڙو وسڪار تي پُڄان،
آزار تنهنجي ٻت ۾ تلوار تي ڪيان،
اي ڪاش، سنڌ جنت بنجي پوي ته پوءِ،
باغن ۾ پينگهه، پنهنجي هڪ حور سان لڏان،

ϖ

جي ڏوھ مڇايون تہ ڏکن جو ڦهڪو!
جي روڄ ڪرايون تہ چئون ٿا ٺهڪو!
جو ڪرڙو اٿئون ھاڻ ڪري ڇڪنداسين!
پَرمارِ پٽـي وات يلـي پيا يوءنڪو!

ϖ

اونـداھ جـي اُپـيـٽ کـي کيڙينداسين،
ھرجاٽ، نئين جـوت پکڙينـداسيـن،
ھي فصل نئين فڪر، نئين موسم جو –
ڪـيڙيو بہ اسان آ، اسيـن مـيڙينـداسيـن،

ϖ

انسان مهامان ٿـي رهـٽـو آھـي،
ھر نهر کي درياھ ڏي وهـٽـو آھـي،
ھر ڪرڙم ٻُڌي، قوم سڏي ٿي ھيڏي –
سَـر – سـرَ سان ملـي سمنڊ تہ ٺهٽو آھي،

ϖ

ڇَڇڪار سموندن کان کسيندو ايندو،
وسڪار گهٽي، گهر تي وندبيندو ايندو،
ھر پوک جي ٻوٽي جـي پُٽـي ٽپرينـدو،
طوفان، درخـتن کـي دسـيـندوَ ايندو،

ϖ

ايمان کـي فاقا ڏئـي بي مان بنـايو،
انسان کي ٻُچڙو ڪري شيطان بنـايو،
خوشبوءَ کي ڦندا بہ وڌا ٿَو تہ اڳـوپو،
ھِن ھِير کي ڦٽڪا ھٽي طوفان بنايو،

ϖ

هـن شهر ۾ هر شام جو وحشت ٿي وسي،
هر چوءِنڪ تي تبليغ جي شفقت ٿي وسي،
شيطان جـي لشڪر جو خضر رهبر آ،
مقتل تي مساجد مان هدايت ٿي وسي،

ϖ

رِندن جو اهو بحث تہ بي هوش نہ ٿي،
ميخاني جي رسم آهي، تہ باهوش نہ ٿي،
ساقي جي نئين ناز منجهايو مون کي،
”آواز نہ ڪر، روءُ بہ نہ، خاموش نہ ٿي“،

ϖ

ڪونڌر بہ بي ضمير تي ڪمزور تي پيو،
سمجهو پڪو پهاڙ پڇي، پور تي پيو،
ڪانئر بہ مرد وير تي ايري اٿيون جڏهن،
دنيا ڏٺو تہ چور منجهان مور تي پيو،

ϖ

ڪمزور گنهگار آ، سو مون کي پتو آ،
ڪم عقل انهيءَ ڪان بہ گنهگار وڏو آ،
يزدان شيطان کي ڪنهن ڪونہ ڏٺو،
انسان لئہ انسان ئي آزار آ،

ϖ

مظلوم، مجان تو مان آزار وڏو آهي،
آزار ڪان جهونجهارو آڏار وڏو آهي،
پرمار جي شيطاني قرمار جي گهيري ڪان،
انسان وڏو آهي، ڏاتار وڏو آهي،

ϖ

طوفان جو ڏونگر جو جگر رکڻو آ،
برسات ۾ ساگر جو جگر رکڻو آ،
هـن دور جو هر پهر آ پاڻيپٽ،
دل شير جي، بابر جو جگر رکنو آ،

ϖ

آڙاهه ۾ آلاڻ، اها اڻ ٿيٽي،
۽ سون ۾ ڪاراڻ، اها اڻ ٿيٽي،
جنهن وقت سڏي سنڌ، بخاري پُٽڪي،
ڇا لاءِ ۽ ڇاڪاڻ، اها اڻ ٿيٽي،

ϖ

ٻيلـو نہ جهلي پُور، اهـو ناممڪن،
تنهنجو نہ پوي پُور، اهـو ناممڪن،
اُستاد جـو آواز لُـٽيو ٿا لُـٽ ۾،
اوندهه ۾ لِـڪي نُور، اهو ناممڪن،

ϖ

اغيار سان اقرار، اهـو ڪيئن ٿيندو،
۽ يار سـان انڪار، اهو ڪيئن ٿيندو،
اسـتاد بخاريءَ کي ڪٽي دفن ڪريو،
ڌرتـيءَ کان مگر ڌار، اهو ڪيئن ٿيندو،

ϖ

تَڙڪي جي تتان، سمنڊ سُـڪي ناممڪن،
ڪڪرن جي اڳيان ڪوهه ڍُڪي ناممڪن،
تاريخ ڪري ڇيخ ڇيو او آمـــــر!
جابر جي اڳيان سِنڌ جُهڪي ناممڪن،

ϖ

وقت، پرمار ڇيو: مال – غنيمت آهي،
وقت، مجبور ڇيو: سخت مصيبت آهي،
هو ڏسو، ديس جي هر شهر ۾ دوزخ، جنت،
مون ڇيو: وقت تہ هر وقت قيامت آهي،

ϖ

هڪ دور ڪان پيو دور نوازيو يارو،
پر پـو بہ بهاني تي بهانو، يارو،
هڪ سُور ڪٽيندو آ، ٻچيندو آ پيو،
هن ڪي ئي تہ سڏبو آ زمانو يارو،

ϖ

ها، سوچ ۾ سپنا تہ سٺاوا آهن،
ٺڪر بہ تہ ڇڻ ٺاڪئان ڪاوا آهن،
پر زندگي هڪ تلخ حقيقت آهي،
پنهنجا بہ مصيبت ۾ پراوا آهن،

ϖ

ڪي لوڻ ڪٽي، ڇهڪ ڏئي، چير ڏين ٿا،
ڪي زهر پري زُومر ڪري تير هڻن ٿا،
انصاف پُڇيو: نانو ڏسيو، ڪير هي آهي،
فرياد ڇيو: مير تہ ڪي پير چون ٿا،

ϖ

مان ٿـو چوان قيام يڪو ٿئي تہ چا ڪپي،
جڳ جڳ ملي جيئڻ جو مزو ٿئي تہ چا ڪپي،
هيڏو وڏو جهان، سچو ٿئي تہ چا ڪپي،
انسان جو خيال، سچو ٿئي تہ چا ڪپي،

ϖ

او دل، ائين نہ سوچ، ائين ٿي نٿو سگهي،

استاد سُونهن، پيار سچو پي ٿتو سگهي،
باقي بچيو بهشت، هميشہ جيون، پيو –
اهڙو حسين خواب سچو ٿي ٿتو سگهي،

ϖ

اُيرو تہ اڄ قيام ڍهاڙو ڪري وجهون،
پگهري پون پهاڙ ڪو ڪاڙهو ڪري وجهون،
پردي ۾ انتہ ڏنڊ بنا پردي تي پيون –
پرمار ڪي تہ الف اگهاڙو ڪري وجهون،

ϖ

هي ڪُوڪ، سنهي وار کان خنجر کان تکي آ،
هي ڦوڪ، ٿڌي هير کان اوتر کان تکي آ،
وهمن جي مقامن ۾ سُتي پئي آ مگر جي،
هي قوم اُٿي پئي تہ پو محشر کان تکي آ،

ϖ

جو قوم جياري، اهو جيئندو رهندو،
جو عام اجاري، اهو جيئندو رهندو،
مون کي تاريخ ۽ تقدير ڏني پڪ آهي،
جو سنڌ سنواري، اهو جيئندو رهندو،

ϖ

خوشبو اچي تہ مهڪي خوشبو سان آجيان ڪر،
بدبو اُٿي تہ ”ٿُو ٿُو“ سان آجيان ڪر،
دلبر مِلي تہ دل جا دهڪار ڪر نچاوڙ،
دشمن وڏي تہ دودا، ”ڏُو ڏُو“ سان آجيان ڪر،

ϖ

غمگين جي گذران لئہ گڏ ٿيا آهيون،
ماني نہ رڳو مان لئہ گڏ ٿيا آهيون،

يزدان ۽ شيطان ته نبرن هڪ ٻئي سان،
انسان ته انسان لئہ گڏ ٿيا آهيون،

ϖ

ڄاڻيون، ڇيپون ۽ شعلا، اڌ رات جي تقاضا،
گلدستا، قول – مالها، پريات جي تقاضا،
ڇٽيون، ڇپر ۽ اولا، برسات جي تقاضا،
هر وقت آ علحدي حالات جي تقاضا،

ϖ

پَرمار اُتي بيهه، مزور آيا ٿئي،
آڙٻنگ ڪٽي چنگ، چنچوري آيا،
دل تنگ نہ ڪر، تنگ ڪندين ٿيندو ڇا،
هو مرد زبر زنگ، ضرور آيا ٿئي،

ϖ

مزدور ۽ هاريءَ جو زمانو آيو،
جهموري تي طوفان توانو آيو،
بيهي نہ سگهيو عام جي اوٽر سامهون،
پوير تي اُڏايو جيڪو بهانو آهي،

ϖ

آنڌيري وڏي، چنڊ لٿي تي آيو،
انصاف چڙهي، ڏينهن ٽتي تي آيو،
مزدور ڪتي پير مان زنجير اٿيو،
پرمار چيو: موت مٿي تي آيو،

ϖ

مون ڪالهه ڪٽيو ڏاڏ جو ڏونگر آهي،
هي پاپ تہ ڇڻ واٽ جو پٿر آهي،
پُڇ زار ڪان مون اڳ جو ساگر اَڪريو،
هيءُ اُپ تہ برسات جو اوپر آهي،

ϖ

ڪڙمي جي سلي، سنگ مان لنگر بڻجي،
پورهيت جي پگھر – بانس مان عنبر بڻجي،
ڏاتن ۾ مترڪن کي ڪريو قيد نہ ظالم،
هن پونءَ جو فردوس ٿو بنجر بڻجي،

ϖ

زوردار تون قيصر نہ سڪندر آهين،
ڪهسار هئين، هاڻ تہ ڪنڪر آهين،
شيطان نہ ٿي، دعويٰ نہ ڪر يزدان جي،
انسان ٿي انسان جو پونير آهين،

ϖ

ظالم جي مٿان جي شامت پهتي،
پورهيت جي مٿس موت ٿي طاقت پهتي،
توبہ نہ ڪئي تو بہ ڪڏهن قاروني،
آخر تہ اچي توتي قيامت پهتي،

ϖ

يزدان جو فرمان، ڦُندي پيو آهي،
ميدان ۾ شيطان، منهنجي پيو آهي،
پاتار کي پولادَ ڏنيون واڪايون،
انسان ٿي، انسان اٿي پيو آهي،

ϖ

منهنجا قطعا ڏاٽا آهن،
پانا، ڪات، مُترڪا آهن،
منهنجا گيت گهرن ۾ گونجيا،
ڳاڙها جهنڊا ڦڙڪيا آهن،

ϖ

جرڪي جَرڪي جيئندا آهيون،
ملهجي، مُرڪي مرندا آهيون،
مرندي مرندي بچندا آهيون،
جيئرا هاسين جيئرا آهيون،

ϖ

هڪ ٿانڊو منهنجي اک ۾ رڪ،
ٻيو ٿانڊو منهنجي دل تي رڪ،
هيءَ باهه سهي مان ويندس پر،
هڪ غير نہ هن محفل ۾ رڪ،

ϖ

ڪٿ ڪڪرن کي ڏڪ لائين تو،
ڪٿ ٽڪرن سان ٽڪرائين تو،
اڄ ڇا تي ويئہ جو غيرن جي،
”پن ٿهڪن“ کان گهبرائين تو،

ϖ

انڌارين جون ديوارون تو جوڙين تون،
روشن، روشن شعلا مون سان ٻلدبوزر،
ڪوڙيون، ڪائنر عَياريون تو جوڙين تون،
سچا، جوڙا جذبا مون سان ٻلدبوزر،

ϖ

تون ڏڳن تي ڪنڊا پيو تو وچرائين،
مان ڏڪڻ تي جوتا پيو تو جوڙايان،
تون لڪن تي پير پٿر پيو تو پلتائين،
مان بہ ڪروڙين تيشا پيو تو مچرايان،

ϖ

جيئن جيئن باهہ تي وجھجي پاٽي، پڙڪي تي،
پاٽيءَ ۾ پيٽرول ملايو ويو آهي،
جيڏو محفل سُلجھايون ٿا، اُلجھي ٿي،
محفل ۾ ٻڙڌول ملايو ويو آهي،

ϖ

سوڙهہ اڳئي هُئي، ميڙ اچي پيو، ڪيئن ڪجي؟
ٻوڏ وڏيءَ ۾ مينهن وسي پيو، ڪيئن ڪجي؟
آڏو ساڙي باهہ ۽ پويان پاٽي ٻوڙي،
هاٽي ڏاهو ڏَس ڏئي ڪو، ڪيئن ڪجي؟

ϖ

تنگ تي منھنجا مارُو آخر،
جنگ جيئڻ جي جوتي بيٺا،
تون جو سوچين پيو تُو رهبر،
تنهن کان اڳتي سوچي بيٺا،

ϖ

تَل هڙَ ڪائي، منھنجا مارُو تيز ٿيا،
رستي ڏي ڏس رهبر کان ٻي اڳتي آهن،
مُند دلاسا بادل برسڻ جا آڃيا،
ڌرتيءَ جا هٿ ساگر کان ٻي اڳتي آهن،

ϖ

ڏادي ليکي ڏاڍ جا دائم ڏڏڪار رهندا،
پاپ – نگر تي ناسي، ڪارا پهرا رهندا،
تڙپي، تُنبي اٿندو عام، قيامت ٿيندي،
ٿڙڪي ترڪي ڪنگرا، ٿنيا، قلعا ڪرندا،

ϖ

ظالم تنهنجي ظلم جا آهن پويان ڏينهن،
باهہ بچائين ٿو تون مان ٿو بنجان مينهن،
سنڌ تہ گدڙن ناهي ڪاڏي، غاصب پُٽ،
گهٽي گهٽي ۾ توسان وڙهندا گجندا شينهن،

ϖ

خوف هوا ۾ اڇن اڏٽا ڪڪرن جان،
پنهنجا سينا تن جي سامهون ٽڪرن جان،
ڪهڙو پهرو بيهي دهشتگردن تي،
دل جا درد بہ آهن دهشتگردن تي،

ϖ

سمنڊ نہ سُڪندو پر مون سُڪندو آهي ڏٺو،
روهُ نہ پرندو پر مون پُرندو آهي ڏٺو،
اکين سان استاد بخاري سچ کي مون،
ڪاني جيڏي ڪڏ ۾ ٻُڏندو آهي ڏٺو،

ϖ

لوڪ اسان جو ڀالو ڀولو دورانديشي چا ڄاڻي؟
ڪلڪ هٿن ۾ تير، تبر مان سرڪش، منشي چا ڄاڻي؟
ورڪر، ليڊر، ٽيچر، افيسر سڀ دانشور هي مڃيندا،
قوم جو مستقبل چا ٿيندو، ڦرٽي ڪرسي چا ڄاڻي؟

ϖ

درد بہ وڌندو آهي ساٿي، ڏيري ڏيري،
موت بہ ايندو آهي ساٿي ڏيري ڏيري،
ڏيري ڏيري جي سُڌ پوندي آهي ڏکي،
ڏيهہ بہ ڏرندو آهي ساٿي، ڏيري ڏيري،

ϖ

گاڏي، گاڏي ڏاڙهي تي پئي،

ڏيدي ڏيدي پونڪي تي پئي،
اونداهيءَ ڪي ٻڪندو ڏسندي،
ٽِيلي،ٽِيلي ڀڙڪي تي پئي،

ϖ

پونچالن ۾ ٻرج نچن ٿا،
موت لڙي ته ٻه مات نه مڃبي،
چاهي ڌرتي اٿلي پئي پر،
روشن، ڪاري رات نه مڃبي،

ϖ

پَت جهڙ جي رُت تو سان جهيڙا،
وڻ وڻ الا ٻاٽا چاتا،
پوپٽ پڪڙڻ وارا نينگر،
اڄ ڪلهه پستلن لئه آتا،

ϖ

شاعر تنهنجي ذهن ۾ سوچون، هوڪارا،
پُٽڪو، واڪو ڪجهه ٻه مگر ڪچجي ته چڱو،
هانءَ تي اُلٽي چڙهندي ايندا اوڪارا،
هرڪو چوندو زهر اهو نڪري ته چڱو،

ϖ

ننگي ٻت تي سَٽ سَٽ ڦٽڪو ڦهر ڪشيو،
پهريان ڦٽڪيو، پوءِ تڙپيو، هاڻي ڪو چرڪي ٻه نٿو،
ڳاڙهي گهوٽ جو لاشو ڏسندي ٽيندو هو،
اڳ ۾ پِٽڪو ۽ پوءِ سُڏڪا، هاڻي ته ڪو روئي ٻه نٿو،

ϖ

پنهنجي ڌرتيءَ کي ٻُڪ ماري،
زهري ڏي راڪيٽ اُڏاري،

اڄ اُبتو انسان شيطان،
”پيٽ نہ پاري ڪُتا ڏاري“

ϖ

مِلِ تہ چڏيو پر ڪُورو وٽبو،
اَنَ سان گڏ ٻُهُ تورو وٽبو،
ڪجھ بہ هجي پر ماري توڪان،
پنهنجو حق سمورو وٽبو،

ϖ

مان هان شاعر، تون آن هاري،
تنهنجي منهنجي گهاٽي ياري،
منهنجي منهنجي هٿ ۾ گيت گلابي،
تنهنجي هٿ ۾ باغ، بهاري،

ϖ

منهنجي هٿ ۾ ڪلڪ ۽ ڪانگ،
تنهنجي هٿ ڏاٽو، ڏانگ،
مان ٿو ڪاٽيان ڦهري سوچون،
تون ٿو مارين زهري نانگ،

ϖ

واءُ هُلايو: سورهيہ، ويڙهو،
ٻونءِ ٻُڏايو: ڳاهيل ڦيڙهو،
جلسو: تاڙيون، اَوي – آوي،
رستو: گاريون، هيڙهو – هيڙهو!

ϖ

ڪا سِٽ گونگي، ڪا سِٽ پوڙي،
ڪا سِٽ ڪنهن لئہ ڏاڍي ڪوڙي،
جيڪو، سنڌ لئہ گونگو، پوڙو،
تنهن کي ڪوئيو گهوڙي گهوڙي،

ϖ

زندهہ باد ۽ مرده باد امانت آهن،
محبت نفرت مون وٽ اٽڪت طاقت آهن،
پڳ ٻڌائن، ڪنڌيون پائن، ماڻهن جا هٿ،
ماڻهن جا هٿ اُلري پيا پو آفت آهن،

ϖ

قوڪيم ناد، اٿي پيا مُردا، محشر ٿي ويو،
مچريل ماڻهو، ظالم لاءِ طاقت آهن،
ديس – دورهي تنهنجي سامي جهولي آ،
ايندا، ويندا جنهن ۾ وجهندا لعنت آهن،

ϖ

هٿ تي رکندئو پٿر، ساڻو سَٽُ،
لکندو رهندس قومي جذبو زنده باد،
جيءِ ۾ هٿندوءِ ڪوڪا، گُرڙيون – گُرڙيون رت،
چوندو رهندس، هوشو دودو زنده باد،

ϖ

اک تي رکندئو ٽاندا، ٽچڪي ڏيندس ٽپ،
پو بہ نہ چوندس، دَلبو، دوکو زنده باد،
سَٽ سَٽ لڳندا ڦٽڪا، ٽڳڙيون ٽڳڙيون ٻُٽ،
پو بہ نہ چوندس، ايرو غيرو زندهہ باد،

ϖ

لال لطيف جو هنج اڏرندو جيئي جيئي،
ظالم ذليلي جو باز ٻُڪارو مرده باد،
امن – اڳڻ تي چُوزو چُڳندو جيئي جيئي،
ڪاري اُپ تان سرڻ جو جهارو مرده باد،

ϖ

منهنجا مارُو مرده باد تون بہ وڏيرا مرده باد،
حق جا نعرا مرده باد تہ تنهنجا عهدا مرده باد،
منهنجي قوم مري تي پيئي ڏيري ڏيري ڌرتيءَ تي،
مون کي لڳي ٿي تنهنجي خدايا، دنيا عقبيٰ مرده باد.

ϖ

اسين ٻُهہ نہ آهيون، اسين پونءَ آهيون،
لتاڙي بہ ٿا ڏوڙ پايو، لتاڙيو!
چٺا ڪين آهيون، جي آهيون تہ رُڪ جا،
چٻاڙي سگهو ٿا تہ بيشڪ چٻاڙيو!

ϖ

اسين آهيون سادا، چئو ٿا، مچون ٿا،
مگر حق ۽ ناحق سُڃاڻي وڃون ٿا،
حقيقت جي قدمن کي نوڙي چُمون ٿا،
ناحق جي پڳڙي لتاڙي وڃهون ٿا،

ϖ

محبت جي رهڻ ۾ رابيل آهيون،
عداوت جي دوڏن مٿان سيلهہ آهيون،
پٽائيءَ جو در جا تہ ٺُڪريل آهيون،
خبردار اغيار، ڏاڙيل آهيون،

ϖ

وڏيو ٿا وڏيندڙ تہ وڏجي وڃون ٿا،
نہ وڏجون اسان ڪنهنجو سايو تہ ناهيون،
صفا ٽڪرا ٽڪرا ٿي جُڙجي سگهون ٿا،
نہ جڙجون سچي قوم ڪايو تہ ناهيون،

ϖ

چيائين تہ ٻيلا ڪٽيندا وتون ٿا،
چيم چيچڪن کي چٽيندا وتون ٿا،
چيائين تہ خنجر ٽپيندا وتون ٿا،
چيائين، پو ٻہ شهپر وٽيندا وتون ٿا،

ϖ

هٿين خالي آهيون زمانا، مجون ٿا،
مگر لوهہ لفظن سان موڙي سگهون ٿا،
ستمگر جو گهر گاسليٽ آ اڪيئي،
چپن ۾ اُماڙيون لڪايون وتون ٿا،

ϖ

وجهو هار جي يار جهونجهار آهن،
ڪٽو ڏانگ جي نانگ نروار آهن،
وڏو وات، ٻانهون ڊگهيون، پيٽ، پاپي آهن،
اهي چار پرمار جا پار آهن،

ϖ

گُهرون چو گبر کان وٺون نہ گهوگهي،
پنڻ کان چنڻ ۾ مزو تو اچي،
ٻنين لئہ، ونين لئہ، وطن جي حدن لئہ،
مجون ٿا وڙهڻ ۾، مزو تو اچي،

ϖ

اُجالو ادب ٿا، ٻڪي روڪرايو،
ڪلا جي هٿن ۾ ڪِلا ٺوڪرايو،
مجوتيءَ جا شيشا ڀَڃي، پوري زوري،
بغاوت جا متڪا ڀلي ڏوڪرايو،

ϖ

ڦُـندائي ڦُندائي پڏايو نـہ ڏاڏا،
متان ڦاٽـا ڦوڪـٽا تـي پون،
دپائي دپائي سُـسايو نـہ هيـٺا،
متان هو خطرناڪ – اُٺا تي پون،

ϖ

اسيـن زور سـرڪش، دودسـتا، انـاڙي،
اسان کي ڏسي ڏاڍ ڪنهندو آ ڪياڙي،
پڙهون پـاڻ پيلن ۾ پـيرن جي هـيٺان،
اسان جا قلـم آ گهڙينـدي ڪـهاڙي،

ϖ

ڪو ڪِيلي چيپاڻي تہ پاپي چئون ٿا،
ڪو قومـون ئي ماري تہ پو ڇا چئون؟
ڪو هڪ ٿار ڏاري تہ ناحق سڏيون ٿا،
ڪو پـيلائي پـاري تہ پـو ڇا چئون،

ϖ

رُڳو هـڪڙو پارو تـڪي ڪو تہ تاڪُو،
سڄو ملڪ جيڪي تـڪن ٿـا، اُهي ڇا؟
فقط هـڪڙو گهر ڪو لُٽي تو تہ ڌاڙو،
سڄي سـنڌ جيـڪي لُٽن ٿا، اُهـي ڇـا؟

ϖ

جـو تنـهنجو آواندن تـو لوڙهي سو رهزن،
جـو مهـراڻ جو منهن تـو مـوڙي، اُهو ڇا؟
جـو ڦهنگون ۾ چلپا هٽي سو تـہ دشمن،
جـو ماڳهين تـو پيڙو ئي پـوڙي، اُهو ڇا؟

ϖ

جي ڪـو گهر جي تختي تو لاهي تہ غوندو،

ڪو تاريخ ميٽي ۽ ڊاهي ته پو ڇا؟
رڳو آڳريون پنج ناهي ته ڀُونڊو،
سچي تنهنجي تهذيب ڳاهي ته پو ڇا؟

ϖ

سچائي، گهٽائي، ڳرائي به آهي،
خبر ناهي ڇا ڪان ڪچي ٿا وڃون،
سمو سازگار آ، مگر پو به پيارا،
وڃايو نه ٿا پر وَڃي ٿا وڃون،

ϖ

ڏيو امتحان پر پڙهڻ ڪان سوا،
ڏسون ڪاميابيون، ڪڙهڻ ڪان سوا،
وڏا وير سڏجون، هٽون تير ڇو؟
وٺون حق پنهنجا وڙهڻ ڪان سوا،

ϖ

لنگهي لُڪَ سُوڙها، وڏي ڏک پرا ٿيو،
تکي ڊوڙ پائي وڌي، جڳ پرا ٿيو،
جا منزل ملي ٿي اُها ئي ڇوي ٿي،
اڃا اڳيرا ٿيو، اڃان اڳيرا ٿيو،

ϖ

هٽي پانهن لهرن سان ڪوئي لڙي پيو،
ڪناري تي ڪو پيو ڏسي، هيئن تَرُ – ئي،
حياتيءَ کي پاڪر وجهي ياڙُ پنهنجو،
وڏي واڪ بيٺو چوي، ويرَ مَرُ – ني،

ϖ

نه جيڪو مليو تيز تنهن لئه ٽُٽان پيو،
ملي جو ويو موج تنهن مان وٺان پيو،

مانِ بيچين ساگـر ڪنارن ۾ سوگهو،
نہ اُٿلي سگهان ٿو نہ ٻيهي سگهان ٿو،

ϖ

سمهڻ مون کي ساميءَ ۾ ايندو ئي ڪين،
اجهو ”قمر باڏِني“ ٿو اوٿر اٿي،
رڳو تربتون چو سڄو تر اٿاري،
اٿي ملڪ پئي ڪو تہ محشر اٿي،

ϖ

تہ چو تا درود ۽ دعائون بنايون،
اٿو درد مندوءَ دوائون بنايون،
نہ تس ڪنهن بہ بي نُور کي نُور آچيو،
ڪروڙين اٿس ڪهڪشائون بنايون،

ϖ

اسان سان ڪچهريون ڪريو دوستو،
هليا ويندا سين اوچتو، اوچتو،
اسان جي نصيحت، وصيت اها،
وٺي حُسن جو نانءُ پوءِ پورچو،

ϖ

جو چاهيون تا سو چاهہ سچ پچ ڪريون،
ٽڪا آهيون دل کي ڏتاري – ڏتاري،
مزو ڪجهہ تہ چولين چتين جو وٺون،
ڪيو آهي ڪڪ هن ڪناري – ڪناري،

ϖ

نہ ايندي ملياسين، نہ ويندي ملياسين،
خبر ناهي ڪنهن خواب لهندي ملياسين،
تون خوشبو جو جهونڪو مان جهلڪو هوا جو،

ڪٿي ياد ڪر، واٽ وَهندي ملياسين،

ϖ

لکڻ زندگيءَ، زنـدگيءَ ڪيئن چڏجي،
لکڻ بندگي، بندگي ڪيئن چڏجـي،
ڏکئي ڪان ڏکيو عـشق اکرن جو آ،
رکي دوستيءَ، دوسـتيءَ ڪيئن چڏجي،

ϖ

جي ٻوڙا نہ سمجهڻ تہ پو چا ڪجي؟
جي گونگا نہ ٻُولن تہ پو چا ڪجي؟
وڏڻ وارا چارا تـہ چوقيـر آهـن،
جي انڌا نـہ ڳوڙن تہ پو چا ڪجي؟

ϖ

وجي چئنري – چئنري رسالو ڏنم،
گهرياڻون تـہ ٻاجهر ٻوري بہ ڏي،
وڏي جنهن کي هٿ ۾ تنبوري ڏنم،
سو پُٽڪو تہ پستول، گولـي بہ ڏنم،

ϖ

چياڻون، او شاعر، اوهان ڌرتـيءَ جو،
مٽي تي تغاريون رکي ڪو نہ سگهندئو،
مجيوسون او ساٿـي، مگـر رات آڌي،
اوهان تڙپي تڙپي لکي ڪو نہ سگهندئو،

ϖ

چٽيم چيچڪا پئي تہ ڪيٽيءَ چيو،
اُتـو، تر مان پرمار واڌا ڪـديو،
چيم گيت پئي، تنهن تي بستيءَ چيو،
وجو، قوم ڪـن مان واڪا ڪديو،

ϖ

مـجون تـا كـاري انـڌاري وئـي،
اُڙهي پئي تي انڌي ڪـٽاري وئـي،
ڏسو ڏاڍي، هيٺي جون ٻانهون چٽائي،
نـه زبـرو ويو آ نـه زاري وئـي،

ϖ

وڏا شهر گولن جا گودام آهن،
جتي ڳرڳ، غنڊا پليا جام آهن،
ٻڌون ٿا تـه تـان اوڳا ڏيڱا،
اچي ڦاٿا گهيري ۾ گُگدام آهن،

ϖ

وڏا شـهر دهشت جي شعلن ۾ آهن،
ننڍيا ڳوٺ ڌاڙن جي ڪُورن ۾ آهن،
هجي لانگبوٽن يا ووٽن جي موسم،
هي گگدام سنڌي تـه سُورن ۾ آهن،

ϖ

حڪومت جي هوندي بہ هيبت ۾ آهيون،
يا ڪـم عـقل آهيون يا ڪمزور آهيون،
يا غيـرت ۽ جرئت ڇڏائي وئي ٿـئون،
رڳو ڇَڇڪـٽو سمنڊ جو شـور آهيون،

ϖ

ڏَڪي پَٽ تي ڳيرو، تنبي اپ تي باشو،
نچي چت تـي پستل، لُچي پَٽ تي لاشـو،
بيانن جا باجا، دلاسـن جون ڊفليون،
تـه چا، قـتل غارت بہ اهـي تـماشو،

ϖ

مرڻ کان ڊڄي، زندگي ٿا گھرو،
ٻرن کان ڀڄي، روشني ٿا گھرو،
ٻُنا ڪاوش جي ڪرشمو ٿئي چو،
ڏُوکن کان لڪي، پو خوشي ٿا گھرو،

ϖ

ڪلهوڪن عذابن تي سُڏڪڻ ڇڏيو،
سُپاڻي جي خوابن تي ٿهڪڻ ڇڏيو،
اچوڪو ڏهاڙو اُٿڻ جو اُٿو،
سوالن، جوابن تي اُلجهڻ ڇڏيو،

ϖ

اسان جي رفيقن جو رُڪجي وڃڻ،
نئين اُٿ لئہ آ، ٺڪاوٽ نہ هوندي،
پهاڙن جي چوٽين جو آڏو اچڻ،
جُهڪڻ لاءِ هوندو، رُڪاوٽ نہ هوندي،

ϖ

ٻُڙا عطر وارا ڪنن منجھ پائي،
اسان وارا آزار ٻڌندا چو آهيو؟
ٺتي ڏينهن ۾ جهڙ جا چشما لڳائي،
پگھر ڏانهن پرمار ڏسندا چو آهيو؟

ϖ

نہ ٿو ظلم ٿڪجي تہ مان چو ٿڪان؟
چوان ٿو نہ لڪجي، مگر پيو لڪان،
اڳيان جهنگ گجهاهہ انڌير جو،
ڪهاڙي ڪيو ڪلڪ پيو ٿو ڪٽيان،

ϖ

نہ روئـڻ ۾ پِٽــڻ ۾ اسان جو علاج،
نہ سڙون ڪُتڻ ۾ اسان جو علاج،
ڏيون پٽ ۾ سيئي – سنڌ ڌرتيءَ ڇٽيا،
اُتي پئـو اُٿــڻ ۾ اسان جو علاج،

ϖ

ڪتـي آهـيو ڌرتيءَ جا جوڌا جيالا،
ڏسو جسم پنـهنجن تـي غيرن جا پالا،
جهلن نوڪرون ڳوٺ شهرن ۾ ماتم،
اوهـان پـيا ٿـا جلسـن ۾ ڳايـو جمالا،

ϖ

پڇيائون تہ هٿ ۾ قلم آ يا بجلــي؟
بغــل ۾ ڪـتاب آ يا طـوفـان آهـي،
تَڪي ڪامريڊن جي مُنهن ۾ چيم،
نون انقلابن جـو سامـان آهــي،

ϖ

سچو وقت آهيون اسـان انـقلابـي،
رُتن کي ڳُوتن ڪان وٺي ٿا گهمايون،
خزائن کي لوڌي لُڪن کي تڙائي،
بهاريون گهرايو ڪتوريون ورهـايون،

ϖ

وڏا سب وڏي هڪ وڏي ميڙ ٿاهيو،
جُهڪــي ڏاتہ ايڏا ٿــي وچـــو،
ڪراچيءَ ڪان ريتـي يـڪو ميڙ ٿاهيون،
ڪروڙين ملو ايڪتا ٿي وچـو،

ϖ

نہ ظالم هـتي ٿـو نہ مظلوم هتندا،

الائي ڪڏهن سوڀ جا ساز وڄندا،
اسين تورا ٽيندا وڃون ٿا الاڙي،
وڃن ويل وٺواند هر سال وڏندا،

ϖ

منهنجي قومي شاعري بنجي ويو آ معرڪو،
ڪلڪ جي صر صر بہ ظلم – ذهن ۾ خنجر تہ آ،
نظم تي پيو نظم جوڙيان مورچي تي مورچو،
هر اکر هڪ سولجر مون وٽ وڏو لشڪر تہ آ،

ϖ

ڪربلا تي ڪربلا جو سلسلو،
ڪلهہ شڪاگو، اڄ ڪراچيءَ زلزلو،
منزلون معشوق سامهون ٿيون سڏن،
عاشقو، جهندا اُيا ڊڪندا هلو،

ϖ

مون ڪڇيو ڪجهہ ناهہ، چي دانهو نہ ڪر،
مان ڪٺان پيو ساهہ، چي آهون نہ ڪر،
ڏاڍ ڏئي تو ڏنب چوڪنيو ٻڌي،
جي ڇُري تو ماس، چي ڪاهون نہ ڪر،

ϖ

پنهنجي اونداهہ آن منهنجي سوجهري جي سامهون،
تنهنجو منهنجو مامرو آ فيصلي جي سامهون،
پير پنهنجا ڪوڙ جي ڪوڙي سگهين او ڪوڙ ٻُڌ،
ڏوڙ تي ويندين جو آهين زلزلي جي سامهون،

ϖ

غير ٿا پاتار ۾ پاڙون هڻن،
يار ٿا ديوار تي نعرا هڻن،

ساڏ تـا اوطاقن ۾ سوچن پيا،
ڏوڏ تـا گهرگهاٽ تي ڏاڙا هڻن،

ϖ

سوچ ساڪن، جوش تـي شد مد هجي،
دل اڏواڏ، گـفتگو گـد گـد هجي،
دوست دوکيـباز، هـڪڙي ڳالهه ٻُڌ،
تنهنجي دوکي جي ٻه ڪائي حد هجي،

ϖ

دوبـدو نيـڪـي، بـديءَ جي جنگ آ،
گهر ۾ ويـٺـي ڏونبها گونجيا ته ڇا؟
جاڳ وارا فـيصلا، حـيلا نـ ٿـيا،
ننڊ ۾ ڪـي بودلا وِقليا ته ڇـا،

ϖ

مـوت کي جيتي سگهي ٿو مـرد سو،
عـزم جنهن جي ۾ امر طاقت ٻه آ،
جو ڪپيو ترتي سو ڇاتيءَ تي ڇپيو،
جانبازو، مـوت ۾ جـيوت ٻـه آ،

ϖ

ٻاٽ ڪنجي، روشني جو ڳاٽ اوچو تـي پـوي،
جان جا ڪپڙا اڇا، منهنجا ٻُڪ، ڪـٻـٽ ساڙي،
سيج آجائيءَ جي منهنجي قوم سنڌيءَ کي ملي،
مون کي ڇا، منهنجو قبيلو سولي تي چاڙهي چڙيو،

ϖ

جهنگ جهر ۾ روشنيون اُيري پون،
برپـٽن ۾ زنـدگيـون اُسـري پون،
ماڻجن جيئري ئي جڳ ۾ جَنتون،

سنڌ تنهنجا ڳوٺ جي سُڌري پون،

ϖ

مُنهن ڪڏين ٿا موت جهڙا مئسلا،
مُنهن ڏين ٿا زندگيءَ جا حوصلا،
فيصلو قسمت اسانجا چو ڪندي،
پاڻ ئي پنهنجا ڪنداسين فيصلا،

ϖ

جي وڏڻ چاهيو، ڏهن مان ڏهہ ڏهاڪا ٿي وڃو،
جي ڪُڇڻ چاهيو ته ڏن ساهن مان واڪا ٿي وڃو،
وقت جي رفتار آهي، تيز، يارو تيز ٿيو،
منهنجو مطلب آهي بلڪل جل ڦٽاڪا ٿي وڃو،

ϖ

پنهنجي رستا پاڻ ٺاهيو دوستو،
قافلي کي تيز ڪاهيو دوستو،
چاڻ پهتو دور ناهيو دوستو،
دل نہ لاهيو، دل نہ لاهيو دوستو،

ϖ

ايترو او دور! چئبو سچ ضرور،
هڪڙيئين ڳالهين تون بہ آهين بي قصور،
هيترين تعدين، تباهين کان بہ پوءِ،
ڪين پيدا ٿي سگهيو قومي شعور،

ϖ

سنڌ تي ٿلتيءَ کان ٿوڙي سوچ تي،
ڪِيهہَ نيڪتي، ذهن ۾ مضمون کان،
خون جا ڳوڙها پني تي پيا ڳڙي،
لکندي لکندي پي کان يي کان نون کان،

ϖ

مان ميان تو ”ڪمِ ءِ غم“ جي هڪ وڏي،
ڇهچتي ۾ چُور آهي هيءَ گهڙي،
مهل جيڪا تئي ملي سا ماڻ تي،
هن جهان جي حُور آهي هيءَ گهڙي،

ϖ

هيجڙن وارا ڪڙا هيرا نہ ڏي!
ٻاهه ۾ ٻوڙي ڪپهہ، ٽيرا نہ ڏي،
وڃ ڪي، ڪنهن وڃ جو پاٽي ڏنو،
ذات ڪي ايذا چِتا چيرا نہ ڏي،

ϖ

دام ڪي تحفا ڪري ڳيرا نہ ڏي،
ڪنوڻ جي هٿ ۾ هي آڪيرا نہ ڏي،
واءُ مچريو تو وتي گهر گهر مٿان،
شهر ڪي آڙاهہ جا گهيرا نہ ڏي،

ϖ

رهبري آ رهبري ان ڪي اداڪاري نہ چئہ،
شاعري آ شاعري سڪٽي صداڪاري نہ چئہ،
بدگماني، دظني اهڙي بہ ڪهڙي ڪم جي آ،
پرهہ جُهڙ جي قندَ ۾ آهي تہ انڌاري نہ چئہ،

ϖ

رَت جو ٽيپو، رنگ، بُو جو بحر هو،
رت جو ڪيڏو ريلو هو بازار ۾،
گهر جو ڪمرو آرزو جو شهر هو،
صحن ۾ چاهہ باهہ هئي سنسار ۾،

ϖ

ڏاڍ جي ڏونگر کي ڏرٽو تو پوي،
اڳ جي ساگر کي ڏرٽو تو پوي،
هر گھڙي مرٽو پوي تو زندگي،
تنهنجي سر لئہ چا نہ ڪرٽو تو پوي،

ϖ

او جگر جا سُورَ تنهنجو شڪريو،
رات پر آهيان لُڇيو، ناهيان سُتو،
خيرُ آني؟ مون پئي جهوڻنڪن کان پڇيو،
رات پئي چيرو اُڏيو، پونڪيو ڪتو،

ϖ

پيار پُرزا ٿيو، ڏهاڙي ترپندو،
پروسو جو يار تان آهي ٿُتو،
لوڪ هلندو پيو جڳت پيو جرڪندو،
دل ٿُتي آ، آسمان ناهي ٿُتو،

ϖ

او هوا، مينهن جي ڪڻ ڪڻ عوام،
ٿي ڪتا ڪنهن ڏينهن ساگر ٿيا تہ پوءِ؟
او وڏا پڪرين، رڍن جا ڏڻ عوام،
ڏڪ چنبا ڪائي ببر نر ٿيا تہ پوءِ،

ϖ

تنهنجي هڪ جلوي ۾ تر جو جمال،
تنهنجي هڪ جملي ۾ عملن جو ڪمال،
مت ڏنئي انسان کي يزدان جي،
اصل " ايجها ڪم ڪريجي" لازول،

ϖ

ڪيترو سنسار پُر اسرار آ،

درد سان ٿمٿار پر غمٿار آ،
چنڊُ ساڳي جاءِ تي ڏرتي اُتي،
توڙي جو گردش غضب – رفتار آ.

ϖ

خوامخواهه لڙڪن فلڪ ڏي آ فضول،
پونءِ سان ناتو نپڻ ۾ آ مزو،
چنڊ، تارن ڏي رڳو، سگهبو ڏسي،
گل سنگهڻ، ميوي چکڻ ۾ آمزو.

ϖ

حڪمتون ۽ همتون آڏو ڪري،
پوءِ پنيري بخت کي پرچائجي،
قدر لمحي لمحي جو پهرين ڪجي،
پوءِ ضديري وقت کي ميرائجي.

ϖ

جو ڏئي تنهن کي ڏجي، ڪهڙو مزو،
جو منگي تنهن کي ملڻ ۾ آ مزو.
ڪو به ڪڪرن کي قسم ڏيئي پڇي،
بحر ڪان بر تي وسڻ ۾ آ مزو.

ϖ

ڇا ڇَيُوَ دنيا ۾ غم ناهي رهيو،
دَکَ ويا دردن ۾ دم ناهي رهيو،
چين، هن سنسار کي ايندو تڏهن،
بحر، بر باسي تہ بم ناهي رهيو.

ϖ

هاءِ ماڻهوءَ ماڻهپو ٻاري ڇڏيو،

هانءُ پنهنجي هوڏ جو ٿاري ڇڏيو،
هيءَ خبر وحشت اثر ڪڏهن نہ آ،
ياءُ پنهنجي ياءُ کي ماري ڇڏيو،

ϖ

وڏي ننڍي جو سَنڌ ڪو نہ هوندو،
سيئي سُرت وارا، جڏو ڪو نہ ايندو،
اهو ڏينهن هڪ ڏينهن ايندو ضرور،
ڦريندڙ ڦرئي جو ڦڏو ڪو نہ هوندو،

ϖ

ظلم زبري جو اچي ٿيو اختتام،
اقتصادي عدل جو ٿيو انتظام،
مردهہ باد اي آمريڪي سامراج،
زندهہ باد اي انقلابي ويتنام،

ϖ

سوپ تائين جي وڙهيان تن کي سلام،
غازين کان وٺ شهيدن کي سلام،
ٻارڙن، پوڙهن، جوانن کي سلام،
ويتنامي ڪامريڊن کي سلام،

ϖ

حسن ڪائر جو ڪُليو عنبر هيو، پکڙي ويو،
عشق مارن جو اُٿيو اوتر هيو، پکڙي ويو،
خاص سوچيو، خلق جو آجو گلو گهوگهي ڇڏي،
عام جو آواز پر اٿتر هيو، پکڙي ويو،

ϖ

مان نہ ٿو چاهيان تہ تون مون کان رُسين،
تون تہ منهنجي جان جانان جند اَن،

منهنجي جان ۽ جند آهي چند ڏينهن،
تون سدائين سچ آهين سَندَ آن،

ϖ

ڪير آهي قوم، ليدر آ مکڻ،
ڪير ڪمزور آ، مکڻ کي چا چنون؟
راڄ لنگهٽو، ڏوت راڄَن جو ڏٽي،
ڏاڙا، ڏاٽوال آ تہ ڏڻ کي چا چئون،

ϖ

يت بہ ناهيان، گند تقجي چُپ رهان،
وَڻ بہ ناهيان پيندَہ جنبون، ڏڪ سهان،
او زمانا، مان احساس انسان هان،
ڪو ڪِلي، ٿهڪان، وڙهي، چاقون ڪيان،

ϖ

ڪَر جو تر سان وير آهي، پيو مڙيئي خير آ،
نانگ تي پيو پير آهي، پيو مڙيئي خير آ،
مُند متبي ئي مزاج آهن گهٽا متجي ويا،
تي گدڙ پيو شير آهي، پيو مڙيئي خير آ،

ϖ

ساري سنڌ قوم جو ڪر ڪو ڀلو،
هن ۽ هُن جي جند جو اُلڪو نہ ڪر،
فڪر ڪر ڀولي، معاشي عدل جو،
سنڌ رهندي، سنڌ جو اُلڪو نہ ڪر،

ϖ

ديس – ڊوهي جو آ چهرو چٽو رنگو،
ڪوئلا آٽيو، ڪلر ڪارو هٽونس،
آگريون پربيون گِهي پوندبو نہ ڏيوس،

ڏور ڪان ڪنگهو ۽ ڪانگهارو هٽوس.

ϖ

هي اَتوَ بوتو، پري ڇهبڪ هٽونس،
دوستو، مُنهن تي مِٽيءِ جا پُڪ هٽونس،
قوم جي غدار کي بخشيو متان،
گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو ٻُجو هڪ ٺُڪ هٽونس.

ϖ

ايترا غم ها سچي ڌرتيءَ متان،
جي ڪڪر بنجن، نہ ڏسجي آسمان،
ايترا دوکا زمانا تو ڏنا،
جي سچي نڪرن تہ جرڪي پئي جهان.

ϖ

جوکمن مان فائدو وٺندا هلو،
غلطين کان تجربا وٺندا هلو،
ڪڪ تتي پئون ڪشمڪش کان تنهڪري،
مشڪلاتن مان مزا وٺندا هلو.

ϖ

عزم عاليشان کي اٿندو ڏسو،
هر جوان ۾ ولولو وڌندو ڏِسو،
پيار پورهيو پاڻ ۾ پرچڻ لڳا،
مُرڪندي ڌرتي فلڪ ٿڙندو ڏِسو.

ϖ

درد چو سنجري، ڪجي اڳ ۾ اُپاءُ،
جي وڃي وچڙي، تہ پوءِ وٺجي دوا،
جي دوا دک ڏئي تہ پو دارالشفا،
لَيس لِلانسان اِلاَ ما سعيٰ.

ϖ

هي ته آهي ڪين ڪُٽڻو سلسلو،
فاصلو گهٽبو ته وڌندو فاصلو،
منزلن آڏو سڏينديون، منزلون،
قافلي پويان پيو ايندو قافلو،

ϖ

حال هڪ ٻئي ساڻ اوريندي هلو،
چنگ سان چنجوري چوريندا هلو،
رات ڪارونجهر اُتو ءِ ڏينهن ٿر،
ڏيهه پنهنجو آهي ڏوريندا هلو،

ϖ

دوست ٿيو درهم پوي،
ياءُ ٿيو برهم پوي،
هر ڪو مُنهن موڙيو ڇڏي،
شل نه ڪنهن ۾ ڪم پوي،

ϖ

دل جو دهڪو ڏک بيان پيو تو ڪري،
ڪَن ٻه پنهنجا پر ٻُڌڻ کان آ جواب،
تو جگر ۾ سُور جو ڪورو ڀري،
پنهنجون اکيون پر ڏسڻ کان آ جواب،

ϖ

تيل، منهن تي فريبي هوائن مکيس،
رنگ ڪارو، دغاباز ڪڪرن مَليس،
ڪا ته موسم خطرناڪ ڪئي آ خطا،
صبح پوندبو ڏنس، شام ڦتڪو هنيس،

ϖ

گھندَ گھنٽيون قافلو ڳُڙندو ھلي،
قافلي سالار ھونگرندو ھلي،
منزلون ملنديون ته پيون ايندون اڳيان،
گونجندو، قومي گلو وڏندو ھلي،

ϖ

قعلن، برجن ۾ جو پئجي ويو سو،
وڏل آ ٿرٿلو منھنجو زمانا،
تعارف، سمنڊ جو طوفان سمجھو،
تخلص، زلزلو منھنجو زمانا،

ϖ

پيو ٿم پاپ سان پالو زمانا،
ڪيو ٿم بيت ڪي پالو،
ٻُڌو ٿم ڏاڍ جو ڏونگر تون آھين،
جُوالو منھنجو آ نالو زمانا،

ϖ

ورو ڳتڪر تي، باٽي سان ڏُوڪو، دوڙو،
رڍن، ٻڪرين جا ڏڻ ناھيو ته ٻيو چاھيو،
اُٺي جيڪو ٻه وادي سو وڍي ٻيٺو،
لَيُن لاٽن جا وڻ ناھيو ته ٻيو چاھيو،

ϖ

ھو ايندا، ٻيڪندا پويان ڏنارن جي،
ڪٽي ڪي ڪن ٿھڪي، رُسندا ته چا ٿيندو،
وڏن شھرن جي چونڪن، مارڪيٽن تي،
رڍن، ٻڪرين جا ڏڻ ڪُسندا ته چا ٿيندو،

ϖ

وطـن جا ولولا، ڪنَ ۾ لڪائين ٿو،
صدين جا قافلا، جهٽ ۾ رُلائيـن ٿو،
ڏنو مختيار نامو ڪنهن لکي تو کي،
اسان جو آئيندا، اڄ تـي کپائين ٿو،

ϖ

ڏکين ڏوڙيـن قيامت کان به اڳتي،
هجين ٿـو حـور، جنت کان به اڳتي،
ڇ – فوتي لحد لـلڪار چوي ٿي،
وڏين چو ٿو تون وسعت کان به اڳتي،

ϖ

ٻُري ٻاندبو ڪٺي پر پروسـو هـوندو،
هجي ڪاٺي به سورج سوجهرو هوندو،
جُهري ويندو بخاري جُهد پيو جيئنـدو،
ادب کـي آئيـندي ۾ آسـرو هــوندو،

ϖ

مڃان ٿو سنڌ، تنهنجي سينڌ کي رت جي ضرورت آ،
مگر رت کي وري ٻاڃي، ڳپي، ٻَت جي ضرورت آ،
پُڇن ٿا سنڌ ۽ سنڌين جي چو تسبيح پيو سورين،
چيم، هاڻـي پچاڙي آ، عبادت جي ضـرورت آ،

ϖ

نہ سمجهو خودڪشي پر خار کائي جي،
پريان ساگر مٿان ڏُک تہ جڳُ ڪِلندو،
وران ساگـر کان ويتر خار کائـي جي،
هـٺان هالار کي ڇهبڪ تہ جڳ ڪلندو،

ϖ

جوانن کي لڳي تي جُوءِ جنگي،
ملنگن لاءِ هي محفل جنگي،
اسان وينجهارن جهونجهار ۾ – ڪاريا،
اسان جي لاءِ هيءِ دنيا ڏُرنگي،

ϖ

نہ هو آواز منهنجو زلزلو، يا –
نہ هو محفل ۾ پورو حوصلو، يا –
ويو دل مان هليو هو ولولو، يا –
مرڻ جو تي چڪو هو فيصلو، يا؟

ϖ

لچن تا لفظ، ڪاغذ تي نچن تا،
ٻُرن تا ٻول، محفل ۾ ٽرن تا،
سڃاڻان ٿو بخاري شاعرن کي مان،
چوڻ چا تا گهرن ۽ چا چون تا،

ϖ

اسان کي هاڙهہ جو اوتر ڀلي سمجهو،
مخالف ياڻ جي پوير ڀلي سمجهو،
سچن جو ساٿ ڪارونجهر ڀلي سمجهو،
ٺڳن جي ٺاٺ کي ٺانگر ڀلي سمجهو،

ϖ

مِٺو غيرن ڏنو، روڪي ڇڏيو مون،
جو پيتم سو اُتي اوڪي ڇڏيو مون،
الائي ڇا ڏنو يارن بخاري،
لڳو تي زهر پر ڏوڪي ڇڏيو مون،

ϖ

دل دل دکي پئي محفل لڇي، اٿي پئي،
ڌرتي سڄي ڏڏي پئي جو زلـزلو ته آهـي،
مظلوم ڪربلا کان لڙندي لڙيا شڪاگو،
عـالـم ۾ انـقلابن جو سلسلو ته آهي،

ϖ

منهنجو هن پونءِ جي هر پيندر تي ايمان آهـي،
مون کي مهراڻ جو سُنهن آهي مان ڪافر ناهيان،
منهنجون هِن ديس ۾ ٿيون دفن ستيئي پيڙهيون،
مان ڪو رولاڪ يا پيناڪ مسافر ناهيان،

ϖ

مان وڏي ڪُوڙ مٿان ڏُوڙ وجهان ٿـو زوري،
هـي وڏو ڏنڊ ڪـري ڏوڏ مـچايو ڇـو ٿـا،
مان ڏسان ٿو ته چنو ڇُوهه، ٿُڻي پئي ڏوري،
وهم جي واءِ وجهـي، پوءِ بـڇايو ڇـو ٿـا،

ϖ

مٿان مايوس ٿيو آهين، مٿان مسڪين دل لاهيـن،
ڳهيلا ڳاهه ڳڻتين جا ڀَڏي تو جند کـي ڳاهيـن،
عقيـدت جي عذيت جا، غريبت جي مصيبت جا،
تون پنهنجا چار پنهنجي لاءِ وينو پـاڻ پيو ڏاهيـن،

ϖ

رڳـو سوچن ۾ ڪـا همت هُجي ها،
ته شاعر، فلسفـي، بـادشاهه هـجن ها،
فقــط پورهئـي ۾ برڪت هجي ها،
ته ڪُڙمي ۽ ڪمي راجا هُجــن ها،

ϖ

ڪلا ۾ جيتري، جيڪا به طاقت آ،
تحريڪ آ، حرارت آهي جدَت آ،

محَبت آهي نفرت آهي غيرت آ،
قسم آ قوم جو، قومي امانت آ،

ϖ

گجي انڌيري ٻوڙا ٿي، ٻڌون چو؟
وسي ٿو ڦهڙ انڌا ٿي ڏسون چو؟
ڀُڪائي ڏاڍ ڦٽڪا وچ وانگر،
اُٿو استاد ٿنيا ٿي سهون چو؟

ϖ

اسان جي ووٽ تي سرڪار هلندي آ،
اهي پوتار، پائر سپ سچاڻون،
اسان جي خون تي جا ڪار هلندي آ،
انهيءَ جا ٽيوب، ٽائر سپ سچاڻون،

ϖ

ڏسي سيڪو ئي سگهندو آ،
سچاڻن لئہ نظر گهرجي،
چئي هرڪو ئي ڏيندو آ،
مچائڻ لئہ مگر گهرجي،

ϖ

اسان ڀارن اديبن جو سمورو گهر عوامي آ،
دغابازن جو ديوارون ۽ ڀهريون در عوامي آ،
ڪديسون ديس جي تاجي، اٿيوسون قوم جو پيتو،
پلي ماپينس دنيا، ديگهه توڙي ٻرُ عوامي آ،

ϖ

لچي منجهہ ڪِنجهي ڪينجهر پچي ٿي،
وڏو سنڌو، وڏو ساگر ڪٽي آ،
ٻڌو ٿئون هِير ٻيلي ۾ مُنجهي ٿي،

ٻـڏايــو مــوسـمو! اوتـر ڪـتـي آ،

ϖ

پَـتو پرمار جو مون کان پڇو تو،
ڪنيم نالو، ڪکر ۾ چڻ ڪڙو هو،
پري کان ئي اشاري سان ڏڇي جو،
ڏسيم پــاڙو ته ميلي ۾ ڳڙو هو،

ϖ

اديبن، شاعرن جو شمع جان پنهنجا قلم ٻاريا،
ته ڪوجهي ڪارن انڌاري ۾ سهڻو سوجهرو ٿي پيو،
هنرمندن، مـزورن، راهڪن پنهنجا پگهر هاريا،
محبت سان جو محنت پيچ پاتو، معجزو ٿي پيو،

ϖ

وٺي تو نقش عرش تـي چٽيندو،
عظيم انسان کي چاٽان، سُچاٽان،
تـعارف عـزم جو چو ٽـا ڪـرايو،
انهيءَ طوفان کي چاٽان، سُچاٽان،

ϖ

وطن جي جنگ جوٽي ٿئون، مخالف ٿي،
جي ملڪ الموت ايندو ته ٻه مري ويندو،
اسان سنڌين کان آزادي کسڻ جي لئـه،
خدا آمـرن سان گڏ ايندو وَري ويـندو،

ϖ

ٻَرو تـو وٽـي توکي گڏجڻ کان، ٻُـته،
ڳرو ٻُنڌ، هڪ جي ڪٽڻ کان وڏو آ،
سرو، لاڙ وچ گـڏجي تيـشا ڪـٽو،
ائيــن ڏاڍ ڏونگر ڏرڻ کان وڏو آ،

ϖ

قطعي چيو، ڪويسر اهڙي نئين ڪلا ڏي،
پرمار جو چٽيان سر، هٿيار تي پوان،
محفل اُتي مچايان، مقتل سڏي، ملهايان،
وينجهار، وقت جهيڙي جونجهار تي پوان،

ϖ

ماپن، وٽن جو تر ۾ وڏو انقلاب آ،
ماسا ۽ مڻ گواهه، سيئي سير تو ڏسان،
ڪينجهر جا هنج، فاز ٻُڪيا باز تي پيا،
ڪهسار جا ڀڪر ٻه ببر شير تو ڏسان،

ϖ

هر لفظ تِيءِ هر شعر ٻه هٿن ۾،
گفتار کي ٻڌايو، ڪردار تي ڪُڏان تو،
سرٻاٽ سونهن توسان ڪهڙا ڪريان ڪَنن ۾،
جهيڙو ڪلور ڇيڙيو، للڪار تي اٿان تو،

ϖ

اسان جي چيخ نڪري سيخ مان پن پن کي ڏونڌاڙيو،
پکيءَ جا پير پڇري ۾ مگر آجي اُڏام آهي،
اسان وانگر هوائن جا ٻه طبقا ۽ ڪلاس آهن،
ڏڏيون هيرون اميراڻيون، تکو اوتر عوام آهي،

ϖ

هوا کي هٿ ڪڙا پئجي چڪا هِن،
ڪريان طوفان سان تو گفتگو مان،
هي ساگر پند پاهڻ تي پيا هِن،
رکان تو زلزلي جي آرزو مان،

ϖ

ضديرو آهين يا ايڏو دلاور آن،
جتن ڪوڙن ۾ قابو، جستجو تون،
بخاري خود فريبي آن يا بابر آن،
مرادون موت ۾، لاتقنطون تون،

ϖ

تکن لفظن جا عادي تي ويا سنڌي،
جتن ڦتڪن جا عادي تي ويا سنڌي،
ملن پيا اڄ صديءَ کان درد سو شايد،
انهن دردن جا عادي تي ويا سنڌي،

ϖ

هي ساگر ڇڇڪندڙ ڇڻ اوچنگارون،
هوا، پاڻيءَ مٿان پنهنجو پڪارون،
جي دنيا ۾ دوا هر درد جي آهي،
ڪٿي ۽ ڪهڙو آ، دل – ديس جو دارون،

ϖ

تکا، غيرت ڀريا الفاظ قاتل زهر ۾ ٻوڙي،
چڪايان يا ر ڪي ڇهبڪ ته دنيا وارا ڇا چوندا،
هجي هٿ ۾ جوالو، زلزلو جو هن کي جهنجهوڙي،
هٿان هالار کي ڇهبڪ ته دنيا وارا ڇا چوندا،

ϖ

ڀتائيءَ ۽ سچو جيڪو ڪُنو چاڙهيو،
بخاري، باهه ڪي سوري رڏي ڇڏجي،
رجهي ويو دوستو، آڻيو وٽان، پاڻيون،
وڏائي ويڙهي ويڙهي ۾ وندي ڇڏجي،

ϖ

توڙي جو ڪاٺ جو تلوار هوندي آ، غلط فهمي،
تہ بي فولاد واري ڌار لڳندي آ، غلط فهمي،
جيئي هن جڳ ڪان ڇڏرائبي جند آ، دليلن سان،
تيئن رهندو بہ سچ پچ چنبڙندي آ، غلط فهمي،

ϖ

سڱن رشتن جي دل ۾ تورو آ گهپلو،
سڌن رستن ۾ گولائي بہ هوندي آ،
مِٺو مهراڻ جو پاڻي اڇو اُجلو،
مَگر ان ۾ تہ ميرائي بہ هوندي آ،

ϖ

مٿاهون هر زماني ۾ فقط يزدان هوندي آ،
سدائين پنهنجي عادت ۾ ڪريل شيطان هوندو آ،
ڪٿي اعليٰ ڪٿي ادنيٰ، ڪڏهن نوري ڪڏهن ناري،
عظيم انسان هوندو آ، خسيس انسان هوندو آ،

ϖ

هيءَ منهنجي دل جي بي آرام ٿيندي آ،
۽ اڪثر صبح، منجهند، شام ٿيندي آ،
انهي ڦتڪار جو نقشو چٽيان ڪهڙو،
ڪبوتر هانءُ، چاتي دام ٿيندي آ،

ϖ

بتي گهر جي پري ناهي،
تہ اونداهہ جهان آهي،
ڪلي دل جي ڪڙي ناهي،
تہ گلشن ۾ خزان آهي،

ϖ

نہ مان جابر نہ جادوگر زمانا،
نہ مان پرور نہ پيغمبر زمانا،
مان آهيان پڙڪندڙ ڌرتيءَ جو شاعر،
برابر باھ جو ساگر زمانا،

ϖ

تونگر دل، نظر منھنجي گداگر،
ورھائيندو بہ پر گھرندو وتان تو،
مڃان ٿو سونھن جي سامھون برابر،
مھـــا ساگر مگر گھاگھر لڳان ٿو،

ϖ

رڳو دانھون ۽ ڪُوڪون، شرمندائي آ،
ٿڌن ساھن جون ڦوڪون شرمندائي آ،
هُتان اُلري ٿو آڪيري ڏي ڪاريھر،
هتان جھرڪين جي چُون چُون شرمندائي آ،

ϖ

ذهن کي تہ مان ٽڙائين، ڇي، هي شيطان آهي،
وهم جي ووڙ جو هو انڌ ۾ ايمان آهي،
ترم ۾ تيز تدبرَ کي ڏنيائين تہ ڏچا،
ملڪ ۾ مست – مقدر جو وڏو مان آهي،

ϖ

هي جُھدَ جو جھندبو جو ڳڙن ۾ ڦڙڪيو،
ڦاٽي ويو، سانڍي رکو، ليڙون بہ چڱيون،
استادَ ۾ ڇا دوست بچيو آهي، چيائين،
ٻيڙي جي ٻڏي تہ هريڙون بہ چڱيون،

ϖ

برسات اُني ڪا نہ مگر ماڪ پوي ٿي،
معلوم ٿيو ملڪ ۾ پاڻي آهي،
ڪا چِٽنگ بچي ڪا نہ ٿتي خاڪ چوي ٿي،
هِت آڳ ٻري هاڻي اجهاڻي آهي،

ϖ

جو وقت جا وڏاڻ هٽائي نہ ٿو سگهي،
سينا سگها سنداڻ ٻٽائي نہ ٿو سگهي،
سو آدمي تہ آهي اسان پڻ سڏيونس ٿا،
پر سورمو مهان سڏائي نہ ٿو سگهي،

ϖ

هيڏانهن رات يُوت بچي پئہ ڏيڻ لڳي،
هوڏانهن بيشمار ستارا ڪلڻ لڳا،
جنهن وقت چندبہ تارا نٽائي لڪڻ لڳا،
ان مهل سڄ جهڙا سهارا ملڻ لڳا،

ϖ

ساگر ڪڏهن بہ اُڏري بادل ۾ ناهي ڦاٽو،
دريا ڪٿي بہ وچڙي دلدل ۾ ناهي ڦاٽو،
آواز حق استاد آزاد آهي، هوندو،
قرآن پاڪ ڪڏهن ارحل ۾ ناهي ڦاٽو،

ϖ

ماٺار سُمهي هِيرَ جي جهوليءَ ۾ ٿي سوچي،
جي ڏينهن ٽتا تيز تہ طوفان نہ اُٿندو،
استاد گروهن ۾ گهڙي روز پُڇيو ٿي،
انسان جي آواز ٿي انسان نہ اُٿندا؟

ϖ

ڊچندڙ اکين سان گُهورِن اوندهہ جا ٻيٽ ٻيٺا،
طوفان وهڪرن ۾ شعلا ڪنيون اچن ٿا،

ڏڪندڙ هٿن سان ڏونگر گهوڙن ٿا سون، هيرا،
پونچال چير پايو ميدان تي نچن ٿا،

ϖ

هلو سنيالي سنيالي، لتاڙِجي نہ وڃو،
لتاڙجي تہ چڙيو پر چپاڙجي نہ وڃو،
ڇپجي ڇڄي نہ رنيو لاڙ ۾ تر سرا، ڪاڇا،
ڪروڙ ڏاڍ جي لوڙهي ۾ واڙجي نہ وڃو،

ϖ

جي قاز، باز گڏجي رهندا تہ پوءِ ساٿي،
يا قاز، باز ٿيندا، يا باز، قاز ٿيندا،
حالات جي حوالي سان سنڌ تنهنجا باسي،
يا نِت نياز ٿيندا يا جانباز ٿيندا،

ϖ

هر ڏار تي ڪوئل هئي هر ٿار تي بلبل،
آواز تي گلزار مان ٿان – ٿان آيا،
هر ڪنگري تي شاهين، هر برج تي چرخو،
پڙلاءُ ٿي محلات مان ڪان – ڪان آيا،

ϖ

چيٽ جي هِير بہ ناهيان جو ورهايا خوشبو،
مانگهہ جي ماڪ بہ ناهيان جو ڪلا مکڙيون،
مان، چرئي چيٽ منجهند ٿاڪ جو ڪوسو جهولو،
مون ڪي آڪاڙ جي اوٽر سان ملڻ جون لوڙون،

ϖ

جي وات ڪريو بند، بيابان سمجهي،
جي ساهہ ڪٺون سمنڊ جو طوفان سمجهي،
بزدل بہ عجيب آهي اسان جو دشمن،

جي ٿورو اٿي بيهون ڪهستان سمجهي،

ϖ

تڪ، تار تري وڃبو آ،
ترندي ٻه ٻَري وڃبو آ،
هڪ چرڪ پري ڇڏ جاني،
جيئري ٻه مري وڃبو آ،

ϖ

ڪانءَ جو ڪنپ ڪٽي ٿورو هوا ۾ لوڏيو،
ڪانءَ وڏو گوڙ ڪندا، گڏجي ٿونگا هڻندا،
سنڌ جو ڪونڌ ڪُٺو ليٽڙي رت ۾ لاشو،
شهر جا شير ويا، فلم جا گانا چوندا،

ϖ

جيوَن ڪي ينبي – پينگ ۾ بڪندو ڏٺو اٿم،
انڌي جي منهن تي مُرڪ کي نچندو ڏٺو اٿم،
پيري، قبر ۾ پير مگر دل، سَدون سوين،
ميلو مقام ۾ ٻه ته لڳندو ڏٺو اٿم،

ϖ

ڪهرام ۾ اچي ڪيئن استاد آهين ڦاٿو،
ماتم ڪندو، پٽيندو پنهنجي خوشي تو ڳوليان،
مقتل کان ٿورو اڳتي محفل جو ڏيس مليو آ،
مان موت کي لتاڙيندو، زندگيءَ تو ڳوليان،

ϖ

هي هٿ ۾ پنو، سنڌ جي سمجهو وادي،
مضبوط قلعو جڻ ته رني ڪوٽ آهي،
هر الفظ بخاريءَ جو وطن دوست مجاهد،
بيباڪ آ، جانباز آ، اٽموٽ آهي،

ϖ

چوٽ تي چوٽ، زماني جي پراڻي عادت،
عزم اٽموٽ، آ منھنجي اباڻي فطرت،
سمنڊ سنسار ۽ سنسار جي پنھنجي هستي،
آءَ طوفان ۽ طوفان جي پنھنجي طاقت،

ϖ

سورن جو سلسلو بہ وڏو آهي دوستو،
هر سُور جو بلو بہ وڏو آهي دوستو،
انسان ڪم بڻائي ٿو انسان بم گهڙي،
پُٽوان پوڳهلو بہ وڏو آهي دوستو،

ϖ

سنسار تان سُورن جو جنجال ڪڏهن لهندو،
طوفان ڪڏهن رُڪبا، پونچال ڪڏهن لهندو،
تلوار کان بندوقون، بندوق کان ايٽم،
انسان تان بارودي بنبال ڪڏهن لهندو،

ϖ

دوڙو تہ شيخ، شيام، بخاريءَ کان هي پڇون؟
ڇا ماڪ، هِير جهڙي اجا شاعري ڪجي،
آ سِنڌ سونهن لوچ ۾ نغما چئون، نچون،
سڪرات ۾ حبيب هجي، مسخري ڪجي،

ϖ

شهر سڪرات ۾ مان چوءَنڪ نچايان،
لوڪ ماتم ڪري مان چنگ وڄايان،
پونءِ لڙي جنگ بقا جي، هي نڳي آ،
هو گهري توبَ تہ مان بيت، پُڄايان،

ϖ

بولان کان پنيور ڏي گيراڪ تي آيا،
پرمار ڪري پيار جي پوشاڪ تي آيا،
مهراڻ جي واديءَ جو تيو تي نيلام،
هالار جي چوٽيءَ تان وڏا واڪ تي آيا،

ϖ

گهوگها هُجن ڳچي ۾ واڍون ٻَجهَن چنگهن ۾،
گاريون ٻُرن ڪَنن ۾، پوندا چُپن اکين ۾،
او غفلتو، غلاميءَ جو آخري قدم آ،
ڌاريا، گهرن ۾ هوندا ۽ گهر – ڌٽي گهٽين ۾،

ϖ

هر ڏينهن، ڪِنا ڏوڏ ڏين اوڪارا،
هر رات ڪري ٻاٽ تي سايون التيون،
بازار ۾ ٻُڌندي ڪي ڏٻارا نعرا،
هِن دور جي تاريخ کي آيون اُلٽيون،

ϖ

هر ديد جي ڪمري ۾ ڏهاڙي ڪِنُ آ،
هر رات جو ٽي وي تي اڳاڇي اُلٽيون،
تقدير ۽ تدبير انهيءَ تر جي ڇا،
تقرير ۽ تحرير جي آڇي اُلٽيون،

ϖ

چو زهر تا هِن ڏيهه کي ڏوڪارايو،
هو خون تو توڪي پيو، اُلٽيون ته ڏسو،
چو قهر تا پيٽرول ڪري پلٽارايو،
ير باک جا گهرگهاٽ تي تجلا ته ڏسو،

ϖ

غيرتون، گوڏ جو پوتڙو نہ ڪريو،
همَتون، وات جو موچڙو نہ ڪريو،
غير جي ڪنڌ تي چڙهي، پنهنجي،
قوم کي ڳِيسڙو – ڳِسڙو نہ ڪريو،

ϖ

پهريان ڦُڙي ڦُڙي تي، درياهہ تي وڃون ٿا،
۽ پوءِ ڦُڙي ڦُڙي نديڙا واهہ تي وڃون ٿا،
ڪاٿي پَري پَري وڏا آڙاهہ تي وڃون ٿا،
ڪاٿي اُجهي اُجهي اسين اونداهہ تي وڃون ٿا،

ϖ

جَهٽ جَهٽ گندي گار برداشت نہ ڪبي،
هر هر ايذي مار برداشت نہ ڪبي،
سيڪجهہ برداشت ڪندا ٿا وڃون پوتارو،
ڪهڙي آخرڪار برداشت نہ ڪبي،

ϖ

دهشتگرديءَ تي ضابطو رکيو ويندو،
ڌاڙي – گابي سان رابطو رکيو ويندو،
”آسون لاهيو نہ سادڙا پيارا سنڌي.“
دلبي، دوکي جو سلسلو رکيو ويندو،

ϖ

خوشبوءِ ڪري بند رڳو گند پکيڙين،
ان دوئنس ۾ ٿا گونج کي گهمسان بنايون،
او آنڌا، آڌا ترس، اڃون ٿا تــوڏي،
طوفان کي ٿا آڳ جو اڳواڻ بنايون،

ϖ

تندور مان چوان ڪو نہ تو مان،

گجگوڙ مان گهمسان تہ ٿي سگهندو،
شيطان مان يزدان چوان ڪو نہ ٿو مان،
انسان مان انسان تہ ٿي سگهندو.

ϖ

جو ساهہ ڪڍي، تنهن سان رهان شامل مان،
سُرهاڻ نہ چئو، سنڌ جو سهڪو ڪوٺيو،
هر دل جي اُمنگ، آس ۾ داخل مان،
آواز نہ پر ديس جو دهڪو ڪوٺيو.

ϖ

يونچال اچي، پوءِ بہ نہ ڏُڏجي، ڪڏهين،
ڪنهن ڏينهن بنا ڏوڏ، لُڏي وڃبو آ،
سهٽيءَ ڪي ڇڏيو دوست، ڏسو سسئي ڏي،
ٻُڏجي تہ سُڪيءَ ۾ بہ ٻڏي وڃبو آ.

ϖ

پنهنجا قدم ڪٺي ڪٺي، ڦاٽا ڏُڀڻ ۾ آهيون،
رستي تي آهيون جي تہ وڏي چو نہ ٿا سگهون،
پنهنجي ڪتي جا پاڻ ڪي ڪندا ڪُتا اٺئون،
رُوندا، انڌا تہ ناهيون، ڪڏي چو نٿا سگهون.

ϖ

هاڻي بہ جي نہ وٺندوءِ پنهنجي حقن جو قبضو،
ڪاٺين، ٻنين، مِلن ۾ ڪاتن پڪن جو قبضو،
شهرن ۾ پنهنجي پاڙن، چوءنڪن، هَٽن جو قبضو،
پوءِ سمجهو سِر تي هوندوَ ڌارين ڏَڪن جو قبضو.

ϖ

اُٿو تہ تيز تتا آفتاب تي اُبرون،
ڪتاب تي نہ اچو چو تہ ڦاڙجي نہ وڃو،

اڳيان اڪاريو صحرا، ملهار ساڻ ڪٿو،
سراب راهہ ۾ آهي تہ ساڙجي نہ وڃو،

ϖ

طوفان، زلزلي ۾ ڇهرن ڏي ڪير ڏسندو،
برسات ۽ ڳڙي ۾ ڳوڙهن کي ڪير اُگهندو،
جنگاهہ جي طبل ۾ ڪوئل جي ڪوڪ ڪهڙي،
هر گهر ۾ حشر، تنهنجي شعرن کي ڪير ٻُڌندو،

ϖ

رڻ پٽ هُجي تہ ٺيڪ آ، صحرا هجي تہ وهوا،
سوڙهين گهٽين ۾ گُلهندي، طوفان تو لڄي ٿئي،
درياهہ، مينهن، ٻوڏون ٻوڙين ڳالهہ ٻي آ،
پنهنجي پَگهر ۾ ٻُڏندي، انسان تو لڄي ٿئي،

ϖ

رڳو خيال بيابان ۾ پيو ڀٽڪين،
عظيم عزم، عمل جو نشان پيدا ڪر،
ضرور ناهي تہ ايڏو وڏو قديم هجي،
نئون جوان ٿي پنهنجو جهان پيدا ڪر،

ϖ

ڪرڪيٽ راند ناهي کٽجي يا هارجي، ڇا،
مشڪل ڪان سَوُ دفعا هي مشڪل معاملو آ،
هر ڪنهن کي پنهنجي همت، حڪمت تي پروسو آ،
قومن جي ارتقا جو قومي مقابلو آ،

ϖ

اوٻاٽَ، سڄي رات تو تارا ميڙيا،
پريات جي درياهہ ۾ ٻوڙيندسين،
او اندَ جا ٽِڪسات، او شيشا باشا،

تو کي تہ مُترڪا هٽي ٽوڙيندا سين،

ϖ

جي ماٺ ڪري مربو، تہ ارمان وڏو ٿيندو،
جي گوڙ ڪبو، اٿبو، گهمسان وڏو ٿيندو،
هن مند کي معلوم آ، پَن پَن کي پتو آ،
گهر گهاٽ گهُٽون وڌنديون، طوفان وڏو ٿيندو،

ϖ

ويو ڪو پکي اُڏامي، ٽاري لُڏي ئي پئي،
آڙاهہ ويو اجهامي دونهين دوکي ٿي پئي،
تهذيب چڻ تہ وهندو دريا سُڪي تو پيو،
پُولي جيئن ڪا ترندي ٻُڏي، ٿي پئي،

ϖ

ڇا تو پڇين زمانا، جيون جي جهنجٽن جو؟
ها، جنگ پئي ڪئيسون، ڏونڪا بہ کُڏياسين،
ڪيئن زندگي لڳيسين، اُن حٿ کي چڙي ڏي،
هر روز زلزلو هو، جهُولا بہ پئي لُڏياسين،

ϖ

هن ديس جي آهي، هي ضلعو دادو،
نروار رني ڪوٽ جو قلعو دادو،
شهباز قلندر کي پيارو آ ڏاڍو،
بيباڪ بلاول جو هي ديولو دادو،

ϖ

شهر خاموش مگر شور آ محشر وانگر،
وقت بيهوش ۾ چو جوش آساگر وانگر،
ذات ڏيئا نہ بنايو ڪريو سورج شاخون،

ڏاڍي ڏيئا تو اُجهائي وجهي اوتر،

ϖ

هي گهِنڊ هي گهڙيال هي پيرون پيڪا،
هن تر جي سجاڳيءَ جا طبل آهن سڀ،
پرمار ڪڪر واءُ تي ٿا ڪڙڪا،
حقدار لڳا بيٺا جبل آهن سڀ،

ϖ

جيون لذيذ ڏاڍو، بعضي عذاب آهي،
ڪيڏو نه ڪشمڪش جو وٽندڙ شباب آهي،
مغرور مشڪلاتون جهومي چون ٿيون نغما،
مشتاق جانبازن ڇيڙيو رباب آهي،

ϖ

مان ساز اڇي مون کي وڄائي ڪوئي،
مان گيت، پلي ڳوٺ ۾ ڳائي ڪوئي،
سمجهوم سياڻي جو سدورو سپنو،
تعبير کٽي منهنجو ڪرائي ڪوئي،

ϖ

ماحول ڪان ته موقعو ناهي پلو مليو،
پر عشق توکان مون کي وڏو پرجهلو مليو،
مان دل جو هڪ جوان جوالو کٽي هليس،
هو حسن بي پناهه اڳيان زلزلو مليو،

ϖ

هٽي نگاهه پڇائين ته ڪانُ هو يا نه؟
چيم ته جنهن به بچايو، جوان هو يا نه،
هزار شورشون ڇهرو، ڪئي قصا آنسون،
زبان بند هئي پر بيان هو يا نه،

ϖ

اسان بہ عشق ڪيو هو، اُهو تتو وسري،
مچن ۾ شوق نچيو هو، اهو نہ تو وسري،
بَلا تي پير نہ پيو هو جو چال ڏئي بچجي،
ڪنوڻ ڪي ہانهن ہڪيو هو، اهو تتو وسري،

ϖ

شراب شوق ۾ جوين، ڪباب خود جوين،
تہ جو پچي بہ بچيو هو، اهو نہ تو وسري،
سواد عشق جو استاد زندگيءَ جهڙتو،
عذاب ۾ بہ مزو هو، اهو نہ تو وسري،

ϖ

جو سِرُ نہ جُهڪيو، پونءِ جو پونگر هوندو،
طوفان ۾ هالار جو ڏونگر هوندو،
جنگاهہ ۾ آڙاهہ، ڏَڪن ۾ دودو،
پنجوڙ ۾ گجگوڙ ببر نر هوندو،

ϖ

مرندي بہ قوم آهي، جيئندي بہ قوم آهي،
ڪرندي بہ قوم آهي اُٿندي بہ قوم آهي،
هن پونءِ جا جيالا جهونجهار پُٽ، ڏيون،
سنسار کي مچايو، سنڌي بہ قوم آهي،

ϖ

”اچي تو هو“ تہ پِتڪي ۾ چَم چَم آ،
نہ پهتو هو تہ عيدن تي بہ ماتم آ،
ڪشش ناهي تہ عيش آهي عذابن جان،
سڄڻ ۾ لطف جو ڪيڏو تہ سنگم آ،

ϖ

دوستيءَ مان دشمني، ڏاڍي ڏکي،
رهبري مان رهزني، ڏاڍي ڏکي،
اعتماد استاد اطمينان آ،
توبہ توبہ بدظني، ڏاڍي ڏکي،

ϖ

تنهنجي گُھنڊ جو ليڪو شاهد،
لمحو، اڱ جو ٽانڊو ٿي پيو،
تنهنجي مُرڪ جو چلڪو شاهد،
لمحو، ماڪ جو قطرو ٿي پيو،

ϖ

شاهد نو لک تارا منهنجي محبت جا،
لڇندي، لڇندي سٺ سئو راتيون ڪاٽيون ٿم،
هڪ هڪ ساعت، سال لڳي ٿو او اُڏمان،
چڻ تہ سڪڻ ۾ سهسين صديون ڪاٽيون ٿم،

ϖ

ڪٽي جو ڪوليم ڪتاب دل جو، صفحي صفحي تي شباب تنهنجو،
اکر اکر سان هٽي چڙيو تو، نظر نظر تي نشان جاني،
عظيم آهين ڪمال وانگي، حسين سهٽي خيال ونگي،
تڏهن تہ تنهنجو جمال جلوو، جڏهن تڏهن آ جوان جاني،

ϖ

سڳنڌ منهنجي سٽن منجهان جي سچي پچي ڪجھ اچيو ٿو،
دماغ منهنجي گلاب جهڙو هڳاءُ تنهنجو سنگهيو هيو،
ڪرنٽ هوندو ضرور منهنجي اچا بہ ڪنهن ڪنهن اُچار ۾،
هِنن چپن سان مون بجلين کي چِتي وهيءَ ۾ ڇُهيو هيو،

ϖ

آجيون پريون آڳنڌ آڻ، پوپٽ ناهن جهٽڻا،
عرش تان تارا ڇنڻا آهن، پيرون ڪينهن پٽڻا،
سپنن ۾ ئي سمهندي سهڻا ساجن ماڻ سولا،
سچ پچ ماڻا ماڻ، سر سان آرا آهن ڪٽڻا،

ϖ

ڏُڪي ٿي صبح ۽ سانجهي ڪُٿي ٿي زندگي منهنجي،
هلي حيلو ته سورج کي صفا سوگهو ٻَڌي ڇڏيان،
گهڙيءَ کان پوءِ ڪاٽي پنڌ پاهڻ ٿيو پيو هوندس،
نچڻ ناهي ته چاهي، موقعو آهي لڇي ڇڏيان،

ϖ

ٻيرن کي ڏوٽيندي چو آن،
ڦلهيار کي ڦولهيندي چو آن،
گونگن وانگر موڳي دلڙي،
اندن ڏي گهوريندي چو آن،

ϖ

رات پوئين ٿي جُڪي، هاڻي ته ڇڏ،
پئي اچان پهرين ٻڪي، ڇا ٿي چوين،
باک، ماڪ آهي مُڪي، هاڻي ته ڇڏ،
سِڪ ڊڪي ناهي رُڪي، ڇا ٿي چوين،

ϖ

بادل اُڏري، ڏور وجي ٿو،
سر کي ڏيندو سور وجي ٿو،
موٽي، جڏهن مينهن وسي ٿو،
ڊنڊ سُڪي ۾ ساهه پوي ٿو،

ϖ

حياتي، سا ته ماڻيم ميل، محبت ۾،

مماتي جو مُدو پوڳيو مون فُرقت ۾،
اڃا پيچو نہ ٿو تنهنجو ڇڏيان پياري،
الائي ڇا ٿو ڳوليان تنهنجي الفت ۾

ϖ

ملئين مُرڪي تہ چانڊوڪي ٿڌي ٿي پئي،
تڪيہ ڪُرڪي اٿيئي ڏر ٿتي ٿي پئي،
روئي ٿي رَتَ روزانو آنا منهنجي،
رُڳو تنهنجي سهاري زندگي ٿي پئي،

ϖ

ڏنڊن سان گڏ، دل بہ رکي ٿي،
آءُ اها ڪئميرا آهيان،
منظر جي دل ٽڪرا ٽڪرا،
مان بہ تہ ڀيرا، ڀيرا آهيان،

ϖ

مون کي ترڙپايئہ، طبعت مهرباني،
دردمندي در حقيقت مهرباني،
ويس بچي جو بي مَتيو پٽر نہ ٿيس،
ماٺهو بخشيئہ، محبت، مهرباني،

ϖ

سُهڻا ماڻهو، ڪُهڻا ماڻهو،
دشمن آهن، دلبر آهن،
رت جا رشتا واهم جا رستا،
ويري آهن، واهر آهن،

ϖ

خوشين جون ۽ گهٽيون هِيرون گُهلن ٿيون پيون،

وڪوڙيو ٿا وڄن پِيرن جا واڇوڙا،
هُنن وٽ عيد جي دعويٰ هنن وٽ ماتمي ميڙا،
ڏسون ٿا ڇهچِتا، پِتڪا، نہ هو ڪُوڙا نہ هي ڪُوڙا،

ϖ

مهرباني مُند جي مجبي مٺا،
ڪي ڪٿيون پهتيون، نديون ناهن مليون،
جنهن خدا اُپ ڪي لکين تارا ڏنا،
تنهن ڪان انڌي ڪي اکيون ناهن مليو،

ϖ

ڏسي هن ڪي، خوشيءَ کان ميڪدي ۾ ويا لڳي نعرا،
تي مسجد ۾ بہ وئي سبحان هُو سبحان هُو پيدا،
بخاريءَ ڪيترو گستاخ چئبس بي ادب چئبس،
تصور هن جو ٿي پيو اوچتو اڄ بي وضو پيدا،

ϖ

ٿڌن ساهن جون سُرهاڻيون جي غمگيني گهمُن هاٽيون،
سي منهنجي روح جي پولار ۾ پکڙي پيون آهن،
ڳرن ڳوڙهن ڪري تنهنجون ڊگهيون پلڪون جُهڪيون چڻ ڪي،
گلن جون نرم ٽاريون ماڪ تي نوڙي پيون آهن،

ϖ

پيار ڪي بازار جو سودو نہ چئو،
هانءَ جي هبڪار ڪي هوڪو نہ چئو،
صبح هڪڙو شام ٻيو ۽ رات ٽيو،
هي تہ ٽيو چولو، رئو ڇهرو نہ چئو،

ϖ

مان مري قاصد ويس پهتس نہ تُربت ۾ اچا،
ڏينس ڏوراپو وچي چا رهندين غفلت ۾ اچا،

چو نهتو منهنجي جنازي جي تون ويجهو اچين،
وئي نہ توکان بدگماني منهنجي نسبت ۾ اچا،

ϖ

مون کي پتو آ پاپي اوکا جا گيسو،
فرهاد پاڻ آهيون، تيشا هزار آهن،
اوندهہ ڍکيا سرو، تر ڪاچو ۽ لاڙ آهن،
شعلا، اُلا، مشعلون، تجلا هزار آهن،

ϖ

پريشان، شام جو محبوب جا گيسو،
عجب ۾ صبح جو ميڪپ جو آئينو،
سمو بي چين چڻ طوفان ۾ سنڌو،
مگر بي حِسَ هو ڪهسار جو سينو،

ϖ

هاءِ گرهڻ ۾ اچي ويو ماهرو،
چهرو ڪوجهو ٿو ڪري پيو خوبرو،
ڪير هيو ايندو بچائيندو اچي
چو تہ ويري ٿي پيو آ واهرو،

ϖ

ٻتڪئي عوام ۾ آ، پويان لڳڻ جي عادت،
عيار رهبريءَ ۾ ماٺهن ٺڳڻ جي عادت،
اغيار تيز آهن تنظيم سان وڌن پيا،
يارن ۾ پئجي وئي آ نعرن هڻڻ جي عادت،

ϖ

هڪ قوم پئي ٿي ٻتڪي، ٽولا هزار آهن،
ٽولي ٽولي ۾ ٻيا ٻي پولا ٻہ چار آهن،
جيڪو بہ چاهي ليڊر بنجي بيان چيجي،

جهنڊا، جلوس، نعرا اڳ ۾ تيار آهن،

ϖ

جيڪو نہ جُهڪيو، جهوڪ جو جوڙو هوندو،
تنهن ڪِير امرُ سنڌ جو پيتو هوندو،
مرندو تہ مري ويندو مگر سڀ ڏسندئو،
ڏُڀ مور نہ چرندو چو تہ چيتو هوندو،

ϖ

جلين ٿي شمع تون شعلا ڏسان ٿو پيو،
پتنگ آهيان اُمنگ ۾ پچان ٿو پيو،
ڳرين ٿي پئي مگر جيئري اجا آهين،
اها منهنجي بہ نِرجائي، جيان ٿو پيو،

ϖ

جي ماڪي آ جفا تنهنجي ۽ مصري آ سزا تنهنجي،
تصور ئي نہ ٿو سوچي تہ ڇا هوندي وفا تنهنجي،
پتو محشر ۾ پوندو منهنجي مستي تنهنجي هستيءَ جو،
جڏهن ميزان ۾ تُرندي خطا منهنجي عطا تنهنجي،

ϖ

هن ڇميون ڏيندي پڇيو؟ ڏيءُ ٿيئہ ڇيم،
مينهن ۾ مهراڻ جو ماپو نہ ڪر،
عاشقيءَ جو عيش ڪجهہ اڳتي بہ آ،
لطف ۾ شامل رڳو بوسو نہ ڪر،

ϖ

نہ بيداري نہ بيهوشيءَ جي حالت آ،
نہ وک اڳتي نہ وک پٺتي جي طاقت آ،
پڇين ٿو ڪيفيت منهنجي حياتيءَ جي،
پٺيان آ موت ۽ سامهون قيامت آ،

ϖ

حسن ترنـاڪ اڳيان، عشق کي چالاڪ ڪبو،
بزم بجي جنگ تہ پو عقل کي بيباڪ ڪبو،
ڪنڌ فلڪ بـوس منـارن جو مـروڙي وجهبو،
عزم ذرا يون جي گهڙيءَ لاءِ غضبناڪ ڪبو،

ϖ

جواني سون جهڙي سيني مان اُبري اٿئي جاني،
خزاني جي ضروري آ پڪـي پختي نگهباني،
محافظ عشق کي رکجان متان پو هٿ هٽين سهٽي،
چـرا عـاقل ڪند ڪاري باز آيد پشيماني،

ϖ

ٽئلينـٽ اُپارڻ لـئہ مضبـوط ٽَلـون گهرجن،
ڪنهن کي بہ اُڏرن لئہ مخصوص ڪلون گهرجن،
ريءَ ٽنب سوا ٽوٽي ڪـو عرش نٽو بيهي،
ان لاءِ عقيدي جون ٽوٽيون ۽ ٽـلهيون گهرجن،

ϖ

مون کي چيو زماني ڪجهہ حوصلو تہ ڪر،
پنهنجي پلــوڙ پوليءَ تي پروسو تہ ڪر،
مون دل ڪري ٻُڌيا پـرپـور شعـر پـر،
هُو دور غيـر هو سو چيئين ترجمو تہ ڪر،

ϖ

اوهان سوچيو ٿا جو، هائو، مان سمجهان ٿو،
جو مون تي رحم ٿا ڪائو، مان سمجهان ٿو،
پُرن ۾ شـور آ لهجـو رکـو کهــرو،
هي ڪمدار، هو ڪارائو، مان سمجهان ٿو،

ϖ

نہ جنگين جا ڀونچالَ، ڀونءِ کي ڀڃيو،
نہ ٽئنڪن جي ملبي ۾ دٻجي ويو،
مشينن جي دونهين ڪان اڳتي وڌو،
نڪورين فضائن ۾ نڪري ويون،

ϖ

هن بي درد سروتا آندا،
ڏک ڏک ڪاڻم بيٺي ٻُل،
مون ٻہ هنيا هن کي هيڪاندا،
هاءِ هيم ئي هٿ ۾ گل،

ϖ

ڪيئن چاهہ جو ميڙ متو، آڙاهہ تتو وسري،
چو تہ ڪنهن ٻہ حياتيءَ کي جم – موت تتو وسري،
ممڪن ئي نہ آ، حورون محبوب جو مٽ بنجن،
محشر ۾ ٻہ مشڪل آ، هِن جڳ جو مزو وسري،

ϖ

جمهوريت ڀڏي پئي شڪايت عوام جي،
هي وقت تو ڪري پيو وڪالت عوام جي،
محفوظ فيصلو تي رکي پاڻ وٽ اهو،
ڏسجي تہ ڇا ڪري ٿي عدالت عوام جي،

ϖ

ڳالهہ سرديءَ جي سرڪي وڃڻ جي ڪجي،
يا بهاريءَ جي مُرڪي اچڻ جي ڪجي،
موسمون مند تي ايندیون ويندیون اي دوست،
سوچ عزت سان زندهہ رهڻ جي ڪجي،

ϖ

ڪمزور آ ڏوهہ ۽ ڏوهيءَ لاءِ سزا،
طاقت آهي زور ۽ زبري لاءِ مزا،
هار بہ پنهنجي هٿ ۾ آهي جيت بہ هٿ ۾،
پنهنجي هٿ ۾ آهي يارو درد دوا.

ϖ

سنسار جو اسرار جو در ڪولي ڏيو،
سڀ فلسفي هي راز رڳو قولهي ڏيو،
ڏڪ دنيا گهڻا ڪاڏا نڌڻڪائيءَ ڪان،
ڌڻ چئي ٿو تہ ڏٽوال مون کي ڳولي ڏيو.

ϖ

چاڪاڻ چني يار تون چورو ٿو ڪرين،
ديدار گهران مان تہ تون پردو ٿو ڪرين،
هڪوار رڳو دل کي دلاسو بہ نٿو ڏين،
بي پير، بيپرواهہ، اهو چو ٿو ڪرين.

ϖ

هي زندگي گلزار آ، يا هائي آ،
چهري تي اُني ماڪ آ يا چائي آ،
هڪ عمر سِڪي مُرڪ مِٺي جي ڪارڻ،
هي پيار نہ ٿيو يار، هيءَ ڏاڍائي آ.

ϖ

هڪڙو گندو – گارو پاڇو،
۽ ٻيو ڪِڪ جو ڪارو پاڇو،
انڌاري کي داد ڏئي پيون،
پڳ پڳ تي منهن ڪارو پاڇو.

ϖ

اوندهہ ۽ انڌاري جي شادي ٿئي پئي،

گهگهہ انڌارو پنهنجو گهر آباد ڪري پيو،
نيري هٿ ۾ ناسي جهنڊو جهولا ئيندي،
ڪارو پاڇو هر هر زنده باد ڪري پيو،

ϖ

اوندهہ جي برسات جي وسندي،
انـــڌارا درياهہ تہ وهندا،
بيٺ بيٺ تي ٻاٽ جو چٽبي،
ڪارنهن جا ڪُنڌاهہ تہ ڦتندا،

ϖ

بعضي لڌي سُکن جي صندوق زندگي،
بعضي لڳي ڏکن جي بندوق زندگي،
توڙي قدم قدم تي روڪي، ڏڪي رقيبن،
منهنجي تہ هئي تڏهن بي معشوق زندگي،

ϖ

نہ ڪر وقت تي اعتبار ايترو،
نہ وجهہ ڪنهن بہ پڇڻي تي تون بار ايترو،
جو توسان ملي سو اُتي معتبر تي،
ونڊي قرب جو ڏي وقار ايترو،

ϖ

پڙو يا ٽريو پيو ڪبو تبصرو،
مُهاڻو هو مانهجي يا ڪو مسخرو،
اهو مامرو سوچ ساڃاهہ جو آ،
بيپراهہ دريا جو وهڪرو،

ϖ

انسان اٿر تيءُ ٻہر – ٻُور نہ تي،
آدرش – ارادن کي چٽي چور نہ تي،

ابليس جي تبليغ تون آزاد نہ آن،
پر رب جي مرضي آ، تہ مجبور نہ تي،

ϖ

جنهن ڏات ڏني ڏات، انهيءَ لاءِ تو تڙپان،
جنهن جوت ڪئي ”جهَات“ انهيءَ لاءِ تو تڙپان،
او صبح ازل صبح ابد تون هڄ شاهد،
پريات ڪان پريات، انهيءَ لاءِ تو تڙپان،

ϖ

جي هڪ قوم، ڪوڙيون انائون ڳهي ويون،
ائين سمجهو ڌرتي، هوائون ڳهي ويون،
پهاڙن جا ڳاٽا جهڪي چوٽ سان پيا،
ارادا اجهل التجائون ڳهي ويون،

ϖ

نگهبان ڪوڙيون انائون ڪيون سون،
سوا سگهہ ساٿيون صدائون ڪيون سون،
خدا وٽ ۽ خلقِ خدا وٽ وڃون،
خطا چا خطا تي خطائون ڪيون سون،

ϖ

تارا چنڊ گگن جا،
عضوا انگ بدن جا،
اهڙي ريت اسان جا،
هڙئي هيج وطن جا،

ϖ

عضوا انگ بدن جا،
سعيا سهج سخن جا،
اهڙي ريت اسان جا،

هـڙئي هيـج وطن جا

ϖ

ڪوڙ ڪارونيار ۾ چمڪي ٿو سچ
اند انـدوڪار ۾ چمڪي ٿو سچ
مال ڌن چاهن ٿا ڳڻ کي ڳم ڪجي
سورن جي چمڪار ۾ چمڪي ٿو سچ

ϖ

بيـنڪ ناهيان نہ بند ٺـوڙي
دور – دفتر ڦُريو پيـو آهيان
عمر عيش ۾ هئي نہ عيدن ۾
جـرجلن ۾ مگر جيو آهيان

ϖ

ڪيڏو نہ امن عدل لئہ جڳ منظر بہ آهي
چا ڪار ساز ڦهرن کان بيخبر بہ آهي
ڪو آسمان تان ڳائي ” بارود ڏوڙ تي ويا“
ان کان وڏيڪ نغمو ڪو معتبر بہ آهي

ϖ

سڏيو فلاڻو فلاڻو اچي بيان ڏئي
اجان انهن کان سياڻو اچي بيان ڏئي
نئون ڪو لفظ يا جملو ٿئو سمجهي ان کي
تہ بار بار پراڻو اچي بيـان ڏئي

ϖ

جلسو جلوس ٿئي ڪو ڪجهہ ڏُڪڏُڪي وڃايو
اخبار ۾ بيان ۽ فوٽا نوان ڇپايو
ڪو يا ٻارهين ڪو تيرهينءَ جو جلسو
اتحاد لئہ دڙي سن هالا سکر سڏايو

ϖ

اسان ڏرتي بنائي جان جي جاني، ڪتي آهي،
جي جاني آ تہ جاني لاءِ قرباني، ڪتي آهي،
سَوڙ هرڪو ٿو سوري پاڻ ڏي شاعر هجي ليڊر،
ڪيون پيا ذات جي، تر نگهباني، ڪتي آهي،

ϖ

رکي سر اچان تريءَ تعمير زندگيءَ لئہ،
اهو شرط لازمي آ، مضبوط عاشقيءَ لئہ،
توکي شوق آ تہ خوشبو پلي ورچ رات راڻي،
مون تي فرض آ پران مان سچي عمر رشنيءَ لئہ،

ϖ

دعا کي سنياري، دوا کي پُڪاريو،
سڏيو خلق کي ۽ سيا کي پُڪاريو،
اڙيو آ اويڙو، تري ڪيئن بہ بيڙو،
خدا کان وٺي ناخدا کي پُڪاريو،

ϖ

لفظ جيڪي صبح جي خوشبو جا سپنا ٿا ڏسن،
اوسني ڪوهيڙ جي گهيري ۾ اڙجيو ٿا وڃن،
لفظ جيڪي آرزو گجرا ڪري جوڙي ٿي پئي،
جُستجو جي جرم ۾ سي هٿڪڙيون بنجن وڃن،

ϖ

ڪلي ڳوڙها نہ اُڳهہ چالاڪ جي هيءَ چال چاتل آ،
انهيءَ هٿ سان نہ اُگهہ قاتل، اهو منهنجو سُچاتل آ،
چون ٿا ظلم قائم آ رڳو ظالم بدلبو آ،
اهو چولو تہ لاٿل آ جو تنهنجي تن تي پاتل آ،

ϖ

چهجي چهجي چٽجي ويو آ،
سچ گهاٽي ۾ ته به جي ويو آ،
صاف ڪرايو ڪَنَ جون پاڙون،
ڪوڙ چچڙ تي چنبڙي ويو آ.

ϖ

هن ڌرتي جو هڪ هڪ واڪو،
مون وٽ سمجھ امانت آهي،
واپس ڏيان تو، پر ڪو پُٽڪو،
ڏر او ڏات، خيانت آهي،

ϖ

جتي لوڙ آهي اتي ووڙ آهي،
هي جيون ته جوکم ۾ ڪوڙ آهي،
هي قومن جي قومن سان دنيا جي دڳ تي،
سما تُنهنجي سامهون وڏي ڊوڙ آهي،

ϖ

سج لهي پر چنڊ نه ايري چا ٿا سمجھو،
باقي تارا جهڙ تو جڪڙي چا ٿا سمجھو،
سيڪ اڳيئي سيم وڪوڙي ويو آهي،
مينهن وسي پيو، ٻوڏ تي ٻوڙي، چا ٿا سمجھو،

ϖ

جيڪو ڪائنات جو الله آ،
سو بيحد وڏو بيپرواهه آ،
لچن زلزلن ۾ لکين ساهه – آهون،
مگر واهُ جي مُنهن ۾ واهواهه آ،

ϖ

تقدير ميون، ڪير پو مخيار آهي،
ڪو غوث ته ڪو رند گهنگار آهي،
مظلوم حسين آهي، ته ظالم شمر،
ڪنهن سونپيو اداڪار کي ڪردار آهي،

ϖ

ارادي جو معراج امڪان آهي،
جيئن عربي ٻوليءَ جو قرآن آهي،
خدا نه ته خدا جو خليفو وڏو پر،
نگهبان هن جڳ جو انسان آهي،

ϖ

کُٽي ويو تيل، وَٽ ويئي سُڪي آهي،
رڳو ڦڙڪا هڻي، ڦتڪڻ ڏکيو آهي،
نه مهينن جي نه هفتن جي وٿي آهي،
اڄوڪي ڏينهن ۾ جيئڻ ڏکيو آهي،

ϖ

ڇيو پائر مها ساگر وڏو آهي مگر مون لئه،
هي ٿورو يا گهڻو جيڪو وسي تو مينهن سيڪجهه آ،
ڇيو شاعر، زمانو اڻ ڪٿيو آهي، مگر مون لئه،
هندورو آهي يا ڪُرو، اڄوڪو ڏينهن سيڪجهه آ،

ϖ

قطارون لڳائي ڇڏيو ڪوشش جون،
ڪليدون بنائي وجهو قسمتن جون،
ٽڪيون پهريون ناهن، نين جو تياريون،
هشياريون وڌائي ڇڏيو هُمتن جون،

ϖ

اوندهہ کي خبر آ تہ مان آڙاهہ آهيان،
آڙاهہ کي سڌ آهي تہ دريا آهيان،
جمدوت بہ ناهيان مگر اي قاتل توڏي،
عزريل ڪري موڪليو الله آهيان،

ϖ

تنهنجي هٿ ۾ ڦهري ڦٽڪا،
مون وٽ سُهرا ڪِرٽا آهن،
تون جت ڪڙڪين ريهون سڏُڪا،
مان جت گونجان جهِرٽا آهن،

ϖ

خيالن جي اکين تان ڪوپيو لٿو،
تہ منهنجو نئون نئون نور نکري پيو،
نئون سج، نئين سر، نئون سوجهرو،
نَون آسمانن تي اُڀري پيو،

ϖ

هڪ موقعو سونو موقعو هو، وسري ئي ٿو،
هر لمحو سهٽو تحفو هو، وسري ئي ٿو،
اک جو اک کي سڪٽو محض، سلام نہ هو،
چپ تي چپ جو ٺپو هو، وسري ئي نٿو،

ϖ

نانءُ تنهنجو وٺي شاعري ٿو ڪريان،
نانءُ تنهنجو اکر آخري ٿو ڪريان،
جيترو وڌ ۾ وڌ ڪير سوچي سگهي،
آءُ تنهنجي ثنا ايتري ٿو ڪريان،

ϖ

مون کي نہ زمانو ٿو نڌٽڪو گهرجي،
قدرت جو قسم آهي تہ ڌٽڪو گهرجي،

مان ڪاٿي ٿو ناڪار ڪريان او ناصح،
ڏڻ آهي تہ ڏڻوال هُجڻ ڪو گهرجي،

ϖ

قربداريءَ جي تور ڪير ڪري،
هانءَ هاريءَ جي تور ڪير ڪري،
هلڪڙي دوستي بہ ٿيندي آ،
بردباريءَ جي تور ڪير ڪري،

ϖ

باغ، وڻ توري سگهان ٿو،
گل جي سُرهڻ ڪيئن توريان،
سون – مڻ توري سگهان ٿو،
ماسو چمڪڻ ڪيئن توريان،

ϖ

شاهہ ڀٽائيءَ جهڙي رهبر شاعر جي هن طالب کي،
ڏينهن سڄوئي چو تہ الائي بي حد سرمد ياد آيو،
غالب، مومن، اصغر، اڪبر، فيض ۽ جالب جي بدران،
رات سموري حيرت جهڙو هر هر امجد ياد آيو،

ϖ

تعريف تنهنجي مون کان پوري نہ ٿي سگهي،
توڙي جو پاڻ تو بہ چيو ٿي، وڏاءُ آ،
استاد کي پهاڙ نہ سمجهو، جي سمجهو ٿا،
چوٽيءَ تي برف آهي، اندر اُلاءُ آ،

ϖ

تنهنجو پيار ڪٽوريءَ وانگر،
بعضي ساڙي ڪوريءَ ونگر،
ڪا تہ ڪيمہ پي ڳالهہ بخاري،

اڏ ۾ ڇڏيم اٽپوريءَ وانگر،

ϖ

زندگيءَ ڪا هيرَ ناهي جو گُهلي، گذري وڃي،
زندگيءَ ڪا پاٽي- پکي ناهي اچي، اُڏري وڃي،
زندگيءَ ڪو فصل ناهي، جو پچي، لُبجي وڃي،
زندگيءَ جُڳ جُڳ جوان، جي سِجُ تي اُڀري وڃي،

ϖ

فڪر ۾ ٻوڙي نہ – ڪُتٽي آرزو،
گيت ۾ گونجي جُڳن جي گفتگو،
جستجو ۾ مان مري ويندس تہ ڇا،
زندگيءَ جي پو بہ رهندي جستجو،

ϖ

گندگي ۾ زندگي گهاري وڃڻ سولي نہ آ،
گهارجي ويندي بہ، اوجاري وڃڻ سولي نہ آ،
وير، واري، واءَ تي شاين نِشان اُڪري وڃي،
وات تي پَر بات بيهاري وڃڻ سولي نہ آ،

ϖ

روز ڇيهون ڇيهون چوري زندگي،
پو بہ نِت نِت نئين نڪوري زندگي،
جي گُهسي ايندي تہ پو پُچندي بہ ڪانہ،
جي رُسي ويندي تہ زوري زندگي،

ϖ

ٻَجنسي باهہ ٻَٽي آهي، مان چوان نہ چوان،
حياتي پوءِ بہ مِٽي آهي، مان چوانہ نہ چوان،
ڪري پئي اڳ ماتم، تڪي پئي عيد اڳيان،
بخاريءَ زندگي هي آهي، مان چوان نہ چوان،

ϖ

ڪنيون سِر اڇان ترِيءَ تي تعمير زندگيءَ لئہ،
دستور هي پڪو آ، مضبوط عاشقيءَ لئہ،
توکي شوق آهي خوشبو پلي ورچ رات راڻي،
مون تي فرض آ ٻرڻ جو سچي عُمر روشني لئہ،

ϖ

زندگي اهڙيءَ طرح گذري وئي،
ڪئي چڱايون، ڪي مَتايون تي ويون –
ڳالهہ منهنجي ميڙ ۾ نڪري وئي،
تيهہ نيڪيون، تي گلائون تي ويون –

ϖ

زندگي، هاريءَ ڇيو ٻوٽو تہ هو،
موت جهولي، لُوهہ جو جهوٽو تہ هو،
زندگي، ماليءَ ڇيو، موتيو ڪڙيو،
موت، رهزن هٿ جو انيوٽو تہ هو،

ϖ

ٿَڪا نيڻ ڪاٽي، نهاريان تو پيو،
سُتي سوچ ناهي، سنڀاريان تو پيو،
وٽي سونهن کي سِڪَ جو پڇتاءُ تو،
تڏهن توبہ توبہ تواريان تو پيو،

ϖ

آئي رات انڌاري تَر تي،
ماٺ مَچ مچايا دَر دَر،
ڪارو اُڀ اوڳاڇي ڪارنهن،
تاڙا ڦاڙي ڳُهوري ڳهر ڳهر،

ϖ

وَڏ ڦُڙو تي باهه وسي جي،
اگني بنجي آب ٻري پو،
چولي چولي شعلو ٿئي جي،
ڪُرڙي ڪُرڙي ڪيئن ڪري پو،

ϖ

سمي صحرا، سمي دريا اسين آهيون،
ڪڏهن ترسيا، ڪڏهن ڊوڙيا اسين آهيون -
اُتن اوتر، گجن گاجُون، وُهن واهُڙ-
تڏهن سمجهو ته ڪجهه تڙپيا اسين آهيون،

ϖ

ليليٰ سان ڪيئي پيار او مجنون چا ٿيو،
اکرن سان رکڻ چاهه وڏي مشڪل آ،
مُردن ۾ وڌئي ساهه او عيسيٰ چا ٿيو،
لفظن ۾ وِجهڻ ساهُ وڏي مشڪل آ،

ϖ

دل پنهنجي ڪڏي پيش ڪري ڪين سگهيس،
لک شڪر ته – تي شعر ته ڳائي تو سگهان،
جا ذهن ۾ تصوير چِڪي ڪين سگهيس،
بس چند لڪيرون ئي ته پائي سگهان،

ϖ

مرغوب تخلص جو ليڻ آسان آهه،
پر شاعر محبوب ٿيڻ مشڪل آهه،
اخبار ۽ ڪتابن ۾ اچڻ آسان آهه،
پر قوم جي سيني ۾ رهن مشڪل آهه،

ϖ

تسليم تہ هٿ توکي لڳي ويا هيرا،
ٺيڪ آهي تہ مون جهول ۾ ميڙيون ڪوڏيون –
اونده ٿي ٿئي، پَڄُ تہ ٿيون منزل پيڙا،
”تون روز يا مان روز“ جا هيرا چو ڏيون،

ϖ

ڪيئن سال خزان جنهن کي اُجاڙيو آهي،
چا نغما چوي اهڙي چمن جو شاعر،
هيٺن کي جتي ڏاڍ لتاڙيو آهي،
چا شعر چوي اهڙي وطن جو شاعر،

ϖ

بهار آهه، ضروري آهه، رُت حسين آهي،
تڏهن بہ تيز هوا، ڌُوڙ – گڏ گهلي ٿي پئي،
اسان جي ڀاڱ کي جيڪا ملي زمين آهي،
اُتي بهار خزان سان ملي جُلي ٿي پئي،

ϖ

خزان بہ پنهنجي وطن جي بهار ٿا پائيون،
بهار پنهنجي وطن جي مڃي تہ چا چئجي،
جتي اکين ۾ چُڀن خار، هارَ ٿا پائيون،
اُتي گلاب ۽ موتيو کلي تہ چا چئجي،

ϖ

”ڪِت ڪِت“ جي ڪري تہ گد گد ئي ٿيو،
”ڇُهندي، جي هٽي ڪير تہ ايذاءُ ايندو،
”مُرڪن“ کي ڏسي پاڻ موڙڪي ئي ڏٻو،
”ڪيهُن“ کي ٻُڌي نيٺ نہ کهڪاءُ ايندو،

ϖ

اوقـات ۽ حالات اوهين روڪيو ٿا،
پر بند ڪندو راهه تہ ٿيلهو ڏيندس،
رفتار جي سُستي تي اوهين ٽوڪيو ٿا،
منزل جي وجي نيٺ پيڙو ڏيندس،

ϖ

مظلومن جي آهُن کي تہ ٺاريو ٿا پر،
طوفان اُٿن جيڪي اهي ڪِٿ رُڪجن،
انسان جي جذبن کي ڏڪاريو ٿا پر،
ٿيلهن سان ڪٿي سمنڊ جون موجون موٽن،

ϖ

استاد چڙي ڏينس، پراٺو ساڳيو،
منصور ۽ مُلا جو هي قصو آهي،
انسان جو انسان سان آهي جهيڙو،
مان ڪيئن چڙيا منهنجو بہ حصو آهي،

ϖ

ڪُوڙ پکنڊڙ آ، هَتي پکندو ضرور،
هن کي روڪي روڪبو ڪيتر پلاءِ،
سچ ڪُتنڊڙ آ، ڪُتي وٺندو ضروري،
هن کي ٽوڪي ٽوڪبو ڪيتر پلاءِ

ϖ

مان پين وانگر اکيون پوٽي سمهان،
رات جي تارن کي تڙپائيندو ڪير،
مان بہ جي مدهوش ٿي ليٽي پوان،
پرِهہ جا پيغام پهچائيندو ڪير،

ϖ

رات کي پنهنجي اوندهہ جو نشو،

ڏينهن پنهنجي ڪار ڪي پيو آ لڳو،
رات جي تارن جي پويان لٽ ڪنيو،
ڏينهن جو تارو اڃي ٿو پيو پڳو،

ϖ

ڇا ٻه هو ليڪن لنگهي ”ماضي“ ويو،
”حال“ ڪي مُنهن تي پگهر سهڪي پيو،
دوست، مستقبل“ ڏي ٿورو اڪ ڪٿو،
مُرڪ مُنهن تي ۽ سڄو ٻهڪي پيو،

ϖ

اسان ڪي فلسفو سائين، خوشي غم جو نہ سمجهايو،
کلڻ آيو تہ کلنداسين، روئڻ آيو تہ روئينداسين،
حيات ۽ موت جي ڇيڙي مسئلن ڪي نہ ڏيڇاريو،
حياتي آ تہ جيئنداسين، جي موت آيو تہ مرنداسين،

ϖ

ستارن جي چمڪ جنهن جي جگر ڪي ڪيئن گرمائي،
اها بي حس نيلي آسمان جي ڇت نہ آهيان مان،
گلن جو رنگ ويو جنهن جي نظر ۾ خون نہ تڙپائي،
اها ڪنهن باغ ۾ بيٺل سِرن جي پت نہ آهيان مان،

ϖ

اڇا، ڪارا، برهمڻ، پيل، هي ۾ هُو الڳ ليڪن،
اکين توڙي ڇپن تن جي ۾ ساڳيون قدرتون آهن،
جهنم آهہ، تن جو هڪڙو هڪڙو لڙڪ جي روئن،
جي مرڪن ٿا تہ هڪ هڪ مُرڪ ڏهہ جنتون آهن،

ϖ

نہ جي ڪو حق وٺندو ۽ نہ جي ڪنهن حال بدلايو،
تہ ان ۾ ملڪ ۽ ماحول جو ڪو ڏوهہ پي ناهي،
ڪڏهن سج آيو آ سنيري، جو ان ڪي رات موٽايو،

هو پنهنجي وقت تي ايندو تہ ان ۾ رات جو چاهي،

ϖ

پنهنجي وڏ ۾ وڏ سٺي ماحول لاءِ،
ڪوششون ۽ تجربا هر هر ڪبا،
الوداع، هر شب گذشتہ الوداع،
مرحبا، هر صبح روشن مرحبا،

ϖ

هڪ زمين، هڪ آسمان، هڪ گهر هجي،
هڪ آمڙ، هڪ پيءُ، هڪڙو ئي خدا،
”لٺ هڻئي پاڻي نہ پاڻيءَ کان ڇڇي،“
ڇو ٿئي انسان، انسان کان جدا،

ϖ

نيڪ ناهي وقت جا عالم پناهہ،
ڪنهن بہ پوري قوم تي ڏاڍو هٽڻ،
ڏس، نہ ٿي تاريخ بخشي هي گناهہ،
ڪُوهہ تان ”هڪ پانهن“ پُوساتي ڪٽڻ،

ϖ

زور جو زنجير پانُهن ۾ پُجهي،
زور جي ميندي ڪڏهن ناهي لڳي،
ڪوٽ ناهي جو ڊنو پيهر ٿهي،
بادشاهو، ڪٽ ٿهي تي دل لڳي،

ϖ

بند ڪوٺي ۾ غلامي آ لِڪي،
در تي آزادي هٽي بيٺي ٿريون،
”يا تہ نڪري پيش پئو پاڻهئي اچي،
يا تہ پچٽا پوندا دروازا، دريون“

ϖ

ظلم ڏس دوڏا پٽيو ويٺو ٽَڪي،
عدل پائي پيو وِٽين مان جهاتڙيون –
ظلم پيو نشي ۾ چا جو چا بَڪي،
عدل ويٺو ٿو لَنوي ڪي لاتَڙيون –

ϖ

ڪيترين معصوم مرڪن جي اپيل،
ساري دنيا ڪي سڏي سرگس ڪيان،
ڪيترن مظلوم لڙڪن جي اپيل،
پوري عالم ڪي وٺي ماتم ڪيان،

ϖ

ڪيترن ڪمزور هٿن جي شڪست،
ڏاڍ ڪي چٽڙيو ڪري ڦاڙي ڇڏيان،
ڪيترن شهروز چَنبن جي گرفت،
ظلم ڪي ذرڙيون ڪري ساڙي ڇڏيان،

ϖ

ڏينهن جو ٿئي ته چا سڏيو ان ڪي،
رات ڪي ڏينهن ٿا سڏيو ويٺا،
مينهن شايد اوهان ڏٺا ناهن،
ماڪ مينهن ٿا سڏيو ويٺا،

ϖ

ڪوٽ آ عقل جي خزاني ۾،
”نوٽ“ ڪي نيڻهن ٿا سڏايو ويٺا،
قرب جي وصف ٿا ڪريون ”ڪانئر“
زور ڪي شينهن ٿا سڏيون ويٺا،

ϖ

گوڙ گهمسان، لُڙ نہ جُهڙ جهاتيون،
بعضي طوفان ائين بہ ايـنَدو آ،
ذات يا بات ڏي نہ ڏسندو آهہ،
ڏات ڏاتـر ائـين بہ ايـنَدو آ،

ϖ

ريءَ دوا، ريءَ علاج، ريءَ پـرهيز،
درد دل جو ائين بہ ويـندو آهہ،
جـا نہ ٽيٽـي اها ٽئي استاد،
زندگيءَ ۾ ائـين بہ ٽـيندو آهہ،

ϖ

ڪيـر روئـي ٻـُتن اڳـيان ٻيهـي،
ڪنهن کي اکيون هجن ڀلا ڪوڙيون،
ڪير ڪُوڪون ڪري ڪٺي ڪيڏيون،
ڇـو ٻـُڌن هـي ڀلا پٿـيون ٻُـوڙيون،

ϖ

آسمان ڏُور ۽ زميـن ٽـامون،
پير پنهنجا ڏسيو ڪٿي کوڙيون،
ڪا تہ پنهنجي هٿان پئي آهـي،
جنهن جي استاد ٽـا سزا لوڙيـو،

ϖ

ڪپڙي جو جُهنڊ ۽ عنيڪ پائي،
طوفان ڪي ان طرح هٿائڻ ۾ چا،
دروازا ڪـري بند ۽ اکيون ٻـوٽي،
ٻــريات کي اڏ رات بنـائڻ ۾ چا،

ϖ

اسان جو احتجاج آهي انهن وٽ،
نہ مردهہ دل، مگر زنده دلن وٽ،
اچو سڀ مُنهہ ڏسو انسانيت جو،
دمِ انسانيت آهي ڇپن وٽ،

ϖ

لکين ماڻهو مَرن پئسي جي هوتي،
ڪروڙين خرچجن ڊلر بمن تي،
ٿئي تي اک لڄي انسانيت جي،
اسان جي غير انساني ڪمن تي،

# پورو ٿيو.